


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# هي سچڻ سڀئي

(ڪتابِ ميرداد)

## ميخائيل نعيمي

سنڌيڪار

ڊاڪٽر اي ڪي پنجواڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌي ترجمي جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

كتاب جو نالو: هي سچڻ سيڻي
ليکڪ: ميخائيل نعيمي
سنڌيڪار: ڊاڪٽر اي ڪي پنجواڻي
كتاب نمبر: ١٥
سال: ڊسمبر ٢٠٠٠
ڇپائيندڙ: سنڌ ادبي اڪيڊمي،
شيخ سلطان ٽرسٽ بلڊنگ،
سول لائينز، ڪراچي.
فون نمبر: 5683147، 7782597
ڇاپيندڙ: الجنت پريس، ڪراچي.
پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

سنڌ ادبي اڪيڊمي ، ڪراچي

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ترتيب


| | |
|---|---|
| ٻه اکر | 5 |
| ڪتاب ڪهاڻي | 8 |
| قيدي راهب | |
| چقمق واري لاهي | 19 |
| ڪتاب جو محافظ | 24 |
| ڪتاب | 36 |
| 1. ميرداد پنهنجو پاڻ کي ظاهر ڪري ٿو | |
| 2. تخليقي اسم جي بابت | 53 |
| 3. پاڪ ٽڪنڊو ۽ مڪمل توازن | 57 |
| 4. انسان ٻنڌڻ ۾ ويڙهيل هڪ رب آهي | 62 |
| 5. ڪيين ۽ آبشار بابت | 64 |
| 6. خادم ۽ مخدوم جي باري ۾ | 66 |
| 7. ميڪايون ۽ نروندا جي ميرداد سان گفتگو | 71 |
| 8. ست ئي ساٿي ميرداد کي جبل جي رهائش ۾ ڳولين ٿا | 74 |
| 9. بنا غم جي زندگي گهارڻ | 80 |
| 10. فيصلي ۽ فيصلي جي ڏينهن بابت | 85 |
| 11. محبت خدائي قانون آهي | 87 |
| 12. تخليقي خاموشي بابت | 93 |
| 13. دعا بابت | 102 |
| 14. فرشتن ۽ جنتن جي وچ ۾ گفتگو | 106 |
| 15. ميرداد کي ٻيڙي مان ٻاهر ڪڍڻ لاءِ شمادم جي ڪوشش | 113 |
| | 118 |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

16. شاهوڪارن ۽ قرضدارن بابت 124
17. شمادم رشوت جو سهارو وٺي ٿو 129
18. همبال جي پيءُ جو موت 131
19. ذليل ۽ يقين 138
20. اسان مري ڪيڏانهن ٿا وڃون 142
21. پاڪ ڪل رضا 145
22. رمورا کي ان جي راز ڪان سرخرو ڪرڻ 151
23. سر سر جو مرض ختم ڪرڻ 160
24. ڇا ڪائڻ لاءِ مارڻ لازم آهي 166
25. ڏاک ول جو ڏينهن 171
26. واعظ 175
27. حقيقت جي تعليم جا حقدار 186
28. ٻتحار جو سلطان 192
29. شمادم جي پنهنجي ساٿين جي دل وٺڻ جي ناڪام ڪوشش 202
30. ميڪايون جو خواب 211
31. عظيم افسردگي 216
32. گناهه ۽ حجاب 222
33. لاثاني ڳالهيءَ بابت 232
34. ماءُ بيدي (زمين) بابت 241
35. خدا جي راهه ۾ روشني جا ڪرڻا 250
36. ٻيڙيءَ جو ڏينهن 258
37. مرشد جي ماڻهن کي تنبيهه 263

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پبلشر

سنڌ ادبي اڪيڊميءَ جي اها ڪوشش رهي آهي ته اسين پڙهندڙن کي نه صرف سسني تفريح وارو ادب پڙهايون، پر اهڙو ادب پڙهڻ لاءِ ڏيون، جنهن مان سندن حياتيءَ ۾ خاطر خواهه اضافو ٿئي، سندن ذهن کي ڪا ڏونگاڙ، ڀلي هلڪي ئي سهي، سوچڻ ڏانهن مائل ڪري ته اسان جي محنت سجائي ٿئي. اهي ڪتاب ئي آهن جيڪي ماڻهوءَ کي پاڻ جي ڄاڻ ڏين ٿا. هونءَ اڄڪلهه ڄاڻ جا اليڪٽرانڪ ادارا به آهن، جن وسيلي به ڪن تازه ترين ڪوڄنائن جي بروقت پروڙ پئجي وڃي ٿي. پر اسان جي نظر ۾ اسان جو ملڪ ۽ اسان جا ماڻهو اڃان اهڙي صورتحال تي نه پهتا آهن جو اليڪٽرانڪ ميڊيا هر وقت ۽ هر هنڌ پاڻ سان کڻي گهمي سگهن. ان ڪري ۾ ڪتاب اڃان ڪافي سستو ۽ هر وقت ساڻ رکڻ آسان ترين آهي "هي سچڻ سيئي" (ڪتاب ميرداد) دراصل ميخائيل نعيميءَ جي هڪ درجي ڪان به مٿي ڪتابن مان هڪ ڪتاب آهي. جيڪو سنڌس ئي نظر ۾ بهترين ڪتاب آهي. جيڪو هن جبران خليل جبران جي ڪتاب پيغامبر (THE PROPHET) جي طرز تي لکيو آهي. جيڪو جڏهن ڇپجي پڌرو ٿيو هو ته ان وقت ئي ڪافي مقبوليت ماڻي چڪو هو. تنهن ڪري ئي ميخائيل نعيميءَ پاڻ ئي اهو ڪتاب



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عربي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيو هو، جاڪاڻ تہ اصل ۾ انگريزي ٻوليءَ ۾ لکيو ويو هو. مان اوهان جو وقت مبخانيل نعيميءَ جي تعارف ۾ نہ ٿو وڃائڻ چاهيان جو اهو سڀ لفظ ۾ سيوا سنگهہ ڪرائي چڪو آهي. جڏهن هي ڪتاب مون کي پڙهڻ واسطي مليو هو. سال ١٩٩٩ع ۾ نہ ڪتاب پڙهندي مانهوءَ جي خواهش ٻڌندي آهي تہ ڪنهن بہ بهترين جملي کي انڊر لائين (نمايان ڪرڻ لاءِ ليڪ) ڪري، پر مون کي اهڙو ڪوبہ جملو نہ پئي سمجهيو جنهن کي انڊرلائين نہ ڪريان. تڏهن منهنجي اندر ۾ ان ڪتاب کي ترجمو ڪرڻ جي خواهش ڪَرُ ڪنيون. پر جيئن تہ مان اڳ ئي "سرمد شهيد" تي هڪڙو ڪتاب ترجمو ڪري رهيو هوس، تنهن ڪري.، منهن جي دوست ۽ ساٿي اي.ڪي پنجواڻيءَ ان کي ترجمو ڪرڻ شروع ڪري ڏنو. هي سندس پهرين ڪوشش هئي، انگريزي ٻولي ۽ گرامر جون چڪون هيون. پر جڏهن اها پروور مون کي پئي تہ مون سندس همت افزائي ڪئي تہ توهان اهو ترجمو ضرور ڪريو، پوءِ مان ان جي ٻولي ۽ گرامر سڌاريندس سنواريندس. نيٺ پنجواڻي صاحب اهو ترجمو پورو ڪري ورتو ۽ مون وارو ڪم اڃان رهجي ويو. ان عرصي دوران خدا جي ڪرڻي جو علي راز شر ۽ پروفيسر ڪنعيا لال، پنجواڻي صاحب سان ملڻ آيا تہ هنن بہ ان ڪتاب جو ذڪر ڪندي چيس تہ اهو ڪتاب علي راز شر ترجمو ڪرڻ ٿو گهري. تنهن تي پنجواڻي صاحب کين نہ صرف ٻڌايو تہ مان اهو ترجمو ڪري چڪو آهيان پر اصل حقيقت کان واقف بہ ڪيائين. تنهن تي علي راز شر ان ڪتاب جي ٻولي ۽ گرامر سڌارڻ سنوارڻ جي حامي ڀري. ڪيس لک شاباشون هجن، جنهن هن ڪتاب کي ڇپڻ ۽ اوهان جي هٿن تائين پهچائڻ جوڳو بڻايو. ادارو انهن ٻنهي صاحبن جو ٿورائتو آهي.

هي ڪتاب راڌا سوامي ست سنگ بياس وارن نہ صرف هنديءَ پر ان جو اردو ۽ پنجابيءَ ۾ ترجمو ڪرائي ڇاپي پڌرو ڪيو آهي. هي سنڌي ترجمو اردو ڪتاب تان ڪيو ويو آهي. اسين راڌا سوامي ست سنگ بياس وارن جا نهايت ٿورائتا آهيون، جن اسان کي اهڙو املهہ ڪتاب پڙهڻ لاءِ فراهم ڪيو ۽ سنڌ ادبي اڪيڊمي ڪراچيءَ سنڌي ۾ ڇاپي اوهان تائين پهچايو آهي. اسان کي پوري پڪ آهي تہ موضوع جي اعتبار کان هي ڪتاب



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڙهندڙن کي بيحد پسند ايندو.

ڪتاب جو عنوان، "هي سجڻ سيئي سانگي وڏيڪ موضون لڳو، هو عنوان اسان شاهه لطيف جي هيٺئين بيت تان کنيو اهي

"هي سجڻ سيني، جي مون ڪوڏ نهاريا،
ايندا حان ڀيهي، سڀ لاهيندا ڏکڙا "

پڙهندڙ جڏهن هي ڪتاب پڙهندا ته کين اهو احساس ٿيندو ته شمادم کي جيڪا ذميواري ڪتاب جي سنڀال لاءِ سونپي وئي هئي، اهو ڪردار يا ماڻهو جڏهن اچي ٿو وچي ۽ پنهنجو اظهار ٿو ڪري ته خود شمادم به اها ڳالهه محسوس ٿو ڪري ته هي اهو ئي ماڻهو آهي، جنهن لاءِ مون کي تاڪيد ڪيو هو ۽ مون کي زندگيءَ جي سزا ڀوڳڻي پئي. اميد ته هي عنوان اوهان کي ڪتاب جي موضوع سان ٺهڪندڙ نظر ايندو.

ستار

۱۴-ڊي. گلشن ڪامپليڪس
گلستان جوهر جوهر. بلاڪ-۱۹
راشد منهاس روڊ
ڪراچي ۴۲۹۰.

تاريخ: ۱۹ جون ۲۰۰۰

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ظاهر آهي تہ ان جي شروعات هڪ ناول جيان آهي، جيڪو پراسرار بہ آهي ۽ دلچسپ بہ. خانقاه جو سردار جيڪو هڪ ڏکھي عرصي کان خانقاه جي ويران احاطي ۾ پٽڪي رهيو هو، جا لفظ تہ هو هڪ مدت کان ڪنهن اهڙي شخص جي انتظار ۾ هو جيڪو هن جيان بکايل، اجايل، اگهاڙو، ٽڪل ٽٽل بغير ڪنهن سهاري جي پهاڙ جي چوٽيءَ تي پهچي تہ جيئن هو کيس ڪتاب ميرداد ڏئي. جيڪو دنيا جي لاءِ شايع ڪرڻو آهي، پنهنجي فرض کان آجو ٿي سگهي. پڙهندڙن جي دل ۾ هڪ عجيب قسم جي اڄ ۽ اشتياق پيدا ڪري ڇڏين ٿا.

"ڪتابِ ميرداد" جي مطالعي سان شڪ شبهي جي ڪا گنجائش نہ ٿي رهي تہ ڪتاب زياده تر روحانيت جي ترغيب ڏيڻ واري واعظ سان لبريز آهي. ان کان سواءِ ان ۾ ڊرامائي مقالمہ واقع قدرتي نظارن جي عڪاسي ۽ نظمن کي نهايت خوبيءَ سان ڪتب سان آندو ويو آهي، جنهن سان هي ڪتاب رنگ برنگي فن پارن جو هڪ هار ٺجي پيو آهي. ڪيترن جڳهن تي واعظ ۾ فلسفي ۽ روحانيت جي معاملن جي گهرائيءَ ۽ باريڪي تيز فهم پڙهندڙ لاءِ بہ سمجهہ کان ٻاهر ٿيو وڃي. پر اڇوتي خيالي داؤ پيچ ۽ برعڪس طرزِ بيان سان پڙهندڙ ان جي مطالعي ۾ وڃائجي وڃي ٿو. ڪنهن جملي يا پيراگراف کي هر هر پڙهڻ سان ان جي دل نئي پرجي ۽ هن کي هڪ عجيب سرور جو احساس ٿئي ٿو.

نعيميءَ جي هيءَ لکڻي عالمِ ادب ۾ شايد واحد اهڙي تخليق آهي، جنهن جو اهم ڪردار هڪ ڪامل مرشد آهي. ميرداد رب تائين رسائي حاصل ڪئي آهي، جيڪو هر انسان جي اندر آهي ۽ اسم اعظم (شبد روپ) آهي ۽ ان جي زندگي جو واحد مقصد حق جي ڳولها وارن کي ان سان ملائڻ آهي. ڪتاب جي آخري باب ۾ "پيڙي واري ڏينهن" جي ساليانی ڏڻ جي موقعي تي پيڙيءَ ۾ گڏ ٿيل هڪ وڏي انساني ميڙ کي خطاب ڪندي چوي ٿو: "انسان جي منزل رب آهي، ان کان ڪمتر ٻي ڪا منزل ناهي. جنهن جي لاءِ انسان ڏولاوا سهي. هي اهو ڪم آهي، جيڪو توهان کي ازل کان سونپيو ويو آهي تہ جيئن توهان بحرِ بيڪنار جو سفر طئي ڪري سگهو. جيڪو توهان پاڻ آهيو ۽ اڻ ۾ اُن هستيءَ سان جنهن جو نالو رب آهي، بي آواز

لاڳاپو قائم ڪري سگهو. پر انسان کي ان جي منزل تائين وٺي وڃڻ ميرداد جو ڪم آهي."

ميرداد غيبي طاقت عرفان تسليم رضا معافي محبت ۽ عاجزيءَ جو مجسم آهي. اهي مرشد ڪامل جون نمايان خصلتون آهن. هن جي عاجزي انا جي نفي جوڻ نهايت موزون ٿيندو. پر ان کان وڌ ان جي عاجزي جي انتها ان ڳالهه مان ثابت ٿئي ٿي جيڪا ڪتاب جي ڪهاڻيءَ ۾ ڪتاب جي محافظ جي بيان تيل. ان واقعي مان ظاهر آهي تہ جڏهن ٻيڙي جي سردار شمادم جي منهن تي ٿڪڻ تي بہ هن جي دل جي پرسڪون بحر ۾ ڪاوڙ جو هڪ بوٽيو بہ نہ ڦٽو.

هن ڪتاب ۾ اهڙي ڪردار جو تصور آهي، جنهن ۾ ڪامل درويش واريون سڀ خصلتون نمايان آهن ۽ جنهن جي تعليم ڪامل فقيرن جي تعليم سان مطابقت رکي ٿي. ليڪڪ ميرداد جي شخصيت جي ذريعي روحاني فلسفي کي جنهن انداز ۾ پيش ڪيو آهي، نهايت مؤثر ۽ دلڪش آهي. هن ڪتاب ۾ بيان ڪيل فلسفي تي عرب ملڪن جي پراڻن ڪامل مرشدن جي فلسفي جو گهرو اثر آهي، جنهن جي جهلڪ جابجا نظر اچي ٿي.

ان ڳالهہ کان انڪار نٿو ڪري سگهجي تہ فقير، سنت، مهاتما ڪنهن بہ مذهب، ملڪ، قوم، رنگ، نسل ۽ زماني ۾ جو نہ آيا هجن روحاني مشاهدي ۽ وصالِ خدا جي باري ۾ سڀ جي تعليم هڪجهڙي هوندي آهي. ٻوليءَ ۽ طرز بيان جدا جدا هئڻ هڪ قدرتي امر آهي، پر انهن جي ذريعي بيان ڪيل حقيقت ۽ روحاني تعليم ۾ ڪوئي فرق نہ هوندو آهي. سڀ فقير ان ڳالهہ جي تائيد ۽ تلقين ڪن ٿا تہ انسان ڪامل مرشد کان بيعت وٺي.

"اسم اعظم" جي رياضت جي ذريعي ئي نفس ۽ ماديت جي دائري کان مٿي اٿي ڪري خالص روحاني حدن ۾ رسائي حاصل ڪري سگهي ٿو ۽ روح جيڪو ربِ ڪُل جو جز آهي، جُون جي چڪر کان آزاد ٿي ڪري پنهنجي سرچشمي مان وصال ڪري سگهي ٿو.

سنتن جو سنگ ۽ ٻوءِ ڪنهن مرشد سان ميلاپ انسان جي پنهنجي وس جي ڳالهہ ناهي، جيستائين رب ڪُل جي رضا ۽ نظر ڪرم نہ ٿي ٿئي، ڪوئي بہ انسان پنهنجي عقل جي سهاري تي انهن جي صحبت کان فيضياب



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نورِ حق ظاهر بود اندر ولي نيک بين باشي اگر اهلِ دِلي
(مثنوي رومي صفحو-٣٩)

ان کان سواءِ ميرداد جو هر هر اهو ورجائڻ تہ، "اها تعليم مون نوح کي ڏني هئي، ساڳي تعليم توهان کي ڏيان ٿو." ۽ سائين جي سوال جي جواب ۾ اهو چوڻ: "جذهن بندن ۾ آهيان خدا آهيان، جذهن خدا جي حضور آهيان تہ مان هڪ بندو آهيان." ان حقيقت جي طرف اشارو آهي تہ مرشد خدا جو روپ هوندو آهي، ان جي نظر خدا جي نظر آهي.

ديدنِ او ديدنِ خالق شد ست
(مثنوي رومي صفحو-٣٠٧)

ان جو آواز شاه (خدا) جو آواز آهي، جيتوڻيڪ خدا جي بندي (مرشد ڪامل) جي وات مان نڪري ٿو.

مطلق آن آوازِ خود از شد بود گرچہ از حلقوم عبدالله بود
(مثنوي رومي صفحو-٢١٢)

سائين بلهي شاهہ جو چوڻ آهي تہ محبوب (خدا) هن دنيا ۾ آدميءَ جي شڪل ۾ آيو آهي.

ڍولا آدمي بڻ آيا (فقير محمد، ڪليات ڪافي-٤٠)

حديث ۾ ذڪر آهي: مومن خدا جو آئينو آهي: "المومن مراة الرحمٰن."

مرشد ڪامل جنهن وسيلي سان انسان جو رب سان ميلاپ ڪرائيندو آهي، اهو آهي "اسم اعظم" جي رياضت. اسم اعظم ئي مخلوق جو خالق آهي. ان تي ڪائنات جو مدار آهي. اهو آواز ۽ نور جي لهرن جي صورت ۾ ڪائنات جي ذري ذري ۾ هر انسان جي اندر سمايل آهي.

حضرت شاهہ نياز چوي ٿو: "دنيا ان اسم اعظم جي آواز سان پيدا ٿي آهي، انهيءَ سان دنيا ۾ نور پکڙيو آهي."

عالم از صورت اين ظهور گرفت،
از حضورش بساط نور گرفت
(ديوان نياز بريلوي صفحو-٩١)

گرونانڪ جو چوڻ آهي تہ: هيءَ ساري ڪائنات اسم اعظم ڦهلاءَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دیدنِ رُوي ترا دیده جان مي باید
وین کجا مرتبہ چشم جهان بین من ست.
(دیوانِ حافظ- صفحو۷۷)

پر خدا جي وصال ۾ نفس وڏي جهل آهي. دنيا جي هر شي، زنده پاڪ آهي ۽ مرده پليد، پر نفس زنده پليد آهي ۽ مرده پاڪ- يعني جيستائين نفس نٿو مري يا مغلوب ۽ مطيع نٿو ٿئي سالڪ بارگاه الاهيءَ ۾ رسائي نٿو حاصل ڪري سگهي. مولانا رومي چوي ٿو: مون هستي فنا ۾ پاتي ان لاءِ هستيءَ کي فنا ۾ ويڙهي ڇڏيو."

مطلب تہ "جيستائين نفس زنده رهي ٿو زندگي ۽ موت جي چڪر کان نجات ملي نہ سگهي، نفس جي نفي ڪرڻ سان ئي لافاني زندگي سان همڪنار ٿيس."

من کسي درنا کسي در یافتم،
پس کسي درنا کسي در تا فتم.
(مثنوي رومي صفحو:۱۹۵)

انهيءَ موضوع تي باب اٺويهين ۾ ساني ميرداد کان سوال ڪن ٿا:

"ڇا هڪ خودي (نفس) جي ترديد ۽ بي خودي (اصل ذات جيڪا روح جي آهي) جي تائيد ٿي سگهي ٿي؟" ميرداد چوي ٿو، "ها نفس جي نفي (بي اثر) ڪرڻ حقيقي خودي (اصل ذات) کي اجاگر ڪرڻ آهي."

جڏهن ڪوئي تبديليءَ لاءِ مري وڃي ٿو تہ غير متبادل (جيڪو جمڻ مرڻ ۾ ناهي يعني قائم دائم) ۾ ظاهر ٿي وڃي ٿو. گهڻا ماڻهو وري وري مرڻ لاءِ جيئندا آهن. خوش نصيب اهي آهن، جيڪي جيئڻ (لافاني زندگي حاصل ڪرڻ) لاءِ مرندا آهن. ميرداد جو هي قول حديث جي ترجماني ڪري ٿو. "مُو تو قبل اَنتَ مُوتوا." (مري وڃو ان کان اڳ جو مرو) انهيءَ حديث جي حوالي سان حڪيم سنائي چوي ٿو: "اي دوست! مرڻ کان اڳ مر، جي تون (لافاني) زندگي چاهين ٿو."

بمیر اي دوست پیش از مرگ اگر مي زندگي خواهي."
(مثنوي رومي صفحو-۸۵-۸۴)

اعمال چاهي چڱا هجن يا مندا ٻئي ٻنڌڻ جو سبب آهن. انسان کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرڻو آهي. پنهنجي طوفانن ني پاڻ قابو پائڻو آهي. طوفانن کي عبور ڪرڻ جو طريقو پنهنجي ئي زماني جي ڪنهن نوح يعني مرشد ڪامل کان ملندو آهي.

امید آهي تہ روحانيت جا شوقين پڙهندڙ "ڪتاب ميرداد" جي مطالعي مان جنهن ۾ فقيرن جي تعليم کي خوش اسلوبيءَ سان بيان ڪيو ويو آهي مستفيض ٿي سگهندا.

سيوا سنگهہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪتاب ڪهاڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# قيدي راهب

ڪير جهڙن جبلن جي ماٿهين، تي جيڪا ٻوڇا ڄوپي، جي ناليءَ سان سڏجي ٿي. هڪ خانقاه جو ويڪرو ۽ اداس ڪنڊر آهي. اها خانقاه ڪنهن زماني ۾ ' نوح جي ٻيڙي' جي نالي سان مشهور هئي. روايتي طور تي اها ڪهاڻي اينري ٿي پراڻي ۽ پراسرار آهي جيتري ' ٻاڏيءَ جي طوفان' جي.

ان ٻيڙي جي چئني طرفين ان-ڳڻين قصن ۽ ڪهاڻين جو ناجي ٻيو ٿيل آهي. پر جيڪا ڪهاڻي جبل جي انهن مڪاني ماڻهن جي زبان تي عام آهي، جن جي وچ ۾ 'ٻوڇا جوپي' جي ڄانو ۾ مون کي هڪ گرميءَ جي خاص موسم گذارڻ جو موقعو مليو سا هن ريت آهي:

"عظيم طوفان" کان ڪيترائي سال پوءِ حضرت نوح ۽ سندس ڪنٻ پنهنجي اولاد سان گهمندو ڦرندو انهن ڪير جهڙن جبلن تي وحي ٻهو جتي زرخيز ماڻريون، پريل ندين ۽ نهايت موافق آبهوا هئي. حضرت نوح ۽ سندس ڪنٻ اتي ئي رهي پوڻ جو ارادو ڪيو.

جڏهن حضرت نوح کي محسوس ٿيو ته سندس آخري وقت ويجهو اچي ويو هي. هن پنهنجي پٽ سام کي جيڪو حضرت نوح وانگر جوان ذسندر بابصيرت انسان هو. ٻاڻ وٽ گهرائي چيو:

' دس پٽ! تنهنجي پيءُ جي عمر جو فصل پچي راس ٿي ويو آهي ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# چقمق واري لاهي

اولهہ پاسي سمنڊ جي سامهون ۽ ان کان ڪيترائي هزار فوٽ مٿانهينءَ تي ويڪري پيشاني، ٽڪي ۽ هيٺ مٿانهين سطح واري پوچا جاءِ واري جوٽي، ڪجهہ مفاصلي تان سرڪش ۽ ڊيڄاريندڙ نظر ايندي هئي، تنهن هوندي بہ مون کي اتي پهچڻ لاءِ ڪافي حد تائين محفوظ بہ رستا ٻڌايا ويا. اهي ٻئي سوڙها ۽ ور وڪڙ رستا گهٽين ئي ننڍين ٽڪرين جي ٻاهران نانگ وانگر وڪڙ کائيندا اڳتي وڌي رهيا هئا. هڪ ڏکڻ پاسي کان ٻيو اتر طرف کان. مون انهن مان ڪوبہ رستو اختيار نہ ڪرڻ جو ارادو ڪيو. انهن ٻنهي رستن جي وچان، جوٽيءَ کان سڌي هيٺ لهندڙ لڳ ڀڳ جبل جي پيڙهہ تائين ويندڙ هڪ سوڙهي ۽ هموار لاهي مون کي جوٽيءَ تائين پهچڻ لاءِ هڪ وڌي رستي وانگر نظر آئي، ان مون کي پراسرار ڇڪ سان ڇڪيو ۽ مون اهو ئي رستو اختيار ڪرڻ جو فيصلو ڪيو.

جڏهن مون پنهنجو ارادو جبل جي مقامي شخصءَ تي ظاهر ڪيو تہ ان مون ڏانهن الا نڪرندڙ نظرن سان ڏٺو ۽ پنهنجي هٿ تي هٿ هڻندي خوف وچان رڙ ڪندي چيو:

”چقمق واري لاهي؟ پنهنجي جان ايڏي سستي وڃائڻ جي ڪوشش نہ ڪجان. توکان اڳ ئي ڪيترائي ماڻهو ان رستي کان وڃڻ جي ڪوشش



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري جڪا آهن. پر انهن مان ڪو بہ هڪڙو پنهنجي ڪهاڻي ٻڌائڻ لاءِ واپس نہ موٽيو آهي. چقمق واري لاهي!؟ ڪڏهن بہ نہ. ڪڏهن بہ نہ."

ان سان گڏوگڏ ئي هن جبل جي چوٽيءَ تي چڙهڻ لاءِ منهنجي رهنمائي ڪرڻ جو ضد ٻڻ ڪيو، پر مون نهايت شائستگيءَ سان سندس مدد وٺڻ کان انڪار ڪيو. مان بيان نہ ٿو ڪري سگهان تہ ان ماڻهوءَ جي خوف واري انداز مون تي ابتو اثر چو ڪيو. مونکي ان طرف نہ وڃڻ بجاءِ ان طرف وڃڻ لاءِ شوق ڏياري ڇڏيو ۽ مان پنهنجي مقصد لاءِ وڌيڪ مستحڪم ٿي ويس.

هڪ صبح جڏهن اونداهي مان روشنيءَ ۾ منتقل ٿي رهيو هو، مون رات جا خواب پنهنجي پنبڻين کان ٻري ڪيا ۽ ست مانيون ۽ پنهنجي لٺ کڻي چقمق واري چاڙهيءَ ڏانهن هڪدم نڪري آيس. گذرندڙ رات جي هلڪڙن ساهن ۽ نئين چاول ڏينهن جي تيز رفتار نبض، فيدي درويش جو ڳجهہ وٺڻ جي شوق اڏوهيءَ وانگر کائيندڙ اشتياق ۽ ان کان وڌيڪ هڪ لمحي لاءِ ئي سهي، پنهنجو پاڻ کان آزاد ٿيڻ جي آس، جهڙوڪر منهنجن پيرن ۾ پَرَ هڻي ڇڏيا ۽ رت ۾ اڏامڻ جي سگهہ وجهي ڇڏي.

مون پنهنجي سفر جي شروعات ڪئي تہ منهنجي دل ۾ راڳ جي هڪ لئہ هئي ۽ روح ۾ هڪ پڪو ارادو. پر جڏهن مان گهٽي دير تائين خوشيءَ سان هلندو ان چاڙهيءَ جي هيٺئين حصي تائين پهتس ۽ پنهنجي نظر جي سهاري ان تائين چڙهڻ جي ڪوشش ڪئي تہ مون پنهنجي ان راڳ جي لئہ نڙي کان هيٺ لاهي ڇڏي. جيڪا مون کي هڪ مفاصلي کان سڏي. هموار راهہ جي پيڙهہ پئي ڏسڻ ۾ ائي، اها هاڻي منهنجي اڳيان ويڪري ٽڪي چاڙهيءَ واري مٿانهين ۽ ناقابل تسخير صورت ۾ وچايل هئي. جيستائين مٿي تائين ۽ منهنجي ڪابي ساڄي پاسي منهنجي نظر جي پهچ هئي، مون کي ڏار ڏار شڪلين ۽ جسم وارن چقمق جي پٿرن کان سواءِ ڪابہ شئي نظر نہ آئي، جن مان ننڍڙا ڪڪرا تکيون سيون هيون يا تيز بليڊ. زندگيءَ جو ڪٿي بہ نالو نشان نہ هو. سموري منظر تي هڪ اداس ڪفن چڙهيل هو. جنهن کان روح ڪنبي پيو وڃي. جڏهن تہ مٿانهين چوٽيءَ جي تہ هاڻي هڪ جهلڪ بہ نظر نہ پئي آئي، تنهن هوندي بہ مون دل ننڍي نہ ڪئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ناپا ڪائيندڙن کي فقط اسان وانگر
ضرورت آهي لنئين جي سهاري هلڻ جي.
گهرن سان ٻڌلن کي فقط اسان وانگر
گهرجي اجهي لاءِ هڪ گهر."

هو ٻئي ڏکهن ڏکهن ننهن سان زمين کي کوٽي پنهنجي لاءِ بسترو تيار ڪندي هڪ سر ۾ ڳائيندا رهيا. هو پٿرن کي هموار ڪندا رهيا. پر مون کان بلڪل بي خبر. ان بيوسيءَ جي حالت ۾ مان روئڻ تي مجبور ٿي ويس.

"منهنجي هٿن کي ڏسو. منهنجي پيرن ڏانهن ڏيان ڏيو. مان هڪ واٽهڙو هن ويران، ڪاهيءَ ۾ وڃائجي ويو آهيان. هيستائين پهچڻ لاءِ مان پنهنجي پيرن جا نشان پنهنجي رت سان ٺاهيندو آيو آهيان. هي خوفناڪ جبل توهان جو ڄاتل سڃاتل لڳي ٿو. پر مون کي ان تي اڳتي وڌڻ لاءِ هڪ انچ به رستو نظر نه ٿو اچي، ڇا توهان کي ٿورو به ڊپ نه آهي ته ان عمل جو بدلو به ڏيڻو پئجي سگهي ٿو؟ جيڪڏهن توهان مون کي هڪ رات لاءِ هن غار ۾ رهڻ جي اجازت نه ٿا ڏئي سگهو ته گهٽ ۾ گهٽ مون کي پنهنجي بتي ئي ڏيو."

"محبت کي اگهاڙو نه ڪجان،
روشنيءَ جي ورچ نه ڪجان.
محبت ڪر ۽ ڏس،
روشني ڪر ۽ جيءُ
جڏهن رات مري وڃي
۽ ڏينهن ڪيڏانهن ڀڄي وڃي
۽ زمين ختم ٿي وڃي،
تڏهن واٽهڙن تي ڇا گذرندي،
ان وقت پلوان ماڻهو ڪٿان ايندو."

ڪاوڙ ۾ ٻاهر ٿيندي به مون نهايت عاجزيءَ سان درخواست ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. جيتوڻيڪ مون کي اهو احساس هو ته ان مان ڪوبه فائدو نه ٿيندو، ڇوته ڪا ازغيبي طاقت مون کي ٻاهر ڌڪي رهي هئي.

"اي نيڪ بزرگ، اي پاڪدامن بي بي! بي شڪ تڏ مون کي بي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪتاب جو محافظ

”اتي اي خوش نصيب اجنبي، تون پنهنجي منزل تي پهچي ويو آهين.“

ڳهتي اج جي ڪري منهنجي زبان نڙيءَ سان لڳي ويئي هئي ۽ سج جي ساڙيندڙ ڪرڻن جي تپش جي ڪري منهنجو تن بدن تڙپي رهيو هو، مون ٿورو اڪيون کوليون تہ ڏٺم تہ مان زمين تي ڪريو پيو آهيان ۽ هڪ ماڻهوءَ جي ڪاري شڪل منهنجي مٿان جهڪيل آهي ۽ نهايت شفقت سان منهنجي چپن کي پاڻيءَ سان پجائي رهيو آهي ۽ ساڳي شفقت سان منهنجي لاتعداد زخمن کي ڌوئي رهيو آهي. سندس جسم ڳرو هو، تلها مهاندا، ڏاڙهي ۽ پرووڻ جا وار ڳهاٽا. نظر تکي ۽ اونهي هئيس. عمر ايتري هئيس، جنهن جو اندازو لڳائڻ ڏکيو هو. سندس چهاءُ نرم ۽ مضبوط هو. سندس مدد سان مان اٿي ويٺس ۽ ايتري هلڪي آواز ۾، جيڪو منهنجي ڪنن تائين بہ مشڪل سان پهچي رهيو هو پڇيو:

”مان ڪٿي آهيان؟“

”بوچا جاءِ جي جوتيءَ تي.“

”۽ غار ڪٿي آهي؟“

”تنهنجي پنيان.“

”۽ ڪاري ڪاهي؟“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن کي خيرات نہ ٿي ڏئي سگهي. وڏي بي رحميءَ سان مانيءَ جو هڪ ڳيو بہ ڪيس ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. ائين چوندي مون سراسر ڪوڙ ڳالهايو هو. ڇوتہ خانقاهہ بي انتها دولت مند هئي ۽ اها ضرورتمندن کي ماني ۽ لٽو ڏيڻ کان انڪار ڪري نہ پئي سگهي. مون چاهيو پئي تہ هو منهنجي اڳيان ٻاڏائي پر هو ان لاءِ تيار نہ هو. هو پنهنجو حق سمجهي گهري رهيو هو. سندس درخواست ۾ حڪم جو انداز هو."

"اها جنگ گهڻي دير تائين هلي پر هو ٿورو بہ پنهنجي مؤقف تان نہ لٿو. شروع کان ئي سندس پڙ ڳرو هو. آخرڪار پنهنجي شڪست تي پردو وجهڻ لاءِ مون اها رٿ پيش ڪئي تہ هو هڪ نوڪر جي حيثيت سان ٻيڙي ۾ اچي وڃي. رڳو هڪ نوڪر جي طور تي. مون پنهنجو پاڻ کي تسلي ڏني تہ ان سان سندس ذلت ٿيندي. مان ان وقت اهو نہ سمجهي سگهيس تہ پينو فقير تہ مان هوس، هو نہ هو. منهنجي ذلت تي ٿبو هڻڻ لاءِ هن منهنجي رٿ بنان ڪنهن چون چران جي قبول ڪري ورتي. مون کي ان وقت ٿورو بہ خيال نہ آيو تہ مان ڪيس نوڪر جي طور تي ٻيڙي ۾ اندر آڻي پاڻ کي ٻاهر ڌڪي رهيو آهيان. آخري ڏينهن تائين مان ان ناسمجهيءَ ۾ رهيس تہ "ٻيڙي" جو مالڪ مان آهيان، هو نہ آهي. آه! ميرداد، ميرداد تو شمادم سان ڪهڙو سلوڪ ڪيو. آه شمادم، تو شمادم سان ڇا ڪيو!"

سندس ڏاڙهيءَ ۾ بہ وڏا وڏا ڳوڙها جذب ٿي ويا، جن سندس ڳري جسم کي ڌڪائي ڇڏيو. منهنجي دل نرم ٿي وئي ۽ مون ڪيس چيو: ·

"منهنجي توکي درخواست آهي تہ جنهن شخص جو ذڪر ڪري تنهنجا ڳوڙها ڪري نا پون. تون ان شخص جو وڌيڪ ذڪر ئي نہ ڪر."

"بي چين نہ ٿي اي خوش نصيب پيامبر! اهو تہ سردار جو پراڻي زماني جو تڪبر آهي. جيڪو هاڻي پنهنجي ڪيني جا ڳوڙها نپوڙي رهيو آهي. اها لفظن جي طاقت آهي. جيڪا اصل معنيٰ جي طاقت جي خلاف پنهنجا ڏند ڪرٽي رهي آهي. تڪبر کي روئڻ ڏي. اهو ان جو آخري ماتم آهي. اقتدار کي ڏند ڪرٽڻ ڏي. اهو عمل هو اخري ڀيرو ڪري رهيو آهي. ڪاش! منهنجي اکين تي دنياوي ڪوهيڙي جو پردو پيل نہ هجي ها. جڏهن مون ان خدائي صورت کي پهريون ڏٺو هو. افسوس منهنجا ڪن دنياوي عقل جي ڪمهہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو ساڳي حالت ۾ رهيو. جڏهن ته مان دلاسو ڏيڻ وارن لفظن لاءِ پنهنجي دماغ کي کوٽي رهيو هوس. هن پنهنجو متو متي کنيو ۽ چوڻ لڳو:

"تون قسمت جو دادلو آهين. هن بدنصيب انسان کي معاف ڪري ڇڏجان. مون گهڻو ڪجهه چئي ڇڏيو آهي، شايد حد کان وڌيڪ. مان چوڻ ڪانسواءِ رهي به ڪيئن پئي سگهيس؟ ڪو شخص، جنهن جي زبان هڪ سو پنجاهه سالن جو روزو مڪمل ڪيو هجي، ان روزي جو افطار رڳو هڪ "ها" يا "نه" ۾ ڪيئن ڪري سگهي ٿو؟ ڪو شمادم ميرداد بڻجي سگهي ٿو؟"

"شمادم! منهنجا ڀاءُ! ڇا مان توکان هڪ سوال پڇي سگهان ٿو؟"

"تون مون کي ڀاءُ چئي ڪري ڪهڙي نيڪي ڪئي آهي، جڏهن منهنجو اڪيلو ڀاءُ مئو آهي، جنهن کي ڪيترائي سال ٿي ويا آهن. مون کي ڪنهن به ان نالي سان نه سڏيو آهي. تنهنجو سوال ڇا آهي؟"

"جيتوڻيڪ ميرداد ايڏو عظيم استاد آهي، مان حيران آهيان ته دنيا اڄ تائين ان بابت يا سندس ستن ساٿين بابت ڪجهه به نه ٻڌو آهي، اهو ڪيئن ممڪن هوندو؟"

"شايد مناسب وقت جي انتظار ۾ هجي. شايد ڪنهن ٻئي نالي سان تعليم ڏيئي رهيو هجي. ها! هڪ ڳالهه جو مون کي يقين آهي ته ميرداد جيئن "ٻيڙي" کي بدلائي ڇڏيو ائين ئي هو دنيا کي بدلائي ڇڏيندو."

"پر هو ته وڏي عرصي کان مري ويو هوندو."

"ميرداد ڪيئن ٿو مري سگهي؟ ميرداد موت کان به وڌيڪ طاقتور آهي."

"ڇا تنهنجو مطلب آهي ته جيئن هن "ٻيڙي" کي تباهه ڪري ڇڏيو. تيئن ئي هو دنيا کي به تباهه ڪري ڇڏيندو."

"نه نه. جيئن هن "ٻيڙي" کي بوجهه کان آجو ڪيو هو. تيئن ئي هو دنيا کي به ڇوٽڪارو ڏياريندو. مون جهڙا ماڻهو جنهن ازلي نور کي بي شمار وهمن سان ڍڪي اڄ اونداهيءَ جنهن ۾ قاتل آهن. ماتم ڪري رهيا آهن. هو ان نور کي نئين سر نمايان ڪندو. جن ماڻهن پاڻ ئي پنهنجي اصل کي ڍاهي ڇڏيو آهي. هو انهن جي باطن مان وري انهن جي اڏاوت ڪندو. ڪتاب ترت تنهنجي هٿ ۾ هوندو. ان جو اڀياس ڪري نور کي ڏسڻ. هاڻي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون کي وڏيڪ دير نہ ڪرڻ گهرجي. تون منهنجي واپس اچڻ تائين هتي ئي ڪجهہ دير منهنجو انتظار ڪر. تون مون سان گڏ نہ ٿو هلي سگهين."

هو اٿيو ۽ مون کي بي صبر، بي قرار ۽ پريشان حال ڇڏي تيز تيز وکون کڻندي ٻاهر نڪري ويو. مان غار مان ٻاهر آيس، پر ڪڏ جي ڪپ کان اڳتي وڌي نہ سگهيس.

جيڪو منظر منهنجي اکين اڳيان پکڙيل هو. ان جي جادوئي رنگن ۽ نقشن منهنجي روح تي جادو ڪري ڇڏيو هو. جو هڪ گهڙيءَ لاءِ مون کي ايئن محسوس ٿيو ڄڻ مون کي نهايت لطيف قوتن ۾ حل ڪري هر هڪ شيءِ جي اندر ۽ ٻاهر وکيري ڇڏيو ويو هجي. ڏور سمنڊ مٿان جيڪو موتين سان سجايل ڪوهيڙي جي چادر سان ڍڪيل ۽ پرسڪون هو. ٽڪرين تي جيڪي ڪٿي جهڪيل هيون تہ ڪٿي سهاري لاءِ مٿي پئي ٿيون، پر سموريون سلسليوار سمنڊ جي ڪناري کان شروع ٿي لڳاتار مٿي ٿينديون پئي ويون ۽ آخرڪار ناهموار ڏڙن جي چوٽيءَ تائين ٿي پهتيون. ٽڪرين تي نهيل پرسڪون وسندين تي جن کي هر پاسي کان ساوڪ پنهنجي گهيري ۾ وٺي ڇڏيو هو. ٽڪرين جي هنج ۾ وڇايل سرسبز ۽ شاداب ماٿرين تي جيڪي جبلن تان وهندڙ جهرڻن مان پنهنجي اڃ پيون لاهين ۽ جن ۾ ڪم ۾ رڌل انسان ۽ گاهہ چرندڙ مال هيرن وانگر جڙيل هئا. ڪسين ۽ ڪڏن ۾ جيڪي وقت سان وڙهندڙ جبلن جي بدن تي زنده ڦٽ پئي لڳيون. سست رفتار هوا ۾، مٿي نيري آسمان ۾ ۽ هيٺ پوري زمين تي.

جڏهن منهنجون هيڏانهن هوڏانهن ڀٽڪندڙ نظرون "لاهي" تي اچي بيٺيون. تڏهن مون کي راهب ۽ ان بابت ميرداد ۽ "ڪتاب" بابت سڄي قصي جو خيال آيو ۽ مون کي ان اڻ ڏٺل طاقت بابت سوچي حيرت ٿي، جنهن موڪليو تہ هو هڪ شيءِ جي ڳولا ۾ پر پهچائي ڇڏيائين ڪنهن ٻئي وٽ ۽ مون دل ئي دل ۾ ان جو ٿورو ادا ڪيو.

راهب ٿوري دير ۾ ئي موٽي آيو ۽ هڪ ڍڳهي عرصي جي ڪري پيلي ٿيل ڪپڙي ۾ ويڙهيل هڪ ننڍي هڙ منهنجي هٿ ۾ ڏيندي چيو:

"ان کان پوءِ منهنجي امانت تنهنجي امانت هوندي. هن امانت بابت نيڪ نيت رهجان. هاڻي منهنجو پيو وقت ويجهو آهي. منهنجي قيدخاني جا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نڪتو. مون کي ان بابت ڪوبہ شڪ نہ هو. ڇا هو هڪ وهم هو؟ پر مون تہ پنهنجو هٿ ۽ ماس سندس هٿ ۽ ماس سان ڇهي ڏٺو هو. ان کان سواءِ ڪتاب منهنجي هٿ ۾ هو ۽ ان جا ڪپڙا غار ۾ پيا هئا. هو ڪٿي ڪپڙن جي هيٺان نہ لڪل نہ هو؟ مون وڃهو وڃي سمورا ڪپڙا هڪ هڪ ڪري ڪنيا. ايئن ڪندي مون کي پنهنجو ياڻ تي ڪل بہ آئي، ان ڏير جيترا ٻلي ڪيترا بہ ڏير هجن ها تہ بہ ان ٻڪري "سردار" کي ڏڪي نہ پئي سگهيا. ڇا هو ڪنهن گجهي طريقي سان غار مان غائب ٿي ويو هو ۽ ٻاهر ڪاري ڪڌ ۾ وڃي ڪريو هو؟

جنهن تيزيءَ سان آخري خيال منهنجي دماغ ۾ آيو ان ئي رفتار سان مان ڊوڙي ٻاهر نڪري آيس ۽ ان ئي تيزيءَ سان در کان ڪجهہ وکن تي مان زمين ۾ ٻيهي ٻيهي رهيس. جڏهن مون ڏٺو تہ هڪ وڏو پٿر ڪڏ جي نيڪ ڪناري تي پيو آهي. اهو پٿر ان کان اڳ اتي ڪونہ هو. ان جي شڪل اهڙي هئي جڻ ڪو خطرناڪ جانور پنهنجي شڪار جي تاڪ ۾ ويٺو هجي. پر ان جو مٿو گهٽي حد تائين انساني مٿي سان پئي مليو. مهاندا ٿلها ۽ ڪنا. ڇاڙي ويڪري ۽ مٿي ڪنيل. واڇون مضبوطيءَ سان مليل، ڇپ پيڪوڙيل ۽ اکيون نيڏي نظر سان سنسان ڏکڻ ڏانهن ڏسندڙ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"كتاب"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

" هيءَ آهي
ميرداد جو ڪتاب
ان جو لکندڙ آهي
نروندا
ان جي ساٿين مان سڀني کان ننڍو ۽ حقير
هيءُ ڪتاب
روشنيءَ جو منارو آهي
۽
پناهہ گاهہ آهي،
انهن لاءِ
جيڪي مشتاق آهن پاڻ تي سوڀ حاصل ڪرڻ جا
باقي سمورا ان کان محتاط رهن!"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب ٻارهون

# ميرداد پنهنجو پاڻ کي ظاهر ڪري ٿو ۽ پردن ۾ ٽپن جي ڳالهه ڪري ٿو

نروندا: ان شام جو اٺ ئي ساٿي دسترخوان تي گڏ هئا ۽ ميرداد هڪ پاسي چپ چاپ حڪم جي انتظار ۾ بيٺو هو. پراڻن اصولن مان "ساٿين" تي رائج هڪ اصول هي به هو ته جيستائين ٿي سگهي پنهنجي گفتگو ۾ "مان" جي لفظ کان پرهيز ڪريون. ساٿي شمادم "سردار" جي حيثيت سان پنهنجي نمايان ڪاميابين جون ڊاڙون هڻي رهيو هو. هن ڳهڻائي انگ اکر پيش ڪيا، جن مان ظاهر پئي ٿيو ته هن "ٻيڙي" جي دولت ۽ شهرت ۾ ڪيترو واڌارو ڪيو هو. ائين ڪندي هن منع ٿيل لفظ "مان" ڪيترائي دفعا ڪتب آندو. ساٿي "ميڪايون" کيس هلڪا دڙڪا به ڏنا. جنهن تي گرما گرم بحث شروع ٿي ويو ته ان اصول جو مقصد ڇا آهي؟ ۽ اهو ڪنهن ٺاهيو آهي؟ حضرت نوح يا ٻهرين ساٿي سام؟ گرما گرميءَ کان نوبت وڏي سخت جملن تائين وڃي پهتي ۽ سخت جملن کان پوءِ اهڙو گوڙ ٿي ويو جو چيو ته گهڻو ڪجهه ويو پر سمجهه ۾ ڪنهن کي به ڪجهه نه آيو.

رڳو ان مطلب لاءِ ته اهو گوڙ ۽ شور جرڇن ۾ بدلجي وڃي. شمادم ميرداد ڏانهن منهن ڪيو ۽ ان مٿان ٺٺولي ڪرڻ خاطر چيو:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اک پردو وچهي سگهي ٿي، پردن ۾ سوراخ نہ ٿي ڪري سگهي. چپ نہ هٽي سگهن ٿا. نِپن کي پچي نہ ٿا سگهن.

ان ڪان وڌيڪ انهن ڪان ڪجهہ نہ گهرو، اهي انهن جي جسماني ڪم جو حصو آهن ۽ اهي ان ڪم کي خوبيءَ سان سرانجام ڏئي رهيا آهن. پردا چڪي ۽ نہ هٽي. هو توهان کي وڏي سڏ پڪارين ٿا. اڃو ۽ جيڪي ڪجهہ پردن جي پنيان آهي، ان جي ڳولا ڪريو. جيڪي ڪجهہ نِپن جي هيٺان آهي. ان جي کوجنا ڪريو

پردن ۾ لنگهڻ لاءِ توهان کي ڇپرن ۽ ڀروون جي ڇانوَ واري اک ڪان سواءِ هڪ ٻي اک جي گهرج آهي.

مهرون پچڻ لاءِ توهان کي نک جي هيٺين گوشت جي ڇاتل سچاتل ٽڪر ڪان سواءِ هڪ ٻيو چپ گهرجي.

جيڪڏهن توهان ٻين شين کي صحيح ڏسڻ گهرو ٿا تہ پهرين پنهنجي اک کي ٺيڪ ڪريو تہ جيئن توهان اک ڪان ٻري وارين شين کي سٺي نموني ڏسي سگهو. اک سان نہ ڏسو، اک مان ڏسو.

جيڪڏهن توهان ٻيا لفظ صحيح انداز ۾ اچارڻ چاهيو ٿا تہ پهرين پنهنجي چپن ۽ زبان جي ڳالهاوَ کي درست ڪريو تہ جيئن توهان انهن جي توفيق سان ٻاهر جا سمورا لفظ اچاري سگهو. توهان چپن ۽ زبان جي وسيلي نہ پر انهن مان ڳالهايو.

جيڪڏهن توهان صحيح ڏسندؤ ۽ صحيح ڳالهائيندؤ تہ توهان کي سواءِ پنهنجو پاڻ جي ٻيو ڪجهہ بہ نظر نہ ايندو ۽ پنهنجو پاڻ ڪان سواءِ ڪنهن ٻئي کي اچارڻ نہ گهرجي. ڇو جو هر شئي جي اندر ۽ هر شي جي ٻاهر (جيئن هر ڪلمي جي اندر ۽ هر ڪلمي جي ٻاهر) فقط توهان ئي آهيو- ڏسڻ وارو ۽ ٻڌڻ وارو.

جيڪڏهن ٻوءِ بہ تنهنجي دنيا ان جهڙي ئي هڪ منجهيل ٻرولي آهي، اها ان ڪري آهي جو توهان ئي اها منجهيل ٻرولي آهيو ۽ جيڪڏهن توهان جو جملو هڪ قسم جو بہ بدبخت گورک ڌنڌو آهي تہ اهو ان ڪري آهي جو توهان پاڻ ئي اهو بدبخت گورک ڌنڌو آهيو.

جبکي شيون جنهن حالت ۾ آهن، انهن کي ائين ئي رهڻ ڏيو. انهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کی بدلائڻ جي ڪوشش نہ ڪريو جو تہ اهڙا جيئڻ بہ نظر اچن نيون. اهڙيون تڏهن ئي نظر اچن نيون جو توهان پاڻ اهي نظر اچو نا. جيڪي ڪجهہ توهان آهيو. جڏهن توهان انهن کي نظر ۽ آواز نہ ڏيندؤ. اهي تہ ڏسي نہ سگهنديون ۽ نہ ئي ڳالهائي سگهنديون. جيڪڏهن انهن جي ڳالهہ ڪڙي آهي تہ پنهنجي زبان جو جائزو وٺو. جيڪڏهن شيون ڏسڻ ۾ بدصورت آهن، تہ اول آخر پنهنجي ئي اک کي جاچيو.

شين کي پنهنجا پردا لاهي ڦٽا ڪرڻ لاءِ نہ چئو. پنهنجو پاڻ تان پردا لاهي ڇڏيندؤ تہ شين تان پردا پاڻهي لهي ويندا. نہ ئي شين کي پنهنجا نپا پچي ڇڏڻ لاءِ چئو توهان پنهنجو پاڻ کي نپن کان آجو ڪندؤ تہ سڀ ڪجهہ بي نپي ٿي ويندو.

پنهنجو پاڻ کي بي پردي ۽ بنا نپي ڪرڻ جي چابي هڪ "لفظ" آهي، جيڪو توهان جي چپن جي وچ ۾ رهي ٿو. لفظن مان اهو سڀني کان وڏيڪ لطف ڏيندڙ ۽ سڀني کان وڏيڪ عظيم آهي. ميرداد ان کي "تخليقي اسم" چيو آهي.

نروندا: مرشد خاموش ٿي ويو ۽ سڀني ماڻهن تي گهري ۽ پراسرار انداز ۾ ڏڙڪندڙ خاموشي ڇانئجي وئي. آخرڪار ميڪايون پرجوش بي صبريءَ سان ڳالهيو:

ميڪايون: اسان جا ڪن ان "اسم" جا اڃيارا آهن. اسان جون دليون ان چابيءَ لاءِ بي قرار آهن. ميرداد پنهنجي ڳالهہ جاري رک. اسان گذارش ڪريون ٿا تہ پنهنجي ڳالهہ پوري ڪر.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ٻيو باب

# تخليقي اسم بابت

### "مان" ٿي سمورين شين جو سرچشمو ۽ محور آهي.

ميرداد: جڏهن توهان جي وات مان "مانُ" نڪري ته ان ٿي مهل دل ۾ چئو "يا خدا مون کي "مان" جي عذاب کان بچاءِ ۽ "مان" جو سرور حاصل ڪرڻ لاءِ منهنجي رهنمائي ڪر" ڇوته ان لفظ ۾، جيتوڻيڪ اهو ڀاڻ بيحد لطيف آهي، ٻئي هر هڪ لفظ جو روح قيد آهي، هڪ دفعو ان جو ڪلف ڪولي ڇڏيندؤ ته توهان جو وات خوشبوءِ سان ڀرجي ويندو ۽ زبان مٺي ٿي ويندي. ان جي هر لفظ مان زندگيءَ جون خوشبون ٽمڻ لڳنديون. جيڪڏهن ان کي ڪلف ۾ بند رکندؤ ته وات بدبوءِ سان ڀرجي ويندو ۽ زبان ڪڙي رهندي ۽ ان مان هر وقت موت جو مواد وهندو رهندو.

ڇو ته "مان" ٿي اي درويش ڀائرو! تخليقي ڪلمو آهي ۽ جيڪڏهن توهان ان جي جادوئي طاقت کي ضابطي ۾ نه رکندؤ جيڪڏهن توهان ان جي طاقت جا مالڪ نه بڻجي ويندؤ ته عين ممڪن آهي ته جڏهن توهان جي ڳائڻ جي خواهش هجي ته ڇنگهڻ لڳو. جڏهن توهان جي آرزو امن جي هجي ته جنگ تي راضي ٿي وڃو ۽ جڏهن توهان روشنيءَ ۾ اڏام جا تمنائي هجو ته اونداهيءَ جي قيد خانن ۾ پير گهليندا رهو.

توهان جي "مان" فقط توهان جي موجودگيءَ جي سَنَد آهي. بي آواز



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇڏيو تہ اهي توهان جي "مان" جي ڪري وجود ۾ آيا آهن.

ميرداد چاهي ٿو تہ توهان کي اهو بہ معلوم هجي، تہ جيڪو پيدا ڪري سگهي ٿو اهو غائب بہ ڪري سگهي ٿو.

جهڙو خالق هوندو آهي تهڙي ئي ان جي تخليق هوندي آهي. ڇا ڪو پنهنجي تلخيق ۾ حد کان ٻاهر وڃي سگهي ٿو؟ يا ڪو پنهنجي تخليق کي اڻ پورو ڇڏي سگهي ٿو؟ خالق، پاڻ کي ئي پنهنجو نہ گهٽ نہ وڌيڪ پيدا ڪري ٿو.

"مان" اهو سرچشمو آهي، جنهن مان سموريون شيون ڦٽي نڪرن ٿيون ۽ جنهن ۾ وري موٽي گم ٿي وڃن ٿيون، جهڙو چشمو اهڙو ئي وهڪرو.

"مان" جادوء جي لٺ آهي، پر جادوء جي لٺ ڪنهن اهڙي شيء کي وجود ۾ نہ ٿي آڻي سگهي، جيڪا جادوگر وٽ نہ هجي، جهڙو جادوگر هوندو، سندس لٺ اهڙيون ئي شيون پيدا ڪندي.

ان ڪري جهڙو توهان جو احساس هوندو اهڙي ئي توهان جي "مان" هوندي، تهڙي ئي وري توهان جي دنيا هوندو، جيڪڏهن ان جو مقصد ظاهر ۽ ظئي ٿيل هوندو تہ توهان جي دنيا جي معنيٰ چٽي ۽ صاف هوندي ۽ توهان جا لفظ ڪڏهن بہ ور وڪڙ نہ هوندا. نہ توهان جا عمل ڪڏهن ڏکن جا گهر هوندا. جيڪڏهن توهان جو احساس اڻچٽو ۽ غير يقيني هوندو تہ توهان جي دنيا بہ اڻ چٽي ۽ غير يقيني هوندي. پوء توهان جا لفظ رسن جا نهيل ڦاها هوندا ۽ توهان جا عمل ڏکن جون پيدائش گاهون آهن.

جيڪڏهن اهو احساس لڳاتار ۽ پائيدار هوندو تہ توهان جي دنيا بہ سڏي ۽ پائيدار هوندي. پوء توهان "زمان" کان وڌيڪ طاقتور ۽ "مڪان" کان وڌيڪ وسيع هوندؤ. جيڪڏهن اها فاني ۽ بدلجندڙ هوندي تہ پوء توهان ان دونهين جا ڪڪر هوندؤ جن تي سج پنهنجا نرم ساهہ اڇلي رهيو هوندو.

جيڪڏهن اهو احساس اڪيلو هوندو تہ توهان جي دنيا بہ متحد هوندي، پوء توهان آسمان جي سمورن ميزبانن ۽ زمين جي سمورن ماڻهن سان گڏ ابدي امن امان جي ماحول ۾ جي رهيا هوندؤ. پر جيڪڏهن اهو احساس بي ترتيب هوندو تہ توهان جي دنيا بہ ڇڙوڇڙ هوندي ۽ پوء توهان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توهان جي دنيا حدبندين ۽ لوڙهن جي دنيا آهي. ڇوتہ توهان جي اندر جي "مان" حدبندين ۽ لوڙهن جي "مان" آهي. ڪجهہ شين کي اها پنهنجي طور تي غير تصور ڪري لوڙهي کان ٻاهر ڪڍي ڇڏي ٿي. ڪجهہ شين کي اها ٻاڻ سان لاڳاپيل سمجهي لوڙهي جي ڪڙهہ وسيلي اندر داخل ڪري وٺي ٿي. پوءِ جيڪي شيون لوڙهي کان ٻاهر آهن، اهي زوريءَ اندر داخل ٿينديون رهن ٿيون ۽ جيڪي لوڙهي جي اندر آهن، اهي ٻاهر وينديون رهن ٿيون. ڇوتہ اهي هڪ ئي ماءُ يعني توهان جي "مان" جو اولاد هئڻ جي ناطي ڌار ٿيڻ نہ ٿيون چاهين.

۽ توهان انهن جي مبارڪ اتحاد تي خوش ٿيڻ جي بجاءِ ڌار نہ ڪرڻ واري شيءِ کي ڌار ڪرڻ جي بي سود ڪوشش ۾ سندرو ٻڌي بيهو ٿا. "مان" جي اندر جي ڌار کي ڀرڻ بجاءِ توهان پنهنجي زندگيءَ کي رندو هٿي هٿي ختم ڪندا رهو ٿا.

ان ڪري انسانن جا لفظ زهر ۾ ٻڏل آهن. ان لاءِ ئي انهن جا ڏينهن ماتم ۾ پڱهريا پيا آهن. ان ڪري انهن جون راتيون درد جي اذيت ڀوڳين ٿيون.

اي درويشو! ميرداد توهان جي "مان" جي ڌار کي ڀرڻ چاهي ٿو تہ جيئن توهان پنهنجو ٻاڻ ۾ سموزن انسانن سان گڏ ۽ سموري ڪائنات سان گڏ امن امان جي زندگي گذاري سگهو.

ميرداد توهان جي "مان" جو زهر چوسڻ چاهي ٿو تہ جيئن توهان "عرفان" جي ميناج جو لطف ماڻي سگهو. ميرداد توهان کي سيکارڻ چاهي ٿو تہ پنهنجي "مان" کي ڪيئن توڙڻ کپي، جيئن توهان کي معلوم ٿئي تہ "مڪمل توازن" جو سُرور ڇا آهي؟

نروندا: مرشد وري ڇپ ٿي ويو ۽ وري سڀني تي گهري خاموشي ڇائنجي وئي. هڪ دفعو ٻيهر ميڪايون اهو ڇني خاموشيءَ کي توڙيو.

ميڪايونِ: ميرداد! تنهنجا لفظ ڏاڍا سِڪائيندڙ آهن، اهي ڪيترائي در کولين ٿا. پر اسان کي اڳڻ تي ڇڏي وڃن ٿا. اسان کي ان طرف وڃڻ جو رستو ڏيکار- اندر وڃڻ لاءِ اسان جي رهنمائي ڪر.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب ٽيون

# پاڪ ٽڪنڊو ۽ مڪمل توازن
## جيڪو ٽـ-پاسائون هئڻ باوجود هڪ آهي

ميرداد: جيتوڻيڪ توهان مان هر هڪ پنهنجي "مان" ۾ گم آهي پوءِ بہ توهان سڀ هڪ ئي "مان" ۾ گم آهيو، خدا جي اڪيلي "مان" ۾.

خدا جي "مان" اي درويشو! خدا جو اڪيلو ازلي اسم آهي، خدا جو اعليٰ شعور، ان ۾ ظاهر آهي. ان ڪان سواءِ هو بنهہ خاموش هجي ها. ان جي ذريعي ئي خالق پنهنجي پاڻ تخليق ڪئي آهي. ان جي وسيلي ئي ان "بي صورت" اڻ ڳڻيون صورتون اختيار ڪيون آهن، جن مان گذري انسان ٻيهر بي صورتي اختيار ڪن ٿا.

"پاڻ" کي محسوس ڪرڻ لاءِ، "پاڻ" جي تصور لاءِ، "پاڻ" سان مخاطب ٿيڻ لاءِ. خدا کي "مان" ڪان وڌيڪ ڪجهہ بہ اچارڻ جي ضرورت نہ آهي، ان ڪري "مان" ئي ان جو اڪيلو اسم آهي، ان ڪري اهو ئي اسم آهي.

جڏهن خدا "مان" چوي ٿو تہ ڪجهہ بہ اڻ چيو نہ ٿو رهجي. ڏٺل ۽ اڻ ڏٺل دنيائون، پيدا ٿيل ۽ پيدائش جون منتظر شيون، گذرندڙ ۽ گذرڻ وارو وقت. سڀڪجهہ، ايستائين، جو واريءَ جو هڪ ذرو بہ چئڻ ڪان سواءِ. ان "اسم" جي وسيلي اچاريل ۽ ان ۾ جذب آهن. ان سان ئي سمورين شين جي پيدائش ٿي آهي. ان سان ئي سڀني ۾ زندگي آهي.

جيستائين ان جي ڪا معنيٰ نہ هجي، تہ اسم خلا رکو هڪ پڙاڏو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪڏهن سدائين ان جي معنيٰ هڪ نہ رهي تہ اهو ٻَلي جو ڪينسر آهي. زبان تي ابريل ٻڙ آهي.

سواءِ انهن جي جيڪي عرفان کان محروم آهن، "خدا جو اسم" نہ خلا ۾ گونجندڙ آواز آهي، نہ ئي ٻَلي جو ڪينسر آهي ۽ نہ ئي زبان تي نڪتل ٻڙ. جوتہ "عرفان" اهو "پاڪ روح" آهي، جيڪو "ذڪر" کي زندگي عطا ڪري ٿو ۽ ان کي شعور سان ملائي ٿو. اها "غيرفاني ساهمي" جي ڏندي آهي، جنهن جا ٻہ پاسا اعليٰ شعور ۽ اسم آهن.

ڀهريون شعور- اسم - عرفانيت جو جوهر. ويچار ڪريو درويشو! "وجود جو تڪندو". اهي ٽي جيڪي "هڪ" آهن، اهو "هڪ" جيڪو ٽي" آهي، اها تثليث، هڪجهڙي، هم ابد، ذات ۾ متوازن، خودشناس، ذات ۾ مڪمل، نہ ڪڏهن وڌي ٿي نہ گهٽجي ٿي. سدائين پرسڪون، سدائين هڪ رنگ ۾، درويشو! اهو آهي، مڪمل توازن.

انسان ان کي خدا جو نالو ڏيئي ٿو، جيتوڻيڪ اهو ايترو عجيب آهي جو ان کي ڪو نالو نہ ٿو ڏئي سگهجي، تنهن هوندي بہ اهو نالو مقدس آهي ۽ اها زبان مقدس آهي، جيڪا ان کي مقدس رکي ٿي.

ٿورو ويچار ڪريو، "انسان" جيڪڏهن "خدا" جو نسل نہ آهي تہ ٻيو ڇا آهي؟ ڇا هو خدا کان مختلف ٿي سگهي ٿو؟ ڇا بلوط جو وڻ پنهنجي ٻج جي تهن ۾ لڪل نہ آهي؟ ڇا "خدا"، انسان جي اندر ويڙهيل نہ آهي؟

انسان بہ ساڳيءَ ريت مقدس تثليث آهي، هڪ شعور، هڪ ذڪر، هڪ عرفان. پنهنجي خدا وانگر انسان بہ هڪ خالق آهي. ان جي "مان" ئي ان جي تخليق آهي. هو پنهنجي خدا وانگر متوازن ڇونہ آهي؟

جيڪڏهن توهان کي ان ٻجهارت جو جواب معلوم ڪرڻ جي خواهش آهي تہ ڪجهہ ميرداد انڪشاف ڪندو، ان کي غور سان ٻڌو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب چوٿون

# انسان ٻنڌڻ ۾ ويڙهيل هڪ رب آهي

انسان ٻنڌڻ ۾ ويڙهيل هڪ رب آهي. "زمان" هڪ ٻنڌڻ آهي. "مڪان" هڪ ٻنڌڻ آهي. گوشت هڪ ٻنڌڻ آهي. اهڙيءَ ريت سمورا حواس ۽ انهن جي وسيلي محسوس ٿيندڙ شيون ٻنڌڻ آهن. ماءُ ڪي جڳيءَ ريت ڄاڻ آهي تہ ٻار ڪي ٻنڌڻ نہ هوندا آهن، پر ٻار ڪي ان جو علم نہ هوندو آهي.

انسان کي اڃا پنهنجي ٻنڌڻن جو ضرورت کان وڌيڪ احساس آهي، جيڪي روزبروز عمر سان گڏوگڏ بدلجندا رهن ٿا. ان ڪري انهن جو شعور بہ بدلجندو رهي ٿو. اهڙيءَ ريت انهن جو ذڪر، جيڪو انهن جي شعور جو اظهار آهي، معنيٰ جي لحاظ کان ڪڏهن صاف ۽ چٽو نہ هوندو آهي. ان ڪري ان جي سمجهہ دونهاٽيل هوندي آهي ۽ ان جي زندگيءَ جو توازن بگڙيل هوندو آهي. ان ڳتيءَ ۾ نہ رکو مونجهارو آهي.....

۽ ان ڪري ئي انسان امداد لاءِ ٻاڏائيندو آهي. سندس درد ٻريل دانهون ازل کان گونجي رهيون آهن. هوا سندس آواز جي ڪري ٻري ٿي پئي آهي. سمنڊ سندس لڙڪن سان کارو ٿي ويو آهي. ان جي قبرن سان زمين ۾ گهنج پئجي ويا آهن. ان جي دعائن آسمان جا ڪن ٻوڙا ڪري ڇڏيا آهن، اهو سڀ ڪجهہ ان ڪري آهي جو ڪيس پنهنجي "مان" جي اڃا تائين ڄاڻ نہ پئجي سگهي آهي. جيڪا ان موجب ٻنڌڻ بہ آهي ۽ ٻنڌڻن ۾ ويڙهيل ٻار بہ. "مان" چوندي انسان ان اسم کي بہ ڦاڪون ڪري ٿو ڇڏي. هڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاسي ان جا پنڌڻ ۾ پئي پاسي مالڪ ڪل جي لافاني ذات. جا انسان اصل ۾ "اڻ ورهايل" ڪي ورهائي ٿو؟ خدا نہ ڪري تہ ايئن ٿئي. اڻ ورهائجندڙ شئي کي ڪابہ طاقت ورهائي نہ ٿي سگهي، خدا ئي طاقت بہ نہ. انسان جو ڪچو هئڻ ورهامت جو تصور ڪري ٿو ۽ ان جي اندر جو پار سندرو ٻڌي، ان يقين سان تہ اهو ئي منهنجي هستيءَ جو دشمن آهي. لامحدود، ڪل اختيار وارو، ان جي خلاف جنگ لاءِ سنبري بيهي ٿو.

ان اڻ برابريءَ واري جنگ ۾ انسان پنهنجي گوشت جا پرزا پرزا ڪري ڇڏي ٿو، پنهنجي رت جون نديون وهائي ٿو ڇڏي. جڏهن تہ مالڪ ڪل، جيڪو ان جو پيءُ بہ آهي ۽ ماءُ بہ ان کي محبت جي نگاهہ سان ڏسندو رهي ٿو، ڇوتہ هو ڄاڻي ٿو تہ انسان پنهنجا ٿلها پردا ئي ڦاڙي ٿو ۽ پنهنجي ڪيني جي ڪڙاڻ لاهي رهيو آهي، جيڪا ان واحد ذات جي ميلاپ سان ان کي روڪيو بيٺي آهي.

اهو آهي انسان جو مقدر- وڙهڻ، رتو رت ٿيڻ ۽ هوش وڃائڻ ۽ آخرڪار اکيون کلڻ تي پنهنجي "مان" جو ڏار پنهنجي ئي گوشت سان ٻرڻ ۽ پنهنجي ئي رت سان ان جي جوڙ کي پختو ڪرڻ.

ان ڪري درويش ڀائرو! توهان کي خبر دار ڪيو ويو آهي- وڏي دانائيءَ سان آگاهہ ڪيو ويو آهي- تہ جيئن توهان "مان" جي استعمال کان پرهيز ڪريو، ڇوتہ جيترو وقت عرصو "مان" مان توهان جو مطلب پنڌڻ هوندو ۽ ربو پار نہ، جيترو اها توهان لاءِ ڪپي جي بجاءِ آبشار هوندي، نيڪ اوترو ئي عرصو توهان ڪرندڙ خودپسنديءَ جي صورت بٽيل رهندؤ ۽ توهان ربو موت ۾ ان جون اذيتون ۾ ڏک ڳڏ ڪندا رهندؤ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب پنجون

# ڪپين ۽ آبشارن بابت

## خدا جو ذڪر ۽ انسان جو ذڪر

خدا جو اسم (شبد Word) هڪ ڪپي آهي. هُو جيڪي به شيون پيدا ڪري ٿو. انهن ڪي پگهاري هڪ شڪل بنائي ڇڏي ٿو. ڪنهن ڪي قدر لائق سمجهي نہ قبول ڪري ٿو ۽ نہ ئي بيڪار سمجهي ڪنهن ڪي نڪرائي ڇڏي ٿو. "عرفانيت جي جوهر" جو مالڪ هئڻ ناطي سان هو پليءَ پت ڇاٿي ٿو تہ ان جي مخلوق ۽ هو هڪ آهن. ڇوتہ هڪ جزي ڪي ناقبول ڪرڻ سڄي ڪي ناقبول ڪرڻ آهي، ڇوتہ سڄي ڪي ناقبول ڪرڻ پنهنجو پاڻ ڪي ناقبول ڪرڻ آهي، ان ڪري ان جو مطلب ۽ مقصد هميشہ هڪجهڙو رهي ٿو.

جڏهن تہ انسان جو اسم (Word) هڪ آبشار آهي، جيڪي ڪجهہ هو پيدا ڪري ٿو، ان ڪي ويڙهہ جهيڙي ۽ مارڪٽ سان لڳائي ٿو ڇڏي، هو سدائين ڪنهن ڪي دوست بنائيندو رهي ٿو تہ ڪنهن ڪي دشمن سمجهي ان ڪي ڇڏي ڏئي ٿو ۽ اڪثر وقتن ۾ ائين بہ ٿئي ٿو تہ ان جو ڪلهوڪو دوست اڄ دشمن ٿي ويو. اڄ جو دشمن سڀاڻي دوست ٿي ويو.

اهڙيءَ ريت انسان جي پنهنجي خلاف ظالم ۽ ناڪامياب جنگ جاري رهي ٿي. ائين ان ڪري آهي جو انسان مقدس روح (Holy Spirit) کان محروم آهي، جيڪو اڪيلو ئي ان کي سمجهہ عطا ڪري سگهي ٿو تہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب ڇهون

# خادم ۽ مخدوم جي باري ۾

## ساٿي ميرداد بابت پنهنجي پنهنجي راءِ جو اظهار ڪن ٿا

ميرداد: ميرداد ئي شمادم جو اڪيلو نوڪر نہ آهي. شمادم ڇا توهان پنهنجي خادمن جو شمار ڪري سگهو ٿا؟ ڇا ڪو اهڙو عقاب يا باز آهي، ڇا ڪو پن يا بلوط جو وڻ آهي. ڇا ڪو جبل يا تارو آهي، ڇا ڪو سمنڊ يا ندي آهي، ڇا ڪو فرشتو يا بادشاهہ آهي، جيڪو شمادم جي نوڪري نہ ڪندو هجي، ڇا سڄي دنيا شمادم جي خدمت نہ ٿي ڪري؟

نہ ئي ميرداد شمادم جو اڪيلو مالڪ آهي. شمادم ڇا تون پنهنجي مالڪن جو شمار ڪري سگهين ٿو؟

ڇا ڪا اهڙي تڏ يا جيت آهي. ڇا ڪو ڇپرو يا جهرڪي آهي، ڇا ڪو ڪنڊن وارو ٻوٽو يا ٽاري آهي، ڇا ڪو پٿر يا ٿنڊڻ آهي، يا ڪو ماڪ جو ڦڙو يا تلاءُ آهي، ڇا ڪو پينو يا چور آهي. جنهن جي شمادم نوڪري نہ ٿو ڪري. ڇا شمادم سڄي دنيا جي نوڪري نہ ٿو ڪري؟ ڇو تہ دنيا پنهنجو ڪم ڪندي تنهنجو بہ ڪري ٿي ۽ تون پنهنجو ڪم ڪندي دنيا جو ڪم بہ سرانجام ڏين ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اي درويشو! منهنجي گذارش آهي ته پنهنجي دلين کي جهنجهوڙيو منهنجي التجا آهي ته پنهنجي دلين جون حدبنديون ڀڃي ڇڏيو. منهنجو عرض آهي ته توهان اهي سمورا ٻنڌڻ کولي ڇڏيو جن ۾ اچا به توهان جي مان ويڙهيل آهي ته جيئن توهان ڏسي سگهو ته ان ۾ ۽ خدا جي اسم ۾ جيڪو ذڪر پنهنجي پاڻ مان ۽ ان مان پيدا ٿيندڙ سموري مخلوقات سان هم آواز آهي، ڪوبه فرق نه آهي.

اها تعليم مون نوح کي ڏني هئي، اها ئي تعليم مان توهان کي ڏيان ٿو.

نروندا: ميرداد اهو چئي پنهنجي حجري ۾ واپس هليو ويو ۽ اسان سڀئي بي حد شرمسار ٻاهر بيٺا رهجي وياسين. ساٿي ٿوري خاموشيءَ کان پوءِ هيڏي هوڏي ٿي ويا. ويندي ويندي انهن مان هر هڪ ميرداد بابت پنهنجي راءِ ڏني.

شمادم: هڪ گداگر شاهي تاج جا خواب ڏسي رهيو آهي.

ميڪايون: هي اهو ئي آهي، "جيڪو لڪي نوح جي ٻيڙي ۾ سوار ٿيو هو." ڇا هن چيو ته، "اها ئي تعليم مون نوح کي ڏني هئي."

ابيمار: منجهيل سٽ جي ڳنڍ.

ميڪاستر: ڪنهن ٻئي آسمان جو تارو.

بنون: هو ڏاڍو هوشيار آهي، پر متضاد بيانن ۾ گم آهي.

زمورا: ڪمال جو رباب، حيرت انگريز لئه وارو پر اسان جي سمجهه کان ٻاهر.

همبال: هڪ هلندڙ ٻول، ڪنهن همدرد ڪن جي جستجو ۾.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# باب ستون

**مسڪايون ۽ نروندا جي رات جي وقت ميرداد سان گفتگو. جنهن ۾ هو ايندڙ طوفان جو اشارو ڪري ٿو ۽ انهن کي تيار رهڻ جي هدايت ڪري ٿو.**

نروندا: رات جي ٽئين پهر جي لڳ ڀڳ ٻي گهڙي هئي، جڏهن مون پنهنجي ڪوٺيءَ جو دروازو کلندي محسوس ڪيو ۽ ميڪايون کي دبيل آواز ۾ چوندي ٻڌو. "نروندا! ڇا تون جاڳين پيو؟"

ميڪايون: اڄ رات منهنجي ڪوٺيءَ ۾ ننڊ نہ آئي، نہ ئي ان منهنجي ڇپرن تي پنهنجو واهيرو اڏيو. ۽ هو - تنهنجو ڇا خيال آهي تہ هو سنل آهي؟ "ڇا تنهنجو اشارو مرشد ڏانهن آهي؟"

"تو هاڻي ڪان ٿي ان کي مرشد جي نالي سان سڏڻ شروع ڪري ڇڏيو آهي. شايد هو آهي بہ. جيستائين تسليءَ سان مان ان کي سڃاڻي نہ ٿو وٺان، مون کي سڪون نہ ملندو. اڄ هاڻي ٿي ان ڏانهن ٿا هلون."

اسان ٻئي پير پير ۾ ڏيئي پنهنجي ڪوٺڙيءَ مان ٻاهر نڪتاسون ۽ مرشد جي حجري ۾ داخل ٿياسون. ڦڪي ڦڪي چانڊوڪي، جو هڪ گولو، ڀت جي اوچائيءَ مان هڪ تنگ مان گذري هن جي معمولي بند تي اچي بيٺو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نفس تي ضابطو نہ ٿا آڻيو ۽ جيستائين توهان کي اهو طريقو نہ ٿو اچي تہ هر لفظ کي دعا ۽ هر ڪم کي قرباني ڪيئن ٺاهڻو آهي. اطمينان سان وڃو. اهو ڏسڻ ميرداد جو فرض آهي تہ توهان جي صبح جي نيرن ڀرپور ۽ لذيذ هجي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب اٺون

# ست ئي ساٿي ميرداد کي جبل جي رهائش ۾ ڳولين ٿا

نروندا: ان ڏينهن مان ۽ ميڪايون صبح جي دعا ۾ نہ وياسون.
اسان جي غير حاضري شمادم کي خراب لڳي ۽ مرشد سان اسان جي راتوڪي ملاقات بابت پڇي هو اچا بہ ڪاوڙيو. تنهن هوندي بہ هن پنهنجي ناراضگي ظاهر نہ ڪئي، جنهن لاءِ هو مناسب وقت جو انتظار ڪرڻ لڳو آهي.

باقي ساٿين کي اسان جي سلوڪ ڪري گهڻي بي چيني ٿي ۽ هنن ان جو سبب معلوم ڪرڻ چاهيو. انهن مان ڪجهہ جو خيال هو تہ مرشد ئي اسان کي دعا ۾ شامل نہ ٿيڻ جو مشورو ڏنو آهي. ٻيا ان جي اصليت بابت عجيب ۽ غريب ڳالهيون ڪندا رهيا. اهو بہ چيو ويو تہ هن رات جو پاڻ وٽ اسان کي اڪيلي ان ڪري گهرايو هو تہ اسان جي اڳيان پنهنجو راز ظاهر ڪري سگهي. ڪوبہ ان ڳالهہ کي مڃڻ لاءِ تيار نہ هو تہ هو لڪي ڪري ٻيڙي ۾ سوار ٿيندڙ مسافر هو. پر چاهين اهو سيئي ٻيا تہ ساڻس ملاقات ڪئي وڃي ۽ ان کان گهڻين شين بابت سوال پڇيا وڃن.

مرشد جو معمول هو تہ هو "ٻيڙي" ۾ پنهنجي فرضن کان واندو ٿي پنهنجو باقي سمورو وقت "اونداهي ڪڏ" جي مٿان ننڍيل غار ۾ گذاريندو هو. ان غار کي اسان "جابلو مڪان" جو نالو ڏنو هو. ان ڏينهن ٻن پهرن کان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ توهان ٿورڙا آهيو، جوڻ لاءِ تہ توهان دنيا جي حرص ۽ هوس کان آزاد ۽ حق تعاليٰ ۾ جذب ٿيل آهيو. پوءِ بہ توهان کي دنيا سان ڳنڍڻ وارا رستا ور وکڙ ۽ اونداهہ وارا آهن. ڇا مون کي توهان جا جذبات نانگ وانگر ڦوڪون هڻندا پڌڻ ۾ نہ ٿا اچن؟ ڇا مان توهان جي عداوتن کي توهان جي خدا جي عبادتگاهہ تي رڙهندڙ ۽ وٺ کائيندو نہ ٿو ڏسان؟ هوندؤ تہ توهان ٿورڙائيءَ ۾ پر افسوس ان ۾ ڪيترا لشڪرن جا لشڪر موجود آهن.

تو جيو آهي تہ توهان پر ڪوتيندڙن جا سرتاج آهيو. جيڪڏهن توهان پنهنجي عملن ۾ پرڪونيندڙ هجو ها تہ توهان ڪڏهن ڪو زمين مان ٿي نہ پر سج مان، آسمان تي گردش ڪندڙ پين ستارن ۽ سيارن مان پنهنجو رستو ناهي چڪا هجو ها. ڪوئن کي پنهنجي نوڪدار جهڙي پوٺ ۽ جنبن سان پنهنجي اونداهيءَ ۾ رستو ناهڻ ڏيو. توهان کي پنهنجو وڏو رستو ڳولڻ لاءِ اکيون ڇنيڻ جي بہ ضرورت نہ آهي. توهان هن نڪاٽي ۾ ويني پنهنجي روح جا لغام ڪليل ڇڏي ڏيو. توهان جي بنا رستي وجود جي بادشاهت جي حيرت انگريز خزانن تائين پهچڻ لاءِ اهو ئي روح توهان جو خدائي اڳواڻ آهي. بنا خوف ۽ ثابت قدميءَ سان پنهنجي رهنما جي پنيان هلندا ويجو. ان جي پيرن جا نشان پلي پري کان نظر ايندڙ تارن تائين ويندا هجن. اهي توهان لاءِ ان حقيقت جو ثبوت ۽ ضمانت هوندا ۽ اتي اڳوات ئي توهان جون ٻاڙون موجود آهن. جوتہ توهان ڪنهن بہ اهڙي شيءِ جو تصور نہ ٿا ڪري سگهو. جيڪا توهان جي باطن ۾ نہ هجي يا توهان جو پنهنجو جزو نہ هجي.

ڪوبہ وڻ پنهنجي ٻاڙن کان وڌيڪ نہ ٿو وڌي سگهي. پر انسان لامحدوديت تائين پکڙجي سگهي ٿو. جوتہ ان جي ٻاڙ ابديت ۾ آهي.

پنهنجي لاءِ حدون مقرر نہ ڪريو. ايستائين پکڙجندا ويجو جو ڪوبہ اهڙو سيارو نہ رهجي وڃي، جنهن تائين توهان جي رسائي نہ هجي. پکڙجندا ويجو. جيستائين ڪل عالم اتي نہ هجي، جتي توهان اتفاق سان موجود هجو. پکڙجندا ويجو تہ جيئن جتي بہ ڪٿي توهان پنهنجو پاڻ سان ملو. اتي ئي خدا بہ توهان کي ملي وڃي. پکڙجندا ويجو. پکڙجندا ويجو.

اونداهيءَ ۾ ان پروسيءَ جو ڪوبہ ڪم نہ ڪيو تہ اونداهيءَ هڪ پردو آهي، جنهن مان ڪابہ نگاهہ داخل نہ ٿي ٿي سگهي، جيڪڏهن توهان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي ظلمات جي انڌو ڪيل مائٽن کان شرم نہ ٿو اچي تہ گھٽ ۾ گھٽ ڪڙڪيٽي ۽ چمڙي کان تہ شرم ڪريو.

منھنجا ساٿيو! اونداهي ڪا شيءِ نہ آهي. هر جاندار جون ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ روشنيءَ جا ڌار ڌار درجا آهن. توهان جو روشن ڏينهن هنج پکيءَ لاءِ صبح جو هلڪو سوجهرو آهي، توهان جي ڪاري ڀاٽ رات ڏيڏر لاءِ روشن ڏينهن آهي. جيڪڏهن اونداهيءَ کي بي پردي ڪيو وڃي تہ ڪنهن ٻي شيءِ جو پردو ڪيئن ٿيندو؟

ڪنهن شيءِ تي پردو وجهڻ جي ڪوشش نہ ڪريو. جيڪڏهن توهان جي رازن کي ڪا ٻي شيءِ بي نقاب نہ ڪندي تہ خود انهن جو پردو ئي انهن کي بي نقاب ڪري ڇڏيندو. ڇا ڏکڻ کي خبر نہ آهي تہ ٿانو ۾ ڇا رکيو آهي. جڏهن انهن جا ڏکڻ لاٿا وڃن تہ ناگن ۽ ڪيئن سان ڀريل ٿانون تي ڇا گذرندو هوندو؟

مان توهان کي چوان ٿو تہ توهان جي سيني مان ڪوبہ ساهہ اهڙو نہ ٿو نڪري جيڪو توهان جا ؛ونهي کان اونهان راز هوا ۾ نشر نہ ڪندو هجي. ڪنهن جي اک مان اهڙي ڪابہ نگاهہ نہ ٿي نڪري، جيڪا پاڻ سان گڏ ان جي نفساني خواهشن، خوف ۽ حراس ۽ مسڪراهٽن ۽ لڙڪن سان گڏ پوري اک کي ڪٽي تہ ڦرندي هجي، ڪوبہ خواب ڪنهن در ۾ تيستائين داخل نہ ٿو ٿئي جيستائين اهو هر دروازي تي ٺڪ ٺڪ نہ ڪري آيو هجي.

ان لاءِ خيال ڪيو تہ توهان ڪيئن ڏسو ٿا. خيال ڪريو تہ توهان ڪھڙيءَ ريت خوابن کي دروازن جي اندر داخل ٿيڻ ڏيو ٿا ۽ ڪھڙن کي توهان گذري وڃڻ ڏيو ٿا؟

ها! جيڪڏهن توهان درد ۽ فڪر کان آزاد ٿيڻ چاهيو ٿا تہ ميرداد ان جو طريقو بہ وڏي خوشيءَ سان ٻڌائيندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب نائون

# بنا غم جي زندگي گهارڻ

**(ساٿي جاڻ ڇاهين ٿا تہ ڇا ميرداد ٻيڙي ۾ لڪي سوار ٿيندڙ مسافر آهي)**

ميڪاسٽر: اسان کي رستو ڏيکار.

ميرداد: فڪر ۽ ڏک، کان آزاد ٿيڻ جو رستو هي آهي.

"اهڙيءَ ريت سوچيو، جڻ توهان جي هر سوچ، آسمان ۾ سڀني جي ۽ هر هڪ شيءِ جي ڏسڻ لاءِ باهہ جي لفظن ۾ اُڪيري ويندي، ڇوتہ اصل ۾ آهي بہ ائين ئي."

"اهڙيءَ ريت ڳالهايو جڻ سموري ڪائنات هڪ ئي ڪن هجي ۽ توهان جي چيل ڳالهہ ٻڌڻ لاءِ بيتاب هجي ۽ اصل ۾ آهي بہ ائين."

"اهڙيءَ ريت عمل ڪريو جڻ توهان کي هر عمل پنهنجي جان تي برداشت ڪرڻو آهي ۽ واقعي برداشت ڪرڻو بہ آهي."

"اهڙيءَ ريت خواهش ڪريو جڻ توهان پاڻ خواهش هجو، ۽ اصل ۾ آهي بہ ائين ئي."

"زندگي اهڙي طرح گذاريو، جڻ توهان جي خدا کي ضرورت هجي تہ توهان ان جي زندگي جيئو ۽ اصل ان کي اها ضرورت بہ آهي."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

همبال: تون اسان کي ڪيستائين منجهائي رکندينءَ؟ تون اسان سان اهڙي ڳالهه ڳالهائين ٿو جيڪا نہ تہ ڪنهن انسان ڪئي آهي ۽ نہ ئي ڪنهن ڪتاب ۾ لکيل آهي.

بنون: اسان کي پنهنجي اصليت ٻڌاءِ تہ جيئن اسان کي معلوم ٿئي تہ اسان تنهنجي ڳالهہ ڪهڙي ڪن سان ٻڌون. جيڪڏهن تون ئي ٻيڙيءَ ۾ لڪي سوار ٿيندڙ مسافر آهين تہ اسان کي ان جو ڪو ثبوت ڏي.

ميرداد: تو ٺيڪ چيو آهي. بنون تنهنجا گهڻا ڪن آهن. ان ڪري تون ٻڌي نہ ٿو سگهين. جيڪڏهن تو وٽ ٻڌڻ ۽ سمجهڻ وارو هڪ ئي ڪن هجي ها تہ توکي ڪنهن بہ ثبوت جي ضرور نہ هجي ها.

بنون: "ٻيڙي ۾ لڪي سوار ٿيندڙ مسافر" کي دنيا بابت فيصلو ڏيڻ لاءِ اچڻ گهرجي. اسان "ٻيڙي" وارا ماڻهو بہ پنهنجو فيصلو ڏيڻ ۾ ان سان گڏ شامل هونداسون. ڇا هاڻي اسان پنهنجو پاڻ کي "فيصلي جي آخري ڏينهن" لاءِ تيار ڪريون؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب ڏهون

# فيصلي ۽ فيصلي جي ڏينهن بابت

ميرداد: مون پنهنجي وات مان ڪوبہ فيصلو نہ ٻڌايو آهي. مون وٽ ڏيڻ لاءِ مقدس عرفان آهي. مان دنيا بابت ڪو فيصلو ڏيڻ نہ آيو آهيان، پر ڏنل فيصلن کي واپس ڪرڻ آيو آهيان، ڇوتہ رڳو جهالت ئي عدالتي ويس پائي قانونن جو بحث شروع ڪري ٿي ۽ سزائون ٻڌائڻ پسند ڪري ٿي.

جهالت بذات خود جهالت جو سڀني کان وڏو بي لحاظ منصف آهي. انسان کي ڏسو، ڇا هُن جهالت ۾ پنهنجو پاڻ کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ۽ انهن سڀني شين لاءِ جن سان ان جي ورچيل دنيا جڙي ٿي، موت کي سڏ نہ ڏنو؟

مان توهان کي ٻڌايان ٿو، "الله" ۽ "انسان" جهڙيون ڪي بہ شيون نہ آهن. ها! پر الله-انسان (God-Man) يا انسان الله (Man-God) ضرور آهي. اهو هڪ آهي، ان کي جيئڻ وٽيوَ وند ڪريو. جيئڻ وٽيوَ ضرب ڪريو. هو سدائين هڪ ئي رهي ٿو.

الله جي وحدت ئي الله جو ازلي ۽ ابدي قانون آهي. اهو قانون پنهنجي پوئلڳي پاڻ ڪرائي ٿو. هر طرف پنهنجي اظهار ڪرڻ يا پنهنجي وقار ۽ طاقت کي قائم رکڻ لاءِ ان کي ڪنهن منصف يا عدالت جي ضرورت نہ آهي، سموري مخلوقات ڏنل ۽ اڻ ڏنل هڪ ئي آواز ۾، انهن سڀني لاءِ، جن وٽ ٻڌڻ وارا ڪن هجن، هڪ ئي اعلان ڪندي رهي ٿي.

ڇا سمنڊ- پلي اهو ڪيترو وڏو ۽ اونهو آهي- هڪ ڦڙو بہ نہ آهي؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجا ساٿيو! عدالت جي هر مسند ڪان بچو. ڇوتہ ڪنهن شخص يا شيءِ بابت فيصلو ڏيڻ لاءِ توهان کي رڳو خدا ئي قانون کي ڄاڻڻ ۽ ان موجب جيئڻو نہ پوندو، پر شاهدي بہ ڏٺي پوندي. ڪنهن متعلق مقدمي ۾ شاهدن جي طور تي توهان ڪنهن کي ڏندؤ؟

ڇا توهان هوا کي عدالت ۾ گهرائيندؤ؟ ڇوتہ آسمان جي هيٺان جيڪو بہ واقعو ٿئي ٿو، هوا ان واقعي ۾ مدد ڪري ٿي ۽ ان لاءِ ترغيب ڏئي ٿي.

يا توهان تارن جا نالا شاهدن جي فهرست ۾ شامل ڪندؤ؟ ڇوتہ جيڪي ڪجهہ بہ دنيا ۾ ٿئي ٿو، تارا ان جا راز دار هوندا آهن.

يا وري توهان "آدم" کان وٺي اڄ تائين مري ويل هر شخص کي حاضر ٿيڻ جو حڪم ڏيندؤ، ڇوتہ سمورا مري ويل ماڻهو جيئرن ۾ زنده آهن.

جيڪڏهن ڪنهن مقدمي ۾ مڪمل شاهدي پيش ڪرڻي هجي تہ "ڪائنات" جو شاهد هئڻ ضروري آهي. جڏهن هن ڪائنات کي عدالت ۾ گهرائي سگهندؤ تہ توهان کي پوءِ عدالتن جي ضرورت ئي نہ پوندي، تڏهن توهان پاڻ عدالت جي مسند تان لهي شاهد کي ئي منصف بڻائڻ پسند ڪندؤ.

جڏهن توهان سيني کي سڃاڻندؤ تہ ڪنهن بابت بہ فيصلو نہ ڏيندؤ يعني ڪنهن جا بہ عيب نہ اگهاڙيندؤ.

جڏهن توهان مخلوقات کي گڏ ڪرڻ جي لائق ٿي ويندؤ،تہ پوءِ توهان وڪريل ماڻهن مان ڪنهن بہ هڪ کي ڏوهاري قرار ڏيڻ پسند نہ ڪندؤ ڇوتہ توهان کي خبر هوندي تہ وڪرڻ واري کي سندس وڪراءَ ئي ڏوهاري قرار ڏنو آهي ۽ پوءِ توهان پنهنجو پاڻ کي ڏوهاري قرار ڏنل ان شخص کي ڏوهاري قرار ڏيڻ جي بجاءِ توهان ان کي سزا ۽ ڏوهہ کان آزاد ڪرڻ جي ڪوشش ڪندؤ.

هيٺر "انسان" پنهنجو پاڻ ڪنيل بار سان تمام گهڻو سٽيل آهي ان جو رستو گهڻو ڪيڙيءَ وارو ۽ منجهيل آهي. هر نئون فيصلو منصف ۽ ڏوهاري ٻنهي لاءِ هڪ فالتو بوجهہ بنجي وڃي ٿو. جيڪڏهن توهان چاهيو ٿا تہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توهان جا بار هلڪا ٿين ٿا ته ڪنهن به انسان بابت فيصلو نه ڏيو. جيڪڏهن توهان چاهيو ٿا ته توهان جا بار پنهنجو پاڻ لهي وڃن، توهان جو رستو هموار هجي ته پنهنجي قدمن جي صحيح رخ لاءِ عرفان کي پنهنجو اڳواڻ بنايو.

مان توهان بابت ڪو فيصلو ٻڌائڻ نه آيو آهيان. پر توهان لاءِ مقدس عرفان کڻي آيو آهيان.

بنون: قيامت جي ڏينهن لاءِ توهان اسان کي ڇا ٻڌائيندا؟"

ميرداد: بنون، هر ڏينهن قيامت جو ڏينهن آهي، هر اک ڇنڀ کان پوءِ هر هڪ شخص جي حساب جي پاڇي ڪڍي ويندي آهي. ڪجهه به لڪل نه ٿو رهي، ڪابه شيءِ حساب کان ٻاهر نه ٿي رهي.

ڪو خيال، ڪو عمل ۽ فعل ڪا خواهش اهڙي نه ٿي رهي جيڪا سوچيندڙ، ڪندڙ ۽ چاهيندڙ جي اندر ۾ اڪري نه ٿي وڃي. هن دنيا ۾ ڪوبه عمل، ڪابه خواهش ۽ ڪو خيال سنڌ نه ٿو رهي. جيڪو ڪجهه خدا ئي قانون موجب ٿئي ٿو "زندگيءَ". سان لاڳاپجي وڃي ٿو، جيڪو ڪجهه ان جي خلاف ٿئي ٿو اهو "موت" سان وڃي ملي ٿو.

بنون: تنهنجا سڀ ڏينهن هڪجهڙا نه هوندا آهن، ڪجهه پرسڪون هوندا آهن، اهي صحيح طور تي گذريل لمحن جو ڦل هوندا آهن.

ڪجهه ڪڪرن ۾ ويڙهيل هوندا آهن، اهي "موت" ۾ نيم خوابي ۽ "زندگيءَ ۾ نيم ٻيداري، جي حالت ۾ گذاريل گهڙين جي سوکڙي هوندا آهن.

ڪجهه ٻيا تيز رفتار طوفانن تي سوار ٿي ايندا آهن. اکين ۾ ڪنوڻ جي چمڪ ۽ ناسن ۾ ڪڪرن جو گوڙ کڻي- اهي مٿان کان توهان تي غضب موڪليندا آهن، هيٺان کان ڇهڪ هڻندا آهن، اهي توهان کي سڄي ۽ کٻي اڇليندا رهندا آهن. اهي توهان کي زمين تي اونڌو ڪري اڇلائيندا آهن ۽ توهان کي ڌڌڙ چٽڻ تي مجبور ڪندا آهن ۽ توهان چاهيندؤ ته ان کان نه جمڻ ئي بهتر هو. اهڙا ڏينهن ارادي طور خدائي قانون جي مخالفت ۾ گهاريل گهڙين جو ڦل هوندا آهن.

دنيا سان ايئن ئي ٿيندو آيو آهي. جيڪي پاڇا هن وقت آسمانن تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چانيل آهن. اهي انهن پاڇن ڪان جيڪي پاڻ سان گڏ طوفان ڪٺي آيا هئا، ٿورو بہ گهٽ منحوس نہ آهن. پنهنجون اکيون کوليو ۽ ڏسو.

جڏهن توهان ڪڪرن کي ڏکڻ جي هير تي سوار اتر ڏانهن ڀڄندي ڏسو ٿا تہ ڇئو ٿا تہ اهي اسان لاءِ مينهن آڻيندا تہ پوءِ توهان انساني ڪڪرن جي معنيٰ ڪيڻ لاءِ اهڙي قسم جي سمجهہ کان ڪم ڇونہ ٿا وٺو؟ توهان ڇونہ ٿا ڏسو تہ انسان بري طرح انهن ۾ ڦاسجي ويو آهي؟

مونجهاري جي حل جو ڏينهن ويجهو آهي. اهو ڏينهن ڪيترو خوفائتو هوندو!

ڏسو. اڻ ڳڻين صدين جي دوران انسانن جا چار سندن نفس ۽ روح جي رڳن مان اٿيا ويا آهن. انسانن کي انهن جي ڦندي مان آجو ڪرڻ لاءِ انهن جو تاجي پيٺو اديڙٺو پوندو. انهن جا هڏا بہ ڇڪنا چور ڪرڻا پوندا ۽ اها ڪل اديڙڻ ۽ هڏين کي چٽڻ جو ڪم ڪين پاڻ کي ئي ڪرڻو پوندو. تيپسيا ڪرڻي پوندي.

جڏهن ڊڪڻ ڪنيا ويندا ۽ اهي پڪ سان ڪنيا ويندا ۽ جڏهن ديگڙيون جيڪي ڪجهہ انهن ۾ آهي، ٻاهر ڪڍنديون. جيڪو ٿيڻو ئي آهي. تہ انسان شرم کان پنهنجو ٻوٿ ڪٿي لڪائيندو ۽ ان جي ڀڃي وڃڻ لاءِ ڪهڙي جاءِ هوندي؟

ان ڏينهن " جيئرا انسان مئلن تي رشڪ ڪندا ۽ مري ويل جيئندڙن تي لعنت وجهندا. انسانن جا لفظ سندن نڙيءَ ۾ چنبڙي ويندا ۽ روشني سندن پنبڻين تي ڄمي ويندي. سندن دلين مان نانگ ۽ وڇون نڪري ايندا ۽ خوف ۾ ويڙهجي دانهون ڪندا. اهي نانگ ۽ وڇون ڪٿان آيا. تڏهن انهن ک ياد نہ هوندو تہ اهي انهن پنهنجي دلين ۾ پالي رکيا هئا.

ٻنهنجون اکيون کوليو ۽ ڏسو! اسان جي هن "ٻيڙي" ۾ غرق ٿيندڙ دنيا لاءِ روشن مناري جي طور تي قائم ڪيل گپ جو هڪ انبار بہ آهي. توهان جنهن کي ڪنهن بہ صورت ۾ پار نہ ٿا ڪري سگهو. جيڪڏهن روشن منارو پاڻ سرڪڻ ڦاهي تي وڃي تہ سمنڊ ۾ سفر ڪندڙن جي حالت ڪيڏي خراب ٿيندي.

ميرداد: توهان لاءِ ٻيڙو ٺاهيندو. نيڪ هن ئي آکيري ۾ ان جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيڙهہ رکي ان جي اڏاوت ڪندو. جڏهن توهان هن آڪيري مان اڏري دنيا ۾ ويندؤ تہ توهان وٽ زيتون جي ٽارين بجاءِ لازوال زندگي هوندي. ان لاءِ ضروري آهي تہ توهان وٽ خدا ئي قانون جو علم هجي ۽ توهان ان تي عمل ڪريو.

اسان ڪي خدا ئي قانون جو علم ڪيئن ملندو ۽ ان تي ڪيئن عمل ڪريون؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب يارهون

# محبت خدائي قانون آهي

**(ميرداد ساٿين جي وچ ۾ ڇڪتاڻ پيدا ٿيڻ جي اڳڪٿي ڪري ٿو ۽ رباب وڄائي نئين پيڙهي جو گيت ڳائي ٿو.)**

ميرداد: محبت خدائي قانون آهي.

توهان کي زندگي ان ڪري عطا ڪئي وئي آهي تہ جيئن محبت ڪرڻ سکو. توهان محبت ان ڪري ڪريو ٿا تہ جيئن توهان جيئڻ سکو. انسان مان ڪنهن بہ ٻي سبق سکڻ جي اميد نہ ٿي ڪري سگهجي.

۽ ڇا محبت اها نہ آهي تہ محبوب، محبوبہ کي سدائين لاءِ پنهنجي هستيءَ ۾ جذب ڪري وٺي تہ جيئن اهي ٻئي هڪ ٿي وڃن.

ٻانهي کي ڪنهن سان يا ڪيئن محبت ڪرڻي آهي؟ ڇا ٻانهي کي حياتيءَ جي وڻ تي لڳل ڪنهن خاص پن جي چونڊ ڪري پنهنجي سموري محبت ان تي لاهي ڇڏڻي آهي؟ پوءِ جنهن تي اهو پن لڳل آهي ان ڏار جو ڇا ٿيندو؟ ان ٿڙ جو ڇا ٿيندو جيڪو ان کي جهلي بيٺو آهي. ان ڇوڏي جو ڇا ٿيندو جيڪو ٿڙ جي حفاظت ڪري ٿو. انهن پاڙن جو ڇا ٿيندو جنهن کي ڇوڏن، ٿڙ، ڏارن ۽ پنن کي خوراڪ پهچائين ٿيون. ان مٽيءَ جو ڇا ٿيندو. جنهن پاڙن کي پنهنجي هنج ۾ جهليو آهي. پوءِ سج، سمنڊ ۽ هوا جو ڇا ٿيندو. جيڪي ان مٽيءَ کي زرخيز ڪن ٿا.

جيڪڏهن ڪنهن وڻ تي لڳل ننڍو پن توهان جي محبت جو حقدار



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيستائين توهان جي دلين ۾ نفرت جو واهيرو آهي، توهان محبت جي سرور کان واقف نہ ٿيندؤ. جيڪڏهن توهان هڪ ننڍڙي ڪيئين ڪي ڇڏي باقي سڀني شين جي پرورش زندگيءَ جي جوهر سان ڪندا وجو تہ پوءِ اهو ننڍڙو ڪيڙون اڪيلو ئي توهان جي زندگي زهر ڪري ڇڏيندو. جوتہ ڪنهن شيءِ يا ڪنهن شخص سان محبت ڪندي توهان پنهنجي ذات سان محبت ڪيو ٿا. ساڳيءَ ريت ڪنهن شيءِ يا ڪنهن شخص سان نفرت ڪندي دراصل توهان پنهنجو پاڻ سان نفرت ڪريو ٿا. جوتہ جنهن سان توهان نفرت ڪيو ٿا تہ اهو پوري طرح ڪنهن سڪي جي ٻنهي پاسن وانگر اڻ لکي صورت ۾ ان هستيءَ سان واڳيل آهي، جنهن سان توهان محبت ڪيو ٿا. جيڪڏهن توهان پنهنجو پاڻ سان ايمانداريءَ وارو سلوڪ ڪرڻ چاهيو ٿا تہ ان کان اڳ جو توهان ان سان محبت ڪريو. جنهن سان توهان محبت ڪريو ٿا ۽ جيڪو توهان سان محبت ڪري ٿو، توهان ان سان محبت ڪريو جنهن کان توهان نفرت ڪريو ٿا ۽ هو توهان کان نفرت ڪري ٿو.

محبت ڪا نيڪي نہ آهي، محبت هڪ ضرورت آهي. ماني ۽ پاڻيءَ کان بہ اهم، روشنيءَ ۽ هوا کان بہ وڌيڪ ضروري.

ڪنهن کي بہ محبت تي مغرور نہ ٿيڻ گهرجي. محبت اهڙيءَ ريت توهان جي سامهن ۾ بنا رڪاوٽ ۽ لاشعوري طور تي اندر اچڻ ۽ وڃڻ گهرجي جيئن هوا توهان جي اندر ۽ ٻاهر اچي وڃي ٿي.

محبت کي ضرورت نہ آهي جو ڪو ان جو مان وڌائي. اها جنهن کي پنهنجي مان مطابق سمجهي ٿي، ان دل جو رتبو اها خود بخود مٿيرو ڪري ڇڏي ٿي.

محبت جو ڪو صلو نہ گهرجي. محبت ئي محبت جي مناسب جزا آهي، جيئن نفرت ئي نفرت جي صحيح سزا آهي.

"محبت" سان ڪابہ ڏي وٺ نہ ڪيو. جوتہ محبت سواءِ پنهنجو پاڻ جي ڪنهن ٻئي جي اڳيان جواب ده نہ هوندي آهي.

محبت نہ تہ ڪنهن کي اوڌر ڏيندي آهي ۽ نہ وٺندي آهي. محبت خريد و فروخت نہ ڪندي آهي، پر جڏهن اها ڏيڻ تي ايندي آهي تہ پنهنجو سڀ ڪجهہ لٽائي ڇڏيندي آهي ۽ جڏهن وٺڻ تي ايندي آهي تہ سڀ ڪجهہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وني ڇڏيندي آهي. ان جو ونڻ ئي ان جو ڏيڻ آهي. ان جو ڏيڻ ئي ان جو ونڻ آهي. ان ڪري اها اڄ سياڻي ۽ سدائين هڪجهڙي رهندي آهي.

جيئن سمنڊ ۾ وهي خالي ٿيندڙ ڪو زبردست درياءُ سمنڊ وسيلي وري سدائين لاءِ ڀرجي ويندو آهي، ساڳيءَ ريت توهان ڪي "محبت" ۾ خالي ٿيڻ گهرجي تہ جيئن توهان محبت سان ڀرپور رهو. اهو تلاءُ جيڪو سمنڊ جي سوغات ان ڪي موٽائڻ کان گهٻرائيندو آهي، هڪ ڪني گپ بنجي ويندو آهي.

محبت ۾ نہ وڌيڪ جي گنجائش هوندي آهي نہ گهٽ جي. جنهن وقت توهان ان جا درجا مقرر ڪرڻ ۽ ان جي ماپ تور ڪرڻ جي ڪوشش ڪندؤ تہ اها توهان جي هٿن مان نڪري ويندي ۽ پنهنجي پٺيان ڇڏي ويندي پنهنجون ڪڙيون يادون.

محبت ۾ "هاڻي" ۽ "پوءِ" نہ ٿيندا آهن ۽ نہ "هتي" "هتي" ئي هوندا آهن .سموريون موسمون محبت جون هونديون آهن. سموريون جايون محبت جو موزون گهر آهن.

محبت ڪي حدون يا بندشون گوارا نہ ٿي ڪري، جنهن محبت جي راهہ ۾ ڪا بندش موجود هجي، سمجهو تہ ها اڃا محبت سڏرائڻ جي حقدار نہ آهي.

مان توهان کان اهو اڪثر ٻڌو آهي تہ محبت انڌي هوندي آهي، ڇو تہ ان کي پنهنجي محبوب ۾ ڪوبہ نقص نظر نہ ٿو اچي. ان قسم جي انڌائپ ئي اعليٰ درجي جي بصيرت آهي.

ڪاش! توهان اهڙي قسم جا انڌا هجو ها جو توهان کي ڪنهن شيءِ ۾ ڪوبہ نقص نظر نہ اچي.

نہ. محبت جي اک تہ صاف ۽ اندر تائين ڏسڻ واري هوندي آهي. ان ڪري اها ڪو عيب نہ ٿي ڏسي. جڏهن محبت توهان جي نظر کي پاڪ ڪري ڇڏي ٿي تہ پوءِ توهان کي ڪابہ شيءِ محبت جي نامستحق نظر نہ ٿي اچي. محبت کان محروم عيب ڳوليندڙ اک ئي سدائين پنهنجو ٻاڻ کي عيب جوئي ۾ غلطان ڪري رکي ٿي. جيڪي عيب اها ڳولي ٿي اهي ان جا پنهنجا عيب هوندا اهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محبت ملائي ٿي، نفرت ڌار ڪري ٿي. مٽي ۽ پٿرن جو هي ٻي ٽڪو انبار جنهن کي توهان توجا جاءِ جي چوٽي چئو ٿا. ان کي جيڪڏهن محبت جي ڏور سان نہ ٻڌي رکجي تہ هي هڪ گهڙيءَ ۾ ٻرزا پرزا ٿي وڃي. توهان جا جسم ٻلي فنا پذير لڳندا هجن، اهي بہ ٻل پنهنجي فنا جو مقابلو ڪن پر شرط اهو آهي تہ توهان انهن سمورن گهرڙن (Cells) سان هڪ جهڙي محبت ڪريو.

محبت اهو سڪون آهي جيڪو زندگيءَ جي سريلي آواز واري ڪلام، سان گڏ ڌڙڪي ٿو. نفرت اها جنگ آهي، جنهن ۾ موت جا شيطاني ڌماڪا ٿيندا رهن ٿا. توهان ڇا چاهيندؤ! محبت ڪرڻ ۽ سدائين پرسڪون رهڻ يا نفرت ڪرڻ ۽ لڳاتار جنگ ۾ رذل رهڻ؟

توهان جي اندر سموري زمين زنده آهي. آسمان ۽ ان جا ميزبان توهان جي اندر زنده آهن. ان لاءِ جيڪڏهن توهان پنهنجو پاڻ سان محبت ڪرڻ چاهيو ٿا تہ زمين ۽ ان جي سيني ٺي پرورش پائيندڙ ان جي سمورن ٻارن سان محبت ڪريو. آسمانن ۽ انهن جي ماڻهن سان محبت ڪريو.

ابيمار. توکي نروندا سان نفرت ڇو آهي؟

نروندا: مرشد جي آواز ۽ خيالن جي وهڪري ۾ اوچتي تبديلي اجڻ جي ڪري سيئي گهبرائجي ويا. ابيمار ۽ منهنجي وچ واري ڇڪتاڻ کي اسان وڏي احتياط سان لڪائي رکيو هو ۽ اسان کي خاطري هئي تہ ان جي ڪنهن کي بہ خبر ڪانهي. ان بابت سڌي سوال تي اسان چپ ٿي وياسين. هاڻي سمورا انتهائي حيرت ۾ ورنل اسان ٻنهي ڏانهن ڏسي رهيا هئا ۽ ابيمار جي چپن جي چرپر جي انتظار ۾ هئا.

ابيمار: ڇا تو مرشد کي ٻڌائي ڇڏيو آهي؟

نروندا: جڏهن ابيمار ان کي مرشد چيو تہ منهنجي دل اندر ئي اندر خوشيءَ سان ٻرجي وئي. جوتہ ميرداد جو پنهنجو راز ظاهر ڪرڻ کان گهٽي دير پهريون اسان جي وچ ۾ ان لفظ تي اختلاف پيدا ٿيو هو. منهنجو خيال هو تہ هو مرشد آهي. ماڻهن کي رستو ڏيکارڻ آيو آهي. جڏهن تہ ابيمار ضد تي بيٺو هو تہ هو هڪ عام ماڻهو آهي.

ميرداد: ابيمار، نروندا ڏانهن نيڏي اک سان نہ ڏس، ڇوتہ هو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بلڪل بي قصور آهي.

ابيمار: پوءِ توکي ڪنهن ٻڌايو؟ ڇا تون ماڻهن جي دلين جو احوال ڄاڻي وٺين ٿو؟

ميرداد: ميرداد کي ڪنهن مخبر يا مترجم جي ضرورت نہ آهي، جيڪڏهن تو ميرداد سان ان ئي طرح محبت ڪئي هجي ها، جيئن هو توهان سان ڪري ٿو تہ تون بہ سولائيءَ سان ان جي دل جي ڳالهہ سمجهي سگهين ها. ان جي دل ۾ ڏسي سگهين ها.

ابيمار: مرشد! هن انڌي ۽ ٻوڙي ماڻهوءَ کي معاف ڪر. منهنجون اکيون ۽ ڪن کول، ڇوتہ مان ڏسڻ ۽ ٻڌڻ لاءِ بيتاب آهيان.

ميرداد: رڳو محبت ئي معجزا ڪري سگهي ٿي. جيڪڏهن توکي ڏسڻ جي خواهش آهي تہ تون محبت کي پنهنجي اک جي پُتليءَ ۾ سمائي ڇڏ. جيڪڏهن توکي ٻڌڻ جي آرزو آهي تہ تون محبت کي پنهنجي ڪنن جي پردي ۾ جاءِ ڏي.

ابيمار: پر مان تہ ڪنهن سان بہ نفرت نہ ٿو ڪريان. نروندا سان بہ نہ.

ميرداد: ابيمار! نفرت نہ ڪرڻ، محبت ڪرڻ نہ آهي، ڇوتہ "محبت" عملي سگهہ آهي. اها جيستائين هر قدم تي توهان جي رهنمائي نہ ٿي ڪري، توهان پنهنجو رستو ڳولي نہ ٿا سگهو ۽ جيستائين اها توهان جي هر تمنا. هر خيال کي پاڪ نہ ٿي ڏئي، توهان جي هر تمنا توهان جي خوابن ۾ ڦٿل وڃون پونو هوندو. توهان جو هر خيال توهان جي زندگيءَ لاءِ نوحو بنجي ويندو.

هن گهڙيءَ منهنجي دل رباب آهي. مان چاهيان ٿو تہ ڪجهہ ڳايان. زمورا منهنجا يار تنهنجو رباب ڪٿي آهي.

زرمورا: مرشد ڇا مان پنهنجو رباب کڻي اچان.

ميرداد: ها زمورا.

نرودا: زمورا ان وقت اٿي ڪرو ٿيو ۽ رباب کڻڻ هليو ويو. باقي سمورا وائڙا ٿي ويا ۽ هڪٻئي ڏانهن ڏسندي خاموش وينا رهيا.

ميرداد:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هل، تر تون منهنجي ٻيري،
رب، تنهنجو ملاح.
ٻلي هر جيئري ۽ مئل تي
قهر آڻي طوفان،
هيءَ ڌرتي تپي، ٽي وڃي
پگهريل لوهہ جيان،
آسمان تان ڍهي وڃن،
چنڊ سج ۽ تارا
ٻارڙئون وڃن پنجي،
"ربّ" تنهنجو ملاح.

هلندي هل منهنجي ٻيڙي،
ترندي هل تون منهنجي ٻيڙي،
تو وٽ آهي پيار،
طوفان تي سوار
اتر ڏکڻ، اولهہ اوڀر،
گهمي گهمي ورهاءِ،
پنهنجي دولت جا ڀنڊار،
ملاحن لاءِ اونداهيءَ ۾،
تون روشني وڇاءِ،
تو وٽ آهي پيار.

هلندي هل تون منهنجي ٻيڙي،
ترندي هل تون منهنجي ٻيڙي،
تنهنجو لنگر آهي ايمان،
بيشڪ ڪڪر ڪڙڪن،
ٻلي ڪنوٽيون ڪنون،
۽ جبل ڦاٽي پون،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب ٻارهون

# تلخيقي خاموشيءَ بابت

## (زبان مان نڪتل ڳالهہ وڏ ۾ وڏ ايماندارانہ ڪوڙ ٿي ثابت ٿي)

نرونڊا: جڏهن ٽي ڏينهن گذري ويا، "ست ئي ساٿي" جڻ ڪنهن ڪُوئي ناقابل مزاحمت حڪم مليو هجي، پنهنجو پاڻ گڏ ٿي ويا ۽ جابلو اوتاري ڏانهن هلي پيا. اڳيان "مرشد" اسان کي اهڙيءَ ريت مليو جڻ اسان جي اچڻ جو ڪيس پورو انتظار هو.

ميرداد: منهنجا پکيڙڙا ٻچڙؤ! مان توهان کي هڪ ڀيرو ٻيهر پنهنجي آکيري ۾ اچڻ تي ڀليڪار چوان ٿو. ميرداد کي پنهنجا خيال ۽ پنهنجي خواهش صاف صاف ٻڌايو.

ميڪايون: اسان جو هڪ ئي ارادو ۽ هڪ ئي آرزو آهي تہ اسان ميرداد جي ويجهو رهون تہ جيئن اسان ان جي سچائيءَ کي ٻڌون ۽ محسوس ڪري سگهون. شايد اسان ان وانگر جيئن هو آهي ٻي پاڇي ٽي وڃون. ائين ڇو آهي جو ان جي خاموشي اسان جي دلين ۾ خوف پيدا ڪري ڇڏي ٿي. ڇا اسان ان کي ڪنهن ڳالهہ تان ناراض ڪري ڇڏيو آهي؟

ميرداد: مون ٽن ڏينهن جي خاموشي توهان کي پنهنجو پاڻ ڪان ٻري ڪرڻ لاءِ نہ پر وڌيڪ پنهنجي ويجهو اٿڻ لاءِ اختيار ڪئي هئي. جيستائين مون کي ناراض ڪرڻ جو تعلق آهي تہ جيڪو بہ خاموشيءَ جي اڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان ڪري جنگ لاءِ سندرو بڌو. پنهنجون پنهنجون ڍالون ۽ زرهون چمڪايو ۽ پنهنجي تلوارن ۽ نيرزن کي تيز ڪريو. خاموشي نغارو وڄائي ۽ اها ئي جهنڊو جهلي.

بنون: اها ڪهڙي خاموشي آهي، جيڪا سانگي وقت ۾ نغارو وڄائيندڙ به آهي ۽ جهنڊو کڻندڙ به؟

ميرداد: جنهن چپ جي دنيا ۾ مان توهان کي وٺي هلندس، اها اهڙي نه ختم ٿيندڙ وسعت آهي جتي نيستي (Nothingness) هستي (Being) ۾ منتقل ٿي وڃي ٿي ۽ هستي نيستيءَ ۾ بدلجي وڃي ٿي. هيءَ اها دهشتناڪ خلا آهي، جتي هر آواز پيدا ٿيندو آهي ۽ خاموش ڪيو ويندو آهي ۽ هر شڪل قالب ۾ جوڙي ويندي ۽ نابود ڪئي ويندي آهي، جتي خودي لکي ويندي آهي ۽ ڊاهي ڇڏي ويندي آهي، جتي سواءِ "اُن" "خدا" جي ڪجهه به نه آهي.

جيستائين توهان ان خلا ۽ ان وسعت کي پرسڪون مراقبعي ۾ پار نه ٿا ڪريو، توهان کي معلوم نه ٿيندو ته توهان جي هستي ڪيتري حقيقت آهي ۽ نيستي ڪيتري بي حقيقت. نه ئي توهان کي اها خبر پوندي ته توهان جي حقيقت "حقيقت ڪل" سان ڪيتري قدر مضبوطيءَ سان ٻڌل آهي.

مان چاهيان ٿو ته توهان ان خاموشيءَ ۾ گهمو ته جيئن توهان جي پراڻي سوڙهي ڪل لهي وڃي ۽ توهان غيرپابند آزادانه طور تي گهمي ڦري سگهو.

مان چاهيان ٿو ته توهان پنهنجون خواهشون ۽ تمنائون، پنهنجو حسد ۽ هوس، اتي ڪٺي وڃو ته جيئن توهان انهن کي هڪ هڪ ٿي غائب ٿيندي ڏسو ۽ اهڙيءَ ريت توهان جي ڪنن کي انهن جي لڳاتار دانهن کان راحت ملي ۽ توهان جا پاسا انهن جي ڪرين جي تکن ڪوڪن جي عذاب کان بچي سگهن.

مان چاهيان ٿو ته توهان اتي پهچي هن دنيا جا تير ڪمان اڇلائي سگهو، جن مان توهان بردباريءَ ۽ خوشيءَ جو شڪار ڪرڻ جي اميد رکو ٿا. پر سواءِ بي چينيءَ ۽ غم جي ڪنهن به ٻي شيءِ جو شڪار نه ٿا ڪري سگهو.

مان چاهيان ٿو ته توهان اتي پنهنجي ذات جي اونداهيءَ ۽ ساهه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منجهائيندڙ خول کان ٻاهر نڪري. ”اصل ذات“ جي روشنيءَ ۾ آزاد هوا ۾ قدم رکي سگهو.

مان توهان کي اهڙي حقيقت ”چپ“ جي تلقين ڪيان ٿو ۽ ڳالهائي ڳالهائي ٿڪل توهان جي زبانن کي رڳو راحت پهچائڻ جي لاءِ نہ.

مان توهان کي زمين جي ميووي واري خاموشيءَ جي سفارش ڪيان ٿو. گنهگارن، بدمعاشن جي خوفائتي چپ جي نہ.

مان توهان کي آري تي ويٺل ڪکڙ جي تحمل گاڏڙ خاموشيءَ جي سفارش ڪيان ٿو. آنا ڏيندڙ. ٻي چيني، سان ڪاڪرائيندڙ ان جي هر جنس جي نہ. انهن مان هڪ ايڪيهہ ڏينهن آنن تي ويهي ٿي ۽ خاموش اعتماد سان انتظار ڪري ٿي تہ ”ڳجهو هٿ“ ان جي پرن واري سيني جي هيٺان ڪرامتون ڏيکاريندو. جڏهن تہ ٻي پنهنجي آري واري جاءِ مان تڪڙي ٻاهر اچي ٿي ۽ چرين وانگر ڪاڪرائيندڙ پنهنجو آنو ڏيڻي اچڻ جو ڍنڍورو وجائي ٿي.

منهنجا ساٿيو! ڪاڪرائيندڙ نيڪيءَ کان خبردار رهو. جيئن توهان پنهنجي شرم کي پردي ۾ رکو ٿا تيئن ئي پنهنجي وقار کي بہ ڍڪي رکو. چوتہ ڪاڪرائيندي وقار خاموش بدناميءَ کان بہ بدتر آهي ۽ بنهنجو اعلان ڪندڙ نيڪي؛ گونگي بديءَ کان بدتر آهي.

وڌيڪ ڳالهائڻ کان پرهيز ڪريو. ٿي سگهي ٿو تہ زبان مان ڪڍيل هڪ هزار لفظن مان اصل ۾ هڪ ئي لفظ ڳالهائڻ جي ضرورت هجي. باقي سمورا تہ دماغ کي ڌنڌلو ڪن ٿا ۽ ڪنن کي ٻوڙهو ڪن ٿا. زبان کي اذيت پهچائين ٿا ۽ دل کي انڌو ڪن ٿا. اهو لفظ جنهن جي چوڻ جي ضرورت آهي. ڳالهائڻ ڪيڏو ڏکيو آهي. ٿي سگهي ٿو تہ لکيل هڪ هزار لفظن مان رڳو هڪ ئي لفظ لکڻ جي ضرورت هجي. باقي سڀ مس ۽ ڪاغذ جي بربادي هجي يا اهي ٻل جن کي پرن بجاءِ شيهي جا پير ڏنا ويا هجن.

ڪيڏو ڏکيو. اف! ڪيڏو ڏکيو آهي. ان لفظ جو لکڻ جنهن کي اصل ۾ لکڻ جي ضروت آهي.

تنهنجو ڇا خيال آهي؟

بنون: مرشد ميرداد دعا بابت توهان جو ڇا خيال آهي؟

دعا ۾ اسان کان ضرورت کان وڌيڪ لفظ چورايا وڃن ٿا ۽ اسان ضرورت کان وڌيڪ نعمتون گهرون ٿا. پوءِ بہ گهربل شين مان مشڪل سان ڪا اسان کي نصيب ٿئي ٿي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## باب ٻيرهون

# دعا بابت

ميرداد: جڏهن توهان پنهنجو پاڻ کي ڇڏي ٻين ملائڪن (ديوين ديوتائن) ڏانهن رجوع ڪيو ٿا تہ توهان جون دعائون اجايون وڃن ٿيون.

ڇوتہ توهان ۾ پنهنجو پاڻ ڏانهن متوجہ ڪرڻ جي طاقت ان ئي ريت موجود آهي، جيئن پنهنجو پاڻ کان ٻري هٽائڻ جي.

اهي شيون جن کي توهان پاڻ ڏانهن رجوع ڪرڻ چاهيو ٿا توهان جي پنهنجي اندر آهن. ساڳيءَ ريت اهي سڀون بہ توهان جي اندر آهن، جن کي توهان ٻري ڌڪارڻ چاهيو ٿا.

ڇوتہ ڪنهن شيءِ کي حاصل ڪرڻ جو مستحق هئڻ، ان جي بخشش ڪرڻ جي لائق هئڻ بہ آهي.

جتي ٻڪ آهي اتي ڪاڏو بہ آهي، جتي ڪاڏو آهي اتي ٻڪ جو هئڻ بہ لازمي آهي. ٻڪ جو شڪار ٿي ئي توهان ڏوَ جو مزو ماڻي سگهو ٿا.

ها ڪنهن شيءِ جو فنا ٿيڻ ئي ان جي طلب ۾ اضافو آهي، ڇا چاٻي ڪلف جي استعمال جو جواز نہ هوندي آهي؟ ڇا ڪلف چاٻيءَ جي استعمال جو حق نہ ٿو ڏئي.

ڇا چاٻي ۽ ڪلف ٻئي دروازي جي استعمال لاءِ جواز نہ ٿا ٿين.

جڏهن بہ توهان چاٻي وڃائي ويهو يا ڪنهن جاءِ تي رکي وساري ڇڏيو تہ ٻاهر لوهر وٽ وڃي اصرار ڪرڻ جي جلدبازي نہ ڪريو. لوهر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿي ڪهڙو رهي ها؟ جيڪڏهن توهان لاءِ ڪجهہ بہ باقي نہ رهي ها ۽ جيڪي ڪجهہ ڪرڻو هو جي خدا ڪي ٿي توهان لاءِ ڪرڻو هجي ها تہ توهان جي زندگيءَ جو مطلب ڇا هجي ها. توهان جي سموري دعا مان ڇا هٿ اچي ها؟

پنهنجون بي شمار اميدون ۽ فڪر خدا جي اڳيان نہ رکو. جن درن جون چاٻيون ان توهان جي حوالي ڪري ڇڏيون آهن. اهي دروازا کولڻ لاءِ ان کي منٿون نہ ڪريو. بلڪ توهان پنهنجي دلين جي وسعت ۾ ان جي جستجو ڪريو. ڇوتہ دل جي وسعت ۾ هر دروازي جي چاٻي ملي ويندي آهي. ڇوتہ دل جي وسعت ۾ هر اها سٺي يا خراب شيءِ موجود آهي. جنهن جي بک ۽ اڄ توهان کي محسوس ٿئي ٿي.

توهان جي ٿوري اشاري جي پوئواريءَ لاءِ هڪ وڏو لشڪر توهان جي حڪم جي انتظار ۾ آهي. جيڪڏهن ان کي چڱيءَ طرح تيار ڪيو وڃي. دانائيءَ سان ڳنڍيو وڃي. ۽ بي ڊپائيءَ سان ان جي ڪمان ڪئي وڃي تہ ان وسيلي منزل جي رستي جون سموريون رڪاوٽون ختم ڪري ابديت کي پار ڪري سگهجي ٿو. جيڪڏهن ان کي چڱيءَ ريت تيار نہ ڪيو وڃي ۽ بزدليءَ سان ان جي اڳواڻي ڪئي وڃي تہ هي يا تہ هيڏانهن هوڏانهن فضول ڀٽڪندو رهي ٿو يا وري ننڍڙي مشڪل کان گهبرائجي واپس موٽي اچي ٿو ۽ ان جي پٺيان اچي ٿي وحشت ناڪ شڪست.

درويشو! اهو لشڪر ڪو ٻيو نہ آهي. اهي ننڍا ننڍا رت جا جزا آهن. جيڪي هينئر چپ چاپ توهان جي رڳن ۾ گردش ڪري رهيا آهن. انهن مان هر هڪ قوت جو معجزو آهي. هر هڪ توهان جي زندگي ۽ زندگيءَ جو مڪمل ۽ سچو وجور آهي.

اهو لشڪر دل ۾ گڏ ٿئي ٿو. دل سان ٿي ان کي صنفن ۾ آڻي سگهجي ٿو. ان لاءِ ئي دل جي ايتري شهرت آهي. ان مان توهان جي غم ۽ خوشيءَ جا لڙڪ تيزيءَ سان نڪرن ٿا. ان جي اندر توهان جي زندگيءَ ۽ موت جا خوف تيزيءَ سان داخل ٿين ٿا.

توهان جون خواهشون ۽ تمنائون. ان ئي لشڪر جو سازو سامان آهن. توهان جو نفس ان جو ئي حڪمران آهي. توهان جي ارادي جي قوت ان جي ئي ڪسرت ڪرائي ٿي ۽ اڳواڻي سنڀالي ٿي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن توهان پنهنجي رت کي هڪ "اعليٰ خواهش" سان تيار ڪرڻ جي قابل ٿي ويندؤ. جيڪا سمورين خواهشن کي خاموش ڪري ڇڏي ٿي ۽ انهن تي غالب اچي وڃي ٿي ۽ نظم ۽ ضبط هڪ "اعليٰ خيال" جي حوالي ڪري ڇڏيندؤ ۽ سکيا ڏيڻ ۽ اڳواٽيءَ جي ذميواري "اعليٰ ارادي جي قوت" جي سپرد ڪندؤ تہ توهان يقين ڪري سگهندؤ تہ توهان جي خواهش پوري ٿي ويندي.

ڪوبہ درويش پنهنجي رت جي روانيءَ کي اهڙي هر هڪ خواهش ۽ خيال کان پاڪ ڪرڻ کان سواءِ جيڪا ان جي درويشيءَ جي شان وٽان نہ هجي ۽ پوءِ ان کي غير متزلزل ارادي جي قوت جي وسيلي صحيح رخ ڏيڻ کان سواءِ درويشيءَ جي ڪنهن بہ منزل جي جستجو نہ ڪندي. درويشيءَ جو رتبو ڪيئن حاصل ڪري سگهي ٿو.

مان توهان کي ٻڌايان ٿو تہ هر درويشاڻي خواهش. هر درويشانہ خيال ۽ هر درويشاڻو ارادو "آدم" کان وٺي اڄ تائين انسان جي مدد لاءِ بيتاب هوندو. جنهن درويشيءَ جو مرتبو حاصل ڪرڻ جو ٻڪوپهہ ڪيو هجي. ڇوتہ هميشہ کان اهو ٿي ٿيندو ايو آهي تہ پاڻي ڪٽي بہ هجي. سمنڊ جي ڳولا ڪري ٿو. جيئن روشنيءَ جا ڪرڻا سج جي جستجو ڪن ٿا.

هڪ قاتل پنهنجو منصوبو ڪيئن سرانجام ڏيئي ٿو. هو پنهنجي رت کي اياري ان ۾ قتل لاءِ وحشياڻي اڄ پيدا ڪري ٿو ۽ انهن (رت جي) جزن تي قتل تي آماده خيال جو ڇهبڪ هڻي هڪ جي پنيان ٻئي درجي بہ درجي ترتيب ڏيئي انهن کي صف ۾ بيهاري ٿو ۽ پوءِ ارادي جي قوت کي قاتلاڻو وار ڪرڻ جو حڪم ڏيئي ٿو.

مان توهان کي ٻڌايان ٿو تہ هر قاتل قابيل کان وٺي اڄ تائين بنا سڏ ڪئي هر ان شخص جي پانهن جهلڻ ۽ سهاري ڏيڻ لاءِ ڊوڙندو. جنهن تي ان وانگر قتل جو جنون سوار آهي. ڇوتہ هميشہ کان اهو ٿي ٿيندو آيو آهي تہ ڪانوَ ڪانون جو ۽ ٻگهہ ٻگهن جو ساٿ ڏيندا آيا آهن.

ان لاءِ دعا گهرڻ. رت ۾ هڪ اعليٰ خواهش. هڪ اعليٰ خيال هڪ اعليٰ ارادي جي طاقت ڦوڪڻ آهي. اهو پنهنجي ذات کي اهڙيءَ ريت هم آهنگ ڪرڻ آهي. جنهن لاءِ توهان دعا گهرو ٿا تہ مڪمل طور هم آهنگ ٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن کي پنهنجا عبادتگاهہ اڏڻ ڏيو. انهن کي پنهنجي ئي دعا ڳائڻ ڏيو.

پر مان توهان کي ۽ ٻئي هر انسان کي "عرفان" لاءِ دعا گهرڻ جي هدايت ڪيان ٿو. شديد خواهش ڪٿي ڪنهن جي پنيان ڊوڙڻ لاءِ نہ. جيڪا ڪڏهن پوري نہ ٿي ٿئي.

ياد رکو زندگيءَ جي چاٻي "تخليقي اسم" (ڪلمہ-شبد-.Word) آهي. ۽ "تخليقي اسم" جي چاٻي محبت آهي. محبت جي چاٻي "عرفان" آهي. پنهنجي دلين کي ان سان ڀربور ڪريو ۽ پنهنجي زبان کي لفظن جي گهٽائيءَ جي اذيت کان بچايو. پنهنجي دماغن کي وڏيڪ دعائن جي بار کان بچايو.

پنهنجي دلين کي سمورن ملائڪن (ديوين ديوتائن) جي قيد کان آزاد ڪريو. جيڪي توهان کي ڪا خيرات ڏيئي پنهنجو غلام بنائڻ چاهين ٿا. اهي توهان کي هٿ سان پيار ڪندا تہ جيئن ٻئي هٿ سان توهان کي چماٽ هڻي سگهن. جڏهن توهان انهن جي واکاڻ ڪريو ٿا تہ اهي مهربان ۽ مطمئن ٿي وڃن ٿا. پر جڏهن توهان انهن تي ملامت ڪيو ٿا تہ اهي غضبناڪ ٿي وڃن ٿا ۽ اهي انتقام تي لهي اچن ٿا. انهن کي جيستائين ٻاڌايو نہ وڃي تيستائين توهان جي ڳالهہ نہ ٿا ٻڌن ۽ جيستائين توهان انهن جي اڳيان هٿ نہ ٿا ڊگهيريو. اهي توهان کي ڪجهہ بہ نہ ٿا ڏين ۽ توهان کي ڏيڻ کانپوءِ اڪثر پنهنجي ڏنل عطئي تي پڇتائڻ لڳن ٿا. توهان جا ڳوڙها، انهن جو اگر ۽ لوبان يا ڌوپ آهن ۽ توهان جي شرمندگي انهن جو وقار آهي.

ها! پنهنجي دلين کي انهن سمورن ديوين ديوتائن (ڪوڙن پيرن مرشدن) کان آزاد ڪريو تہ جيئن انهن مان توهان کي واحد لاشريڪ رب ملي وڃي، جيڪو توهان کي پنهنجي ربانيت سان پرڻ کان پوءِ بہ چاهيندو تہ توهان سدائين ڀريل رهو.

بنون: ڪڏهن تون انسان بابت اهڙي ڳالهہ ڪرين ٿو جڻ هو قادر مطلق هجي. ڪڏهن تون ان کي لاوارث چئي حقير ڪري ٿو ڇڏين. تو اسان کي جهڙو ڪر ڪوهيڙي ۾ آئي بيهاري ڇڏيو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب چوڏهون

# فرشتن ۽ جنن جي وچ ۾ گفتگو

**(انسان جي ڪڙ مهلي پيدائش تي ٻن مقرب فرشتن ۽ مقرب جنن جي وچ ۾ گفتگو)**

ميرداد: انسان جي ڪڙ مهلي پيدائش جي موقعي تي ٻن مها فرستن جي وچ ۾ ڪائنات جي منين طبق تي هيئين گفتگو ٿي.

پهرين مقرب فرشتي چيو:

”زمين تي هڪ حيرت انگيز ٻار کي جنم ڏنو ويو آهي ۽ زمين روشنيءَ سان چمڪي ٿي آهي.“

ٻئي مقرب فرشتي چيو ته: ”آسمان هڪ وڏي عزت واري بادشاهه کي جنم ڏنو آهي ۽ آسمان جي دل خوشيءَ مان ڏڪي رهي آهي.“

پهريون: هو زمين ۽ آسمان جي ميلاپ جو ميوو آهي.

ٻيو: هو ازلي وصال آهي- ٻيءَ. ماءُ ۽ ٻار.

پهريون: هن زمين جو مان مٿانهون ڪيو آهي.

ٻيو: هن جي دم سان اسمان قائم آهي.

پهريون: هن جي اکين ۾ ڏينهن ننڍا ڪڙا آهن.

ٻيو: هن جي دل ۾ رات سجاڳ آهي.

پهريون: هن جو سينو طوفان جو گهر آهي.

ٻيو: هن جي نڙي نغمي جي ساهمي آهي.

پهريون: هن جي پاڪر ۾ جبلن جا سلسلا اچي ويا آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پهريون: ڇا موت ان کي موت کان سواءِ ڪنهن ٻئي ٻاسي ڪٺي ويندو؟

ٻيو: "موت" ان جي لڳاتار آهه و زاريءَ کان ايترو تہ بيزار ٿي ويندو جو آخرڪار ان کي زندگيءَ جي ٿنبوءَ ۾ وٺي ويندو.

پهريون: ڇا "موت" ، موت سان غداري ڪندو؟

ٻيو: نہ "زندگي" زندگيءَ جي وفادار ٿيندي.

پهريون: اسان اڻ لڀ ۽ سوادي ميون سان ان جي نڙيءَ ۾ بيزاري پيدا ڪنداسين.

ٻيو: پوءِ بہ هو انهن ميون لاءِ سڪندو. جيڪي ڪائنات جي هن طبق ۾ پيدا ٿيندا آهن.

پهريون: اسان ان جي اکين ۽ نڪ کي خوش رنگ ۽ خوشبودار ميون سان لڀائينداسين.

ٻيو: ها، پر ان جي اک ٻين ميون جي مشتاق هوندي ۽ ان جو نڪ ڪنهن ٻي خوشبوءِ جي ڳولا ۾ هوندو.

پهريون: ۽ اسان ان کي لڳاتار ترنم واري پر پري کان ايندڙ نغمن جي لئہ ٻڌائينداسين.

ٻيو: پوءِ بہ ان جو ڪن ڪنهن ٻئي ڳائيندڙ ٽولي ڏانهن هوندو.

پهريون: خوف ان کي اسان جو غلام بنائي ڇڏيندو.

ٻيو: اميد ان کي خوف کان بچائيندي.

پهريون: درد ان کي اسان جو مطيع ڪري ڇڏيندو.

ٻيو: يقين ان کي درد کان ڇوٽڪارو ڏياريندو.

پهريون: اسان منجهائيندڙ خوابن سان ان جي ننڊ کي وڪوڙي ڇڏينداسين ۽ ان جي بي خوابيءَ ۾ اڻ ڇتا پاڇا وکيربنداسين.

ٻيو: ان جو دماغ مونجهارن کي سلجهائي ڇڏيندو ۽ پاڇن کي گم ڪري ڇڏيندو.

پهريون: انهن سمورين ڳالهين جي باوجود اسان هن کي پاڻ ۾ ڳتي سگهون ٿا.

ٻيو: جي چاهين تہ پاڻ ۾ ڳتي سگهين ٿو پر ان جي ڳٽپ پنهنجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مخالفن ۾ ڪر.

ڀريون: ڇا ڪو ساڳئي وقت اسان سان گڏ به ٿي سگهي ٿو ۽ اسان جو مخالف به.

ٻيو: هو جنگ جي ميدان ۾ اڪيلو جنگجو آهي. ان جو اڪيلو دشمن ان جو پاڇو آهي. جيئن جيئن پاڇو بدلجي ٿو. جنگ به رنگ بدلائي ٿي. جڏهن ان جو پاڇو ان جي اڳيان هوندو ته هو اسان سان گڏ هوندو. جڏهن ان جو پاڇو اسان جي پٺيان هوندو ته هو اسان جي خلاف هوندو.

ڀريون: ته پوءِ ڇا اسان ان کي اهڙي طرح نه رکون جو ان جي پٺي سدائين سج ڏانهن ئي هجي.

ٻيو: سج کي سدائين ان جي پٺيءَ جي پٺيان ڪير رکندو؟

ڀريون: هي جنگجو ته هڪ پرولي آهي.

ٻيو: ان جو پاڇو به هڪ ڳجهارت آهي.

ڀريون: اڪيلي بهادر کي سلام.

ٻيو: اڪيلي پاڇي کي آفرين.

ڀريون: پليڪار ان کي. جڏهن هو اسان سان گڏ هوندو.

ٻيو: مرحبا ان کي جڏهن هو اسان جي خلاف هوندو.

ڀريون: هاڻي ۽ سدائين لاءِ.

ٻيو: هتي ۽ هر هنڌ.

ٻن مقرب جنن جي وچ ۾ ڪائنات جي هيٺئين طبق ۾ انسان جي ڪمهلي پيدائش جي موقعي تي اها ڳالهه ٻولهه ٿي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجو پان سان ڳالهيون ڪندو جابلو اوتاري ڪار ٻاهر هليو ويو. "مان ٻيڙي جو سردار آهيان، مان خدا جي عطا ڪيل حقن جو استعمال ڪندس."

مرشد گهڻي دير تائين خيال ۾ ٻڏل رهيو ۽ زبان مان ڪجهه به نه ڪڇيو. پر زمورا چپ نه رهي سگهيو.

زمورا: شمادم اسان جي مرشد جي توهين ڪئي آهي. مرشد تون ڇا ٿو چاهين؟ اسان ان سان ڪهڙو سلوڪ ڪريون؟ اسان کي حڪم ڏي ته اسان ان سان ٺڪر ڪائون.

ميرداد: منهنجا ساٿيو! شمادم لاءِ دعا گهرو. مان توهان طرفان ان سان اهو ڪيل سلوڪ پسند ڪندس. دعا ڪيو ته ان جي اکين تان پردو لهي وڃي ۽ ان جو پاڇو هٽي وڃي.

نيڪيءَ ڏانهن ڏيان ڇڪائڻ ايترو ئي آسان آهي جيترو بديءَ ڏانهن. محبت سان هم آواز ٿيڻ ايترو ئي سؤلو آهي جيترو نفرت سان.

لامحدود "مڪان" مان پنهنجي دلين جي گهرائيءَ وچان دنيا کي دعائون ڏيو. ڇو ته هر اها شيءِ جيڪا دنيا لاءِ نعمت آهي، اها توهان جي حق ۾ نعمت هوندي.

سموري مخلوق جي ڀلائيءَ لاءِ دعا گهرو، ڇو ته مخلوق جي بهتريءَ ۾ توهان جي پنهنجي بهتريءَ آهي. ساڳي ريت مخلوق جي بدحالي توهان جي بدحالي آهي.

ڇا توهان سڀني "هستي" جي بي انت ڏاڪڻ جي حرڪت ڪندڙ لڪڙن وانگر نه آهيو؟ اهي جيڪي پاڪ "جوتڪاري" جي گولي تائين مٿي چڙهڻ چاهين ٿا، انهن کي لازمي طور تي ٻين جي ڪلهن تي چڙهي ويٺو پوندو آهي ۽ انهن کي ٻئي جي واري ۾ ٻين کي چڙهڻ لاءِ پنهنجي ڪلهن کي لڪڙا بڻائڻ گهرجي.

شمادم چاهي، توهان جي هستيءَ جي ڏاڪڻ جو محض هڪ لڪڙو! ڇا توهان نه چاهيندؤ ته توهان جي ڏاڪڻ اڃان به وڌيڪ محفوظ هجي. ان ڪري هر هڪ لڪڙي ڏانهن ڌيان ڏيو ۽ ان کي بنا خطري وارو ۽ مضبوط بڻايو.

شمادم ڇا هي توهان جي زندگيءَ جي پيڙهه ۾ رکو هڪ پٿر! ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توهان ڇا آهيو. فقط ان جي ۽ مخلوق جي زندگيءَ جي عمارت ۾ رڳو هڪ پٿر! جيڪڏهن توهان چاهيو ٿا تہ توهان جي عمارت ڪنهن نقص کان بلڪل پاڪ هجي تہ شمادم کي بنا نقص وارو پٿر ناهڻ جي ڪوشش ڪريو. توهان پنهنجو پاڻ ۾ بنا نقص جي رهو تہ جيئن اهي ماڻهو. جن جي زندگيءَ ۾ توهان کي هنيو ويندو، پنهنجي عمارت کي بنا نقص جي بڻائي سگهن.

توهان جو ڇا خيال آهي تہ توهان کي ٻن کان وڌيڪ اکيون عطا نہ ڪيون ويون آهن؟ مان توهان کي ٻڌايان ٿو تہ هر ديد واري اک، چاهي "زمين" تي هجي يا ان کان مٿي يا ان کان هيٺ، توهان جي ئي اک جي واڌ (Extention) آهي. توهان جي پاڙيسريءَ جي نظر جنهن حد تائين صاف هوندي، ان حد تائين توهان جي پنهنجي نظر بہ صاف هوندي. توهان جي پاڙيسريءَ جي اک جنهن حد تائين ڏنڌلي هوندي، ان حد تائين توهان جي پنهنجي نظر بہ ڏنڌلي هوندي.

هر انڌي انسان ۾ توهان اکين جي هڪ جوڙيءَ کان محروم رهجي ٿا وڃون. انهن اکين کي هر صورت ۾ توهان جي اکين جي طاقت بڻجڻو هو. پنهنجي پاڙيسريءَ جي اکين جي حفاظت ڪيو تہ جيئن توهان وڌيڪ صاف ڏسي سگهو. پنهنجي اکين جي حفاظت ڪريو تہ جيئن توهان جو پاڙيسري ٿاٻو نہ کائي ۽ توهان جي در لاءِ رنڊڪ نہ بڻجي؟

زمورا جي خيال ۾ شمادم منهنجي بي عزتي ڪئي آهي. شمادم جي جهالت منهنجي علم کي ڪيئن چيڙائي سگهي ٿي.

هڪ گندو نالو وڏي سولائيءَ سان ٻئي نالي کي گندو ڪري سگهي ٿو، پر ڪو گندو نالو ڪڏهن سمنڊ کي بہ گندو ڪري سگهندو آهي؟ سمنڊ گندگيءَ کي وڏي آسانيءَ سان قبول ڪري وٺندو ۽ ان کي پنهنجي تهہ ۾ وڃائي ڇڏيندو ۽ بدلي ۾ ان نالي کي صاف پاڻي ڏيندو.

توهان زمين جي هڪ چورس فوت يا شايد هڪ چورس ميل کي گندگي يا جيتن کان پاڪ ڪري سگهو ٿا پر هن زمين جي گولي کي ڪير گندگيءَ يا جيوڙن کان پاڪ ڪري سگهندو؟ زمين انسانن ۽ جانورن جي سموري گندگي پنهنجي اندر جذب ڪري وٺي ٿي ۽ بدلي ۾ ڪثرت سان انهن کي مٺا ميوا ڏيئي ٿي، خوشبودار گل، اناج ۽ گاهہ ڏيئي ٿي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽروندا: اهو ٻڌي ست ئي ساٿي چپ چاپ هليا ويا. چوٿون اسان کي اها خبر ٻنجي وئي هئي تہ مرشد جڏهن بہ "اها تعليم مون نوح کي ڏني هئي" جي لفظن ني ٻنهنجي تقرير ختم ڪندو آهي تہ اشارو هوندو آهي تہ هاڻي هو وڌيڪ ڪجھ چوڻ نہ ٿو چاهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تون رستيديون کان کهڙو وياج گهرين ٿو؟ ڇا تون اهو ڏسي نہ ٿو سگهين تہ تنهنجو اهو قرض هن غريب لاءِ ڪيڏو هاجيڪار ثابت ٿيو آهي. هن جي مٿل پٽ، هن جي مٿل ڳئون ۽ اڄ رنگ ۾ ورتل زال کان وڌيڪ ادائيگي ڪان سواءِ آخر تون ڇا ٿو چاهين؟ هڪ ڇٻي ڇيلهہ ايترا قاتل ڪپڙا ڪٽي گهمندي ني وتي. ان کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو وياج تون وصول ڪرڻ چاهين ٿو؟

افسوس شمادم! پنهنجون اکيون پٽ، جاڳ. ان کان اڳ جو توکي پنهنجا قرض وياج سميت ادا ڪرڻ لاءِ چيو وڃي ۽ نہ ڏيڻ جي صورت ۾ توکي قيدخاني ۾ گهلي آندو وڃي ۽ اتي سڙڻ لاءِ ڇڏيو وڃي.

سانيو! اهائي ڳالهہ مان توهان کي چوان ٿو پنهنجون اکيون پٽيو ۽ ننڊ مان جاڳو.

توهان جڏهن بہ جترو بہ ڏيئي سگهو، سڀ ڪجهہ ڏيئي ڇڏيو پر ڪڏهن بہ قرض نہ ڏيو. ٿي سگهي ٿو تہ جيڪي ڪجهہ توهان وٽ آهي، توهان جي زندگي سميت قرض ٻڌجي وڃي ۽ اهو قرض توهان کي ترت ادا ڪرڻو پوي ۽ جنهن کي ادا نہ ڪرڻ جي صورت ۾ توهان کي ڏيوالو قرار ڏيئي قيد خاني ۾ سڙڻ لاءِ ڌڪيو وڃي.

نروندا: پوءِ مرشد پنهنجي هٿن ۾ جهليل ڪاغذ کي ڏنو ۽ ڇاٽي واٽي ان جا ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيا ۽ اهي ٽڪرا هوا ۾ اڏاري ڇڏيا. ان کان پوءِ "ٻيڙي" جي خزانچي همبال ڏانهن مڙي چيو.

ميرداد: رستيديون کي ايتري رقم ڏي جنهن مان هو بہ ڳئون خريد ڪري سگهي ۽ ان جو ۽ ان جي زال جي زندگيءَ جو آخري ڏينهن تائين گذر سفر ٿي سگهي.

۽ رستيديون هاڻي تون آرام ڪر، تون قرض کان آجو آهين. خيال رکجان تہ تون ڀاڻ بہ ڪڏهن شاهوڪار نہ ٻنجي وڃين. ڇوتہ قرض گهرندڙ جو قرض، قرضيءَ جي قرض کان وڌيڪ ڳرو هوندو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## باب سترهون

# شمادم رشوت جو سهارو وني ٿو

نروندا: پيڙي ۾ ڪيترن ئي ڏينهن تائين رستيديون جو معاملو بحث جو اهم موضوع رهيو. ميڪايون، ميڪاستر ۽ زمورا "مرشد" جي پرزور واڪاڻ ڪئي. زمورا چيو ان ڪي تہ بيسي ڪي ڏسڻ ۽ ڇهڻ ڪان بہ نفرت آهي. بنون ۽ ابيمار دبيل زبان ۾ تائيد بہ ڪئي ۽ ترديد بہ. جڏهن تہ همبال ان جي سخت مخالف ڪئي ۽ چيو تہ دولت ڪانسواءِ دنيا جو ڪوبہ ڪم هلي نہ ٿو سگهي ۽ اميري خدا طرفان ڪفايت شعاري ۽ پورهئي جي عيوض عطا ڪيل جائز معاوضو آهي، جهڙيءَ ريت، سستي ۽ فضول خرچيءَ جي خدا طرفان ڇني سزا آهي ۽ انسانن ۾ شاهوڪار ۽ قرضدار زماني جي آخر تائين رهندا.

ان دوران شمادم سردار جي طور تي پنهنجي ظاهري اقتدار جي تحفظ ۾ رڌل هو. هڪ پيرو هن مون ڪي پاڻ وٽ گهرايو ۽ پنهنجي ڪوٺڙيءَ جي خلاصيءَ جاءِ ۾ مون ڪي هيئن چيو: تون هن پيڙي جو قلمڪار ۽ تاريخدان آهين. تون هڪ غريب ماڻهوءَ جو پٽ آهين. تنهنجي پيءُ وٽ ڪا زمين نہ آهي، ان ڪري ان ڪي پنهنجي زال ۽ ستن ٻارن جون بنيادي ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ سخت محنت ڪرڻي پوي ٿي. تون ان منحوس واقعي جو هڪ لفظ بہ نہ لکجان. ٿي سگهي ٿو تہ انسان ٻوڙ ايندڙ. شمادم تي ٿونٻون نہ ڪن. جيڪڏهن تون ان مردود ميرداد جو ساٿ ڇڏي ڏين تہ تنهنجي پيءُ ڪي زمين جو مالڪ بنائي ڇڏيندس. ان جا ٻل اناج سان ڀري ڇڏيندس ۽ ان ڪي ڏوڪڙ ڏئي مالامال ڪري ڇڏيندس.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون ان کي جواب ڏنو ته شمادم منهنجي ماءُ بيءُ ۽ ڪٽنب جو خدا اهڙو خيال رکندو جو تون به نه ٿو رکي سگهين، جيستائين ميرداد جو تعلق آهي ته مان ان کي بنهنجو مرشد ۽ چوٽڪارو ڏياريندڙ مڃي چڪو آهيان، ان کي ڇڏڻ کان اڳ مان پنهنجي جان ڏئي ڇڏيندس، جيستائين پيڙي جي تاريخ جي لکڻ جو سوال آهي، مان پنهنجي سمجهه ۽ قابليت موجب ان سان وفاداري نڀائيندس.

ان کان پوءِ مون کي خبر پئي ته شمادم مون جهڙي آڇ هڪ ٻئي ساٿيءَ کي به ڪئي هئي. مون کي اها خبر نه پئجي سگهي ته اها ڪيتري ڪامياب ٿي. ها! ايترو ضرور محسوس ٿيو ته جابلو اوتاري ۾ همبال جي حاضري پهرين وانگر باقاعدي نه رهي هئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب ارڙهون

# ميرداد همبال جي پيءُ جي موت ۽ ان جي حالتن بابت پيشنگوئي ڪري ٿو

نروندا: "جابلو اوتاري" ۾ سواءِ همبال جي باقي سڀني ساٿين جي هڪ پيرو پيهر مرشد وٽ گڏ ٿيڻ تائين ڪيترو ئي ٻاٿي جبلن تان هيٺ لهي سمنڊ ۾ وهي چڪو هو.

مرشد الله جي رضا بابت وعظ ڪري رهيو هو. پر هو اوچتو ماٺ ٿي ويو ۽ چيائين:

ميرداد: همبال مصيبت ۾ آهي ۽ مدد لاءِ اسان وٽ اچڻ چاهي ٿو. پر ان جا قدم شرم جي ڪري اسان ڏانهن نه ٿا ڪڃن. ابيمار تون وڃ ۽ ان جي مدد ڪر.

نروندا: ابيمار ٻاهر نڪتو ۽ ترت ئي همبال کي ٻانهن سان گڏ وٺي آيو. همبال جو جسم سڏڪن جي ڪري ڪنبي رهيو هو ۽ ان جو چهرو بي حد اداس هو.

ميرداد: همبال مون وٽ اچ.

افسوس همبال، جو تنهنجو پيءُ فوت ٿي ويو آهي. تو غم کي پنهنجي دل ۾ ڳارڻ ۽ پنهنجي دل جو رت کي لڙڪن ۾ بدلائڻ جي ڇوٽ ڏيئي ڇڏي آهي. جڏهن تنهنجي سڄي ڪٽنب جو موت ٿيندو تڏهن تون ڇا ڪندين؟ جڏهن هن دنيا جون سموريون مائرون ۽ پيئر، سموريون ڀينرون ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بائر تنهنجي بهچ کان ٻري ۽ تنهنجي اکين کان ڏور هليا ويندا. تڏهن تون ڇا ڪندين؟

همبال: هائو مرشد منهنجي پيءُ جو غير فطري موت ٿي ويو، جيڪو وهڙو هن گذريل سال ئي خريد ڪيو هو. ڪالهه شام ان منهنجي پيءُ جو پيٽ چيري ڇڏيو ۽ ان جي ڪوڙي پڇي ڇڏي. پيغام آئيندڙ هاٿي هاٿي مون کي ان بابت ٻڌايو آهي ته مون کي تمام گهڻو ڏک ٿيو آهي. آهه! مون کي ڏاڍو ڏک آهي.

ميرداد: ايئن لڳي ٿو ته هو ان وقت مئو آهي، جڏهن ان کي دنيا جون مرادون ملڻ واريون هيون.

همبال: اهائي ڳالهه آهي، مرشد، بلڪل ائين ئي ٿيو.

ميرداد: ۽ ان جي موت جو توکي ان ڪري به وڌيڪ ڏک آهي، ڇوته اهو وهڙو انهن پيسن مان خريد ڪيو ويو، جيڪي تو هن کي موڪليا هئا.

همبال: اها ئي ڳالهه آهي مرشد، بلڪل ائين ئي ٿيو. ائين ٿو پاسي ته تون سڀ ڪجهه ڄاڻين ٿو.

ميرداد: اهي پئسا ميرداد لاءِ تنهنجي محبت جي قيمت هئا.

نروندا: همبال وڌيڪ ڪجهه نه چئي سگهيو، ڇوته روئندي روئندي ان جي نڙي ويهي رهي هئي.

ميرداد: تنهنجو پيءُ مئو نه آهي، نه ئي ان جي صورت ۽ پاڇا مُئا آهن. مگر اصل ۾ تنهنجي پيءُ جي بدليل صورت ۽ پاڇن لاءِ تنهنجا پنج ئي حواس مري ويا آهن ڇوته صورتون ايتريون لطيف ۽ پاڇا ايڏا ته ننڍڙا هوندا آهن جو انسان جي معمولي اک انهن کي ڏسي نه ٿي سگهي.

جهنگ ۾ ڪنهن ٻڙ جي وڻ جي ڄانو! اهڙي نه هوندي آهي. جهڙي ڄانءِ ڪنهن ديوار جي ڪنهن جهال تي يا ڪنهن عبادت گاهه ۾ ٿنڀ ۾، يا قاشيءَ جو تختو نهڻ تي ٿيندي آهي. جهڙي چنڊ يا تارن جي روشنيءَ ۾ يا صبح جي ڏند ۾ ٿيندي آهي.

پر اهو سرو جو وڻ، جنهنکي جهنگ ۾ بيٺل اڳ وارا ٻڙ جا وڻ پنهنجو پاءُ نه ٿا مڃين. پل ان کي ڪهڙي به شڪل ۾ چونه بدلي ڇڏجي. ٻڙ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رب زمان جي ڦيٿي جو محور آهي. ۽ پلي زمان ۽ مڪان ۾ سموريون شيون ان جي ٻاهران ڦرن ٿيون، تنهن هوندي بہ هو پاڻ لازمان. لامڪان ۽ غير متحرڪ رهي ٿو. پلي سموريون شيون ان جي "اڪر" مان پيدا ٿيون آهن. ان جو اڪر بہ ان وانگر لازمان ۽ لامڪان آهي.

محور جي اندر سڪون ٿي سڪون آهي. ڦرندڙ شين ۾ هنگامو ۽ گوڙ آهي. توهان ڪهڙي جاء تي رهڻ پسند ڪندؤ؟

مان توهان کي ٻڌايان ٿو تہ توهان زمان جي وسعت مان سرڪي محور تي اچو ۽ پنهنجو پاڻ کي حرڪت جي چڪر مان بچايو. توهان زمان کي پنهنجي ٻاهران چڪر هڻڻ ڏيو. توهان زمان جي ٻاهران چڪر نہ هڻو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب اٺويهون

# دليل ۽ يقين

## نفس جي نفي ڪرڻ پاڻ کي اجاگر ڪرڻ آهي.
## زمان جي قيمتي کي ڪيئن بيهاريو وڃي
## روئڻ ۽ کلڻ

بنون: مون کي معاف ڪجان مرشد، پر مون کي تنهنجي دليل جي غير معقوليت حيرت ۾ وجهي ڇڏيو آهي.

ميرداد: ان ۾ حيرانيءَ جي ڪا ڳالهہ نہ آهي بنون. توکي "منصف" جي سڏيو ويندو آهي. ڪنهن معاملي جو فيصلو ڪرڻ کان اڳ تون دليل تي زور ڏيندو آهين. تڏهن ايتري عرصي کان منصف آهين. ڇا توکي هيل تائين خبر نہ پئجي سگهي آهي تہ دليل جو هڪ ئي فائدو انسان کي منطق کان ڇوٽڪارو ڏيارڻ ۽ يقين جي منزل تائين ان جي رهنمائي ڪرڻ آهي.

دليل نا پختگي آهي. جيڪو علم جي دريائي گهوڙي کي ڦاسائڻ جي مقصد لاءِ سنهو ڄار اڻندو رهندو آهي. جڏهن دليل جوان ٿئي ٿو تہ پوءِ پنهنجي ئي سرڪڻ ڦاهيءَ ۾ پاڻ کي گهٽو ڏيئي ڇڏي ٿو ۽ يقين جي شڪل ۾ بدلجي وڃي ٿو. جيڪو تمام اونهو علم آهي.

دليل جڏڙن جي لٺ آهي. پر تکو هلندڙن لاءِ هڪ بوجهہ ۽ کنبن وارن لاءِ اڃان بہ وڏيڪ بوجهہ آهي.

منطق مدي خارج آهي. يقين بالغ ٿيل منطق آهي. بنون جڏهن تنهنجو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خوشيءَ ڪان بچو. لڙڪ جڏهن بخار ٻنهي اڏامندو اهي تہ ڊبيل ڪل ٻنهي ويندو آهي. ڊبيل ڪل جڏهن ويڙهيي آهي تہ لڙڪ ٻنهي ويندي آهي.

نہ خوشيءَ ۾ ٻاڦ ٻنهي اڏاموءِ نہ غم ۾ ويڙهجي سيڙهجي ويو. پر ٻنهي حالتن ۾ هڪجهڙا پرسڪون رهو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب ويهون

# اسان مري ڪيڏانهن ٿا وڃون

## (توبهہ بابت)

ميڪاستر: مرشد اسان مرڻ کان پوءِ ڪيڏانهن ٿا ويجون؟

ميرداد: ميڪاستر هاڻي تون ڪٿي آهين؟

ميڪاستر: جابلو اوتاري ۾.

ميرداد: تنهنجو خيال آهي تہ هي جابلو اوتارو تنهنجي لاءِ ڪافي وڏو آهي؟ ڇا تون سمجهين ٿو تہ هيءَ ڌرتي ئي انسان جي اڪيلي رهائشگاهہ آهي.

توهان جا جسم پلي زمان ۽ مڪان جي گهيري ۾ آهن. زمان ۽ مڪان جي هر شيءِ مان ٺاهيا ويا آهن. جسم جو اهم جزو جيڪو سج مان ورتو ويو آهي، سج ۾ جيئرو آهي ۽ جيڪو زمين مان ورتو ويو آهي، اهو زمين ۾ جيئرو آهي ۽ اها ئي ڳالهہ ٻين سيارن ۽ انهن جي وچ ۾ بي راهہ خلائن جي آهي.

رڳو جاهل ئي اهو سوچڻ پسند ڪندا تہ انسان جي رهائش هڪ ئي زمين تي آهي ۽ جيڪي ڪروڙين گرهہ "خلا" ۾ ترندا رهن ٿا. اهي انسان جي رهڻ لاءِ زينت جو سبب ۽ انهن جي اکين جي ونڊر آهن.

وهائو تارو، ڪهڪشان، ڪٿي، انسان لاءِ هن زمين کان ڪنهن بہ ريت گهٽ اوتارا نہ آهن. اهي جيترا دفعا ان جي اک ۾ روشني اڇلائين ٿا. ان کي پاڻ ڏانهن ڪٺي وٺن ٿا. هو جيترا پيرا انهن جي هينان گذري ٿو، پاڻ ڏانهن ڇڪي وٺي ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب ايڪيهون

# پاڪ ڪُلُ رضا

## جيڪي ڪجهہ جيئڻ ۽ ڄڻڻ ٿئي ٿو، ڇو ٿو ٿئي؟

ميرداد: ڪيتري عجيب ڳالهہ آهي جو توهان ”زمان“ ۽ ”مڪان“ جي بارن کي اڃان تائين اها خبر نہ آهي تہ زمان لوح مڪان تي اڪربل ڪائناتي يادداشت آهي.

جيڪڏهن توهان پنهنجي پنجن حواسن وسيلي محدود ٿيل هئڻ جي باوجود پنهنجي زندگي ۽ موت جي وچ واري عرصي جي ڪجهہ مخصوص شين کي ياد رکي سگهو ٿا تہ زمان جيڪو توهان جي پيدائش کان اڳ بہ هو ۽ توهان جي موت کانپوءِ بہ اڻ ڇاتل مدي تائين قائم رهندو ڪيترين وڌيڪ شين کي پنهنجي يادداشت ۾ محفوظ رکي سگهندو هوندو؟

مان توهان کي ٻڌايان ٿو تہ زمان هر هڪ شيءِ کي ياد رکندو آهي. رڳو انهن کي ئي نہ، جيڪي توهان کي حسي نموني ياد هجن. پر انهن کي بہ، جن کان توهان بلڪل بي خبر آهيو.

جوتہ زمان ڪجهہ بہ نہ ٿو وساري، نہ معمولي کان معمولي عمل، نہ ننڍي کان ننڍو ساهہ، نہ هلڪڙي کان هلڪڙي دل جي ترنگ، اهو سڀ ڪجهہ جيڪو زمان جي يادداشت ۾ محفوظ هوندو آهي، مڪان جي اندر جي شين تي اونهو اڪيري ڇڏيو ويندو آهي.

جيڪڏهن توهان ۾ پڙهڻ جي طاقت ۽ معنيٰ کي سمجهڻ جو اشتياق هوندو تہ اها زمين جنهن تي توهان هلو ٿا، اها هوا جنهن ۾ توهان ساهہ کڻو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب ٻاويهون

# زمورا کي ان جي راز کان سرخرو ڪرڻ

## (ميرداد زمورا کي ان جي راز کان سرخرو ڪري ٿو ۽ مردن، عورتن، شادي، نفس جي ضبط ۽ پاڻ کي مغلوب ڪرڻ جي ڳالهه ڪري ٿو.)

ميرداد: نروندا! منهنجي اعتبار جوڳي يادداشت بجي ٿي هي سوسن جا گل توکي ڇا ٿا چون؟

نروندا: مون کي اهي ڪجهه به جوندي نظر نه ٿا اچن. منهنجا مرشد!

ميرداد: ماڻ انهن جي گفتگو ٻڌان پيو. "اسان نروندا سان محبت ڪيون ٿا ۽ ٻنهنجي محبت جي ثبوت ۾ ٻنهنجا ٻهڪندڙ روح ان جي اڳيان نذراني طور رکون ٿا." نروندا منهنجي جان! توکي هن ٽلاءِ جو پاڻي ڇا ٿو چئي؟"

نروندا: مون کي ان جي ڳالهه ٻڌڻ ۾ نه ٿي اچي. منهنجا مرشد!

ميرداد: مون کي ٻڌڻ ۾ اچي ٿي. "اسان نروندا سان محبت ڪيون ٿا. ان ڪري اسان ان جي ۽ ان جي محبوب گلن جي اڄ اڃهايون ٿا."

نروندا: منهنجي سدائين جاڳيل اک. اجوڪو هي ڏينهن. انهن سني شين سميت. جن کي هو ٻنهنجي اس ۾ وهنتل پانهن ۾ ٽودي رهيو آهي. توکي ڇا ٻيو جوي؟

نروندا: مون کي نه ان جي ڳالهه ٻڌڻ ۾ نه ٿي اچي. منهنجا مرشد!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ضرور ايندو جڏهن توهان مون کي جسماني صورت ۾ ڳوليندؤ ۽ مان توهان کي نہ ملندس. ڇوتہ توهان کي هن زمين کان سواءِ ٻي جاءِ تي بہ ڪم سرانجام ڏيڻو آهي. پر مان ڪٿي بہ ڪو ڪم اڌورو ڇڏي نہ ويندو آهيان، ان ڪري سدائين خوش رهو. ميرداد توهان کان ڌار نہ ٿيندو، جيستائين توهان کي پنهنجو پاڻ جو فاتح نہ بنائي ڇڏي. هڪ صورت ۾ مڪمل صورت ۾ پنهنجو مالڪ.

جڏهن توهان پنهنجا مالڪ بنجي ويندؤ ۽ وحدانيت حاصل ڪري وٺندؤ، تڏهن ميرداد توهان کي لڳاتار پنهنجي دلين ۾ موجود ملندو ۽ ان جو نالو توهان جي يادداشت ۾ ڪڏهن بہ نہ ڍهندو.

اها ئي تعليم مون نوح کي ڏني هئي. اهائي تعليم مان توهان کي ڏيان ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب ٽيويھون

# سِم سِم جو مرض ختم ڪرڻ

## (ميرداد سم سم جي بيماري ختم ڪري ٿو ۽ بدڌاپي جي ڳالهه ڪري ٿو)

نروندا: "بيڙي" جي وٿاڻ ۾ سڀني کان وڌيڪ ڪراڙي ڍڳي سم سم پنجن ڏينهن کان بيمار هئي ۽ ياڻي ۽ گاهه جي ويجهو به نه پئي وئي. شمادم هڪ ڪاسائيءَ کي گهرايو. هن اهو ٺئي چيو ته بجاءِ ان جي ته ان کي مرڻ ڏنو وڃي ۽ اها ڪنهن به ڪم جي نه رهي، ان کي ذبح ڪري. ان جي گوشت ۽ کل جي قيمت نفعي ۾ حاصل ڪرڻ وڌيڪ سمجهداري هوندي.

جڏهن مرشد اها ڳالهه ٻڌي ته اونهي سوچ ۾ غرق ٿي ويو ۽ ائين پير سڌو وٿاڻ ۾ سم سم جي آهر ڏانهن هليو ويو. سندس ست ساٿي به ان جي پنيان ان طرف هليا آيا.

سم سم اُداس ۽ لڳ ڀڳ بي حس ۽ حرڪت بيٺي هئي. سندس منو بلڪل ڍرڪي ويو هو. اکيون اڌ بند هيون ۽ سندس وار ڪاندارجي ويا هئا ۽ سندس چمڪ گم ٿي ويئي هئي. هوءَ ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن مک کي هڪلڻ لاءِ پنهنجو ڪن لوڏي رهي هئي. سندس ڳرو اوهه بيجان ۽ خالي خالي سندس ٿنگن جي وچ ۾ لڙڪي رهيو هو. چوته سم سم کي پنهنجي ڏکي ڦلدار زندگيءَ جي آخري وقت ۾ مادريت جي سٺي دل آزاريءَ کان محروم ڪيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمر سمر گهڻو ڪجهہ ڏنو آهي ۽ گهڻو ڪجهہ ورتو آهي. پر سمر سمر کي اجان بہ گهڻو ڏيڻو ۽ وٺڻو آهي.

ميڪاسٽر: تون سمر سمر سان اهڙيءَ ريت ڳالهائين ٿو جڻ اها انساني عقل جي مالڪيائي هجي. ڇا هوءَ تنهنجي لفظن جي معنيٰ سمجهي ٿي؟

ميرداد: نيڪ ميڪاسٽر اهميت لفظن جي نہ آهي. بلڪہ ان شيءِ جي آهي، جيڪا انهن جي اندر ڌڙڪي ٿي ۽ جانورن تي بہ ان جو اثر ٿئي ٿو. ان کان سواءِ مون کي تہ مسڪين سمر سمر جي اکين ۾ هڪ عورت مون ڏانهن ڏسندي نظر اچي ٿي.

ميڪاسٽر: ڪراڙي ۽ مرندڙ سمر سمر سان اهڙيءَ طرح جون ڳالهيون ڪرڻ مان ڪهڙو فائدو؟ ڇا توکي اميد آهي تہ ائين ڪري تون ان تباهيءَ کي روڪي ڇڏيندين جيڪا ڪراڙپ برپا ڪندي آهي ۽ ڇا سمر سمر جي تون عمر ڊگهي ڪري سگهندين؟

ميرداد: ڪراڙپ انسان ۽ حيوان ٻنهي لاءِ ڳرو بار آهي ۽ انسان ان کي پنهنجي غفلت ۽ بي رحميءَ سان اجان بہ وڌيڪ ڏکدائڪ بڻائي ڇڏيو آهي. اهي نئين جاول ٻار تي پنهنجو وڏ ۾ وڏ ڌيان ۽ محبت قربان ڪن ٿا. مگر ڪراڙپ جي بوجهہ هيٺان دٻيل انسان لاءِ اهي پنهنجي سارسنڀال کان وڌيڪ بي پرواهي ۽ همدرديءَ کان وڌيڪ بيزاري ڏيکارين ٿا. جهڙيءَ ريت اهي ڪنهن ڪير ٻياڪ ٻار جي بالغ ٿيڻ لاءِ بي چين رهن ٿا. ٺيڪ ساڳيءَ ريت اهي پوڙهي انسان جي قبر ۾ وڃڻ لاءِ بي تابيءَ سان منتظر رهن ٿا.

ننڍڙا ۽ بزرگ ماڻهو هڪجهڙا لاچار ٿين ٿا. پر ٻار جي لاچاري سڀني کي محبت ۽ بي پناهہ امداد لاءِ مجبور ڪري ڇڏي ٿي. جڏهن تہ بزرگ ماڻهن جي لاچاري ٿورن ماڻهن جي بي دليءَ سان ڪيل امداد حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿئي ٿي. دراصل پوڙها ماڻهو ٻارن کان وڌيڪ همدرديءَ جا مستحق ٿين ٿا.

جڏهن لفظ کي سندس ڪن ۾ داخل ٿيڻ لاءِ دير تائين زور سان ڪنڪو ڪرڻو پوي، جيڪو ڪڏهن ملڪي کان هلڪڙي سرٻات لاءِ متوجہ ۽ هوشيار رهيو هجي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن اها اک جيڪا ڪڏهن نهايت شفاف هئي، پهرئين درجي جي هيبتناڪ داغن ۽ پاڇن جي رقص جو ميدان بنجي ويئي هجي.

اهي پير جن کي ڪڏهن پَرَ لڳل هئا، شيهي جو ڳوڙهو بنجي وڃن ۽ اهي هٿ ڪنهن وقت جيڪي زندگيءَ کي سانچي ۾ وجهندا هئا، خود ڦريل ۽ ڪسيل سانچو بنجي ويا هجن.

جڏهن گوڏي جي ڍڪڻي لڏي وڃي ۽ مٿو ڳچيءَ ۾ ڪٺ پتلي جيئان لڙڪي پوي.

جڏهن ڄڪيءَ جا ڀڻي پڙ ڳسي وڃن ۽ ڳهرڙاٽ هڪ ويران غار کان سواءِ ڪجهه به نه رهي.

جڏهن اٿندي اٿندي ڪري پوڻ جي ڊپ کان ڀڳهر اچي وڃي ۽ ويهڻ وقت اهو تڪليف ڏيندڙ شڪ هجي ته شايد هاڻي ڪڏهن به پيهر اٿي نه سگهبو.

جڏهن ڪائيندي ۽ پيئندي ڪائڻ ۽ پيئڻ ڪانپوءِ جي اثرن جي خيال کان ڊڄندو رهي ۽ ڪجهه نه ڪائڻ ۽ پيئڻ جي حالت ۾ خطرناڪ "موت شڪار لاءِ ايندو نظر اچي.

ها، جڏهن ڪراڙپ انسان کي پنهنجي چنبن ۾ جهلي وٺي ته منهنجا ساٿيو، تڏهن اهو وقت هوندو آهي ته ان کي ڪن ۽ اکيون ڏنيون وڃن، ان کي هٿ ۽ پير ڏنا وڃن ۽ ان جي ختم ٿيندڙ طاقت کي محبت جو سهارو ڏنو وڃي ته جيئن اهو محسوس ڪري سگهي ته هو جيترو پنهنجي وڌندڙ ننڍپڻ ۽ جوانيءَ ۾ زندگيءَ کي پيارو هو، پنهنجي عمر جي آخري سالن ۾ به گهٽ پيارو نه آهي.

ابديت ۾ چار ويهون سال (مراد اسي سال آهي) بي شڪ اک ڇنڀ کان وڌيڪ نه هجن، پر اهو شخص جيڪو چئن ويهن سالن تائين پاڻ کي پوکيندو رهيو هجي، اک ڇنڀ کان گهڻو وڌيڪ هوندو آهي. اهو انهن مڙني جي خوراڪ جو سامان هوندو آهي، جيڪي ان جي زندگيءَ جو فصل گڏ ڪن ٿا ۽ اها ڪهڙي زندگي آهي، جنهن جي فصل کي سمورا گڏجي لڻن ٿا ۽ گڏ نه ٿا ڪن.

ڇا توهان ان ڳهڙيءَ ان عورت ۽ مرد جي زندگيءَ جو فصل نه ٿا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مگر ڪرازن جانورن لاءِ وڏيڪ مهربان رهو. ڪتي ائين نہ ٿئي جو توهان جي سنگدليءَ جي ڪري انهن جي وفاداري بيوفائيءَ ۾ بدلجي وڃي ۽ انهن جي مدد هڪ رڪاوٽ بنجي وڃي.

سمر سمر جي ڪير ني برورش ٿائڻ ۽ جڏهن ان وٽ ڏيڻ لاءِ ڪجهہ نہ بچي تہ ان جي نڙ گهٽ تي ڪاسائيءَ جي ڪاتي رکي ڇڏڻ، انتها درجي جي احسان فراموشي آهي.

"مرشد" جي ڳالهہ اڃان پوري بہ ٿي نہ هئي تہ شمادم ڪاسائيءَ سان گڏ اندر داخل ٿيو. ڪاسائي سڌو سمر سمر ڏانهن ويو. جيئن ٿي ان ڳئون کي ڏٺو تہ اسان سندس خوشيءَ مان بلند آواز ۾ ڪلندي ۽ اهو چوندي ٻڌو "توهان اهو ڪيئن ٿا چئو تہ ڳئون بيمار آهي ۽ مري رهي آهي. هيءَ مون کان وڌيڪ صحتمند آهي. سواءِ ان جي تہ هي غريب جانور بک کان ٻاهہ ٿي رهيو آهي. جڏهن تہ مان ٻاول آهيان. هن کي گاهہ ڏيو.

۽ سچ پچ اسان جي حيرانگيءَ جي حد نہ رهي جڏهن اسان ڏٺو تہ سمر سمر اوڳاري رهي هئي. اينرو جو شمادم جي دل بہ ٻجي پئي ۽ هن حڪم ڏنو تہ سمر سمر جي ڪائڻ لاءِ ڳئون جي مطلب جون خاص نعمتون ڏنيون وڃن ۽ سمر سمر ڏاڍي مزي سان گاهہ کاڌو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب چوويهون

# ڇا ڪائڻ لاءِ مارڻ جائز آهي؟

جڏهن شمادم ۽ ڪاسائي هليا ويا تہ ميڪايون مرشد ڪان پڇيو:

ميڪايون: مرشد ڇا ڪائڻ لاءِ مارڻ جائز نہ آهي؟

ميرداد: "موت" سان پيٽ ڀرڻ. "موت" جي خوراڪ ٿيڻ آهي. ٻين جي تڪليف تي جيئڻ عذاب جو شڪار ٿيڻ آهي. اها ئي الاهي رضا آهي. ميڪايون ان کي سڃاڻ ۽ پنهنجي دگ جي چوند ڪر.

ميڪايون: جيڪڏهن مان چوند ڪرڻ جي حالت ۾ هجان ها تہ اٺ پکيءِ وانگر شين جو گوشت ڪائڻ بجاءِ انهن جي خوشبوءِ جي سهاري جيئرو رهڻ پسند ڪيان ها.

ميرداد: تنهنجي چوند واقعي اعليٰ آهي. خاطري ڪر مياڪيون اهو ڏينهن بہ ويجهو آهي، جڏهن ماڻهو شين جي خوشبوءِ ڪي، جيڪو انهن جو جوهر آهي، پنهنجي زندگيءَ جو سهارو بڻائيندا ۽ انهن جي رت ۽ گوشت کي نہ ۽ اهو ڏينهن مشتاقن ڪان پري نہ آهي.

جوتہ مشتاق ڄاڻن ٿا تہ مجسم زندگي، غير مجسم روح تائين پهچڻ لاءِ هڪ پل آهي.

مشتاق ڄاڻن ٿا تہ مڪروه ۽ نامڪمل پنج حواس نهايت لطيف ۽ مڪمل دنيا ڏانهن ڪلنڊڙ روشندان آهن ۽ مشتاق ڄاڻن ٿا تہ هر ان جسم جي جنهن جي اهي حيرقاز ڪن ٿا. مرمت يقيناً انهن کي دير سوير پنهنجي ئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سبب بڻجي وڃان ته پوءِ ان ۾ مون لاءِ ڪهڙو گناهه آهي؟

ميرداد: اهو صحيح آهي ته سمورن جانورن کي ڪڏهن نه ڪڏهن ته مرڻو ئي آهي. پر لعنت آهي ان تي جيڪو ڪنهن به جاندار جي موت جو سبب ٿئي ٿو.

جيئن اهو چاهيندي ته مان نروندا سان بي انتها محبت ڪيان ٿو ۽ منهنجي دل ۾ ڪنهن جي رت وهائڻ جي ڪابه خواهش نه آهي، توهان مون کي ان کي ماري ڇڏڻ جو اختيار نه ڏيندؤ. ساڳيءَ ريت "الاهي رضا" ڪنهن انسان کي ڪنهن ٻئي ياءَ انسان يا حيوان کي مارڻ جو اختيار نه ٿي ڏيئي. سواءِ ان حالت جي جڏهن اها ان کي ان جي موت لاءِ سبب بڻجڻ جي لائق نه سمجهندي هجي.

جيستائين انسان جيئرا آهن اهي ائين ئي رهن ٿا. انهن ۾ چورين ۽ ڌاڙا، ڪوڙ ۽ جنگ، قتل ۽ غارت ٿيندا ئي رهندا ۽ هر طرح جا شيطاني ۽ بديءَ جا جذبا پيدا ٿيندا رهندا.

پر لعنت آهي چور ۽ ڌاڙيل تي ۽ لعنت آهي ڪوڙي ۽ جنگ باز تي ۽ قاتل تي ۽ هر ان انسان تي جيڪو پنهنجي دل ۾ شيطاني ۽ بديءَ جي جذبن کي پناهه ڏيئي ٿو. جوته انهن مصيبت جي مارين کي "الاهي رضا" مصيبت جي قاصد جي طور تي ڪتب آڻي ٿي.

پر توهان، منهنجا ساٿيو! ضرور پنهنجي دلين کي شيطاني ۽ بديءَ جي سمورن جذبن کان پاڪيزه رکو ته جيئن "الاهي رضا" توهان کي ڏکايل دنيا ۾ مصيبت کان راحت، پاڻ تي فتح مندي، محبت ۽ عرفان وسيلي ڇوٽڪاري جو پيغام پهچائڻ جي لائق سمجهي.

اها تعليم مون نوح کي ڏني هئي. اها ئي تعليم مان توهان کي ڏيان ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حڪم ڏيندو آهي. جيبو ويندو آهي تہ اهو حمد حضرت نوح ۽ ان جي ڪٽنب جي ماٺهن ان وقت ڳاتو هو. جڏهن انهن پهريون ڀيرو ڊاک-ول جي رس چکي هئي. حمد کان پوءِ هجوم خوشيءَ جا نعرا هڻندو پنهنجا پيالا خالي ڪندو آهي ۽ پنهنجا مختلف ڪم ڪاريون سرانجام ڏيڻ ۽ خوشيون ملهائڻ لاءِ وکري ويندو آهي.

پاڪ ڊاک-ول جو حمد هن ريت آهي .

پليڪار اي پاڪ ول
پليڪار اي نرالي ٻوٽي.
تون پنهنجي نرم پتين جي.
خوب پرورش ڪرين ٿي.
۽ پنهنجي سنهري ميوي ۾.
زندگيءَ جو مٺ ڀرين ٿي.
پليڪار اي پاڪ ول.
طوفان جا ستايل بارڙا،
گپ ۾ غوطا کائيندي
تنهنجي شفيق ٿاريءَ جي رس چوسين ٿا.
تنهنجي سلامتيءَ جون دعائون گهرن ٿا.
پليڪار اي پاڪ ول.
اڙي مٽيءَ جا گرفتار لوڪو،
او منزل کان ڀليل راهگيرو.
قيد کان توهان کي ڇڏائيندي.
صحيح دڳ تي آڻيندي،
هيءَ ڊاک جي پاڪ ول
هيءَ ڊاک جي نرالي ول.

تقريب جي افتتاح کان هڪ ڏينهن اڳ واري صبح جو "مرشد" نظر نہ پئي آيو. ان ڪري ساٿين کي جيڪا پريشاني ٿي اها لفظن ۾ بيان ڪري نہ ٿي سگهجي. هنن ترت نهايت سرگرميءَ سان سندس ڳولا شروع ڪئي. سڄو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏينهن ۽ سڄي رات هو "پيڙي" ۽ ان جي پرڀاسي شمعدان ۽ ٻتيون ڪٿي ان جي ڳولا ڪندا رهيا پر ڪين مرشد جو ڪو پتو نہ پيو. شمادم ايتري قدر ڳڻتيءَ جو اظهار ڪيو ۽ ايترو تہ پريشان نظر اچي رهيو هو جو ڪنهن کي اهو گمان بہ نہ ٿيو تہ مرشد جي اهڙي ريت ڳجهي نموني غائب ٿيڻ ۾ ان جو بہ ڪو هٿ ٿي سگهي پيو. پوءِ مڙني کي يقين هو تہ مرشد ڪنهن فريب جو شڪار ٿي ويو هو.

عظيم جشن جاري هو. سٽني ساٿين جون زبانون غم جي ڪري گونگيون هيون ۽ اهي ٻاجهن وانگر هلي رهيا هئا. هجوم حمد ڳائي چڪو هو ۽ شراب پي چڪو هو ۽ سردار اوچي منبر تان هيٺ اچي چڪو هو. تڏهن ماڻهن جي ڀيهہ جي گوڙ ۽ شور مان بلند گونجندڙ هڪ آواز ٻڌڻ ۾ آيو. "اسان ميرداد کي ڏسڻ چاهيون ٿا. اسان ميرداد کي ٻڌڻ چاهيون ٿا."

اهو جاتل سڃاتل آواز رستيديون جو هو. جنهن بري بري ٿائين اها ڳالهہ پکيڙي ڇڏي هئي تہ مرشد ڪيس جا ڇيو هو ۽ ان سان ڇا ڪيو هو؟ ۽ ترت ئي ان جو آواز پوري هجوم جو آواز بڻجي ويو ۽ مرشد لاءِ ٿيندڙ گوڙ ۾ سمورا ماڻهو هم آواز ٿي ويا ۽ گوڙ ايترو تہ وڌي ويو جو اسان سمورن جون اکيون لڙڪن سان تر ٿي ويون ۽ اسانجون نڙيون ٻڙ ٻرجي آيون.

اوچتو گوڙ دٻجي ويو ۽ هجوم تي مڪمل خاموشي ڇانئجي ويئي. اسان کي پنهنجي اکين تي يقين نہ پئي آيو. جڏهن اسان ڏٺو تہ مرشد اوچي منبر تان خاموش ٿيڻ لاءِ پنهنجو هٿ لوڏي رهيو هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## باب چويهون

# واعظ

**(ميرداد تقريب ۾ شامل مسافرن کي هدايت ڪري ٿو ۽ ٻيڙي کي ڪجهه مرده بار کان آزاد ڪري ٿو)**

ميرداد: ميرداد کي ڏسو. جيڪو ان ڊاک ول وانگر آهي. جنهن جو فصل اجان گڏ نہ ڪيو ويو آهي، جنهن جي رس اجان بنا ٻيٺل پيئي آهي.

ميرداد پنهنجي فصل سان ڀرپور آهي. مگر افسوس جو فصل جو لابارو ڪندڙ اجان تائين ڊاک جي واڙيءَ ۾ رڌل آهي.

۽ رس جي گهٽائيءَ جي ڪري منهنجو ساهہ منجهي رهيو آهي. پر جام ڪتندڙ ۽ پيئندڙ ٻئي شراب ۾ ڏت آهن.

هر. ڪوڏر ۽ ڏاٽو هلائيندڙ ڀورهيتو! مان توهان جي هرن. ڪوڏرين ۽ ڏاٽن کي دعائون ڏيان ٿو.

اڄ تائين توهان ڪٿي هر ڪاهيو آهي، ڇا جي ڪاٽي ڪئي آهي ۽ ڇا جو لابارو ڪيو آهي؟

ڇا توهان پنهنجي روح جي ڇڇريل سَنڌ زمين ۾ هر ڪاهيو آهي. جيڪا هر قسم جي ڪِنَ ڪچري سان ڀري پئي آهي ۽ اهڙيءَ ريت اها اهڙو جهنگ بنجي وئي آهي، جتي خوفناڪ چير ڦاڙ ڪندڙ جانور ۽ پيانڪ نانگ پلجن ٿا ۽ وڌن ٿا.

ڇا توهان اهي مهلڪ ٻاڙون چونڊي ڪڍيون آهن. جن کي تباهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ذريعو ٻڌائي ڇڏيو آهي.

مان ضرورتن نعمتن ۽ پيداوارن کي دعا ڏيان ٿو ۽ ان سان گڏ واپار کي ٻه. پر ذاتي مفاد لاءِ. جيڪو اصل ۾ هڪ نقصان آهي. منهنجي واتان دعا نه ٿي نڪري. جڏهن توهان رات جي منحوس خاموشيءَ ۾ ڏينهن جي آمدني جو حساب ڪيو ٿا ته نفعي جي ڪاتي ڇا ٿا وجهو؟ ڇا خرچ ڪان وڌيڪ وصول ڪيل رقم کي توهان نفعو سمجهو ٿا؟

پوءِ ته پڪ سان اهو سڄو ڏينهن ئي ضايع ٿي ويو. جنهن جي بدلي ۾ پلي توهان اها ڪيتري ئي رقم وڌيڪ ورتي هجي ۽ توهان پنهنجي لاءِ ان ڏينهن جي چڱائي. سڪون ۽ تجليءَ جي بي بها دولت ائين ئي ضايع ڪري ڇڏي هجي. ان جي آزاديءَ جا لڳاتار سڌ ٻه توهان وڃائي ڇڏيا ۽ انسانن جون اهي دليون ٻه وڃائي ڇڏيون. جن کي اهي پنهنجي هٽ ترين تي رکي توهان کي سوکڙيءَ طور ڏيڻ لاءِ ڪٺي آيا هئا.

جڏهن توهان. اصل واسطو ماڻهن جي ڪيسن سان هجي ته انهن جي دلين ۾ لهڻ جو رستو توهان کي ڪيئن ملندو؟ ۽ جيستائين توهان کي انسانن جي دلين ۾ داخل ٿيڻ جو رستو نه ٿو ملي. توهان خدا جي دل ۾ لهڻ جي اميد ڪيئن ٿا ڪري سگهو؟ ۽ جيڪڏهن توهان خدا جي دل ۾ پهچي نه ٿا سگهو ته توهان جي زندگيءَ جو مطلب ئي ڪهڙو آهي؟

جيڪڏهن اها هر شيءِ جنهن کي توهان نفعو سمجهو ٿا. نقصان هجي ته اهو خسارو ڪيڏو وڏو هوندو؟

جيڪڏهن توهان کي نفعي ۾ "محبت" ۽ "عرفان" حاصل نه ٿئي ته توهان جو سمورو واپار ئي اصل ۾ بيسود ۽ بيڪار اهي.

حڪومت جي لٺ ۽ تاج رکندڙ لوڪو! حڪومت جي لٺ اهڙن هٿن ۾ نانگ بنجي وڃي ٿي جيڪي زخم ڏيڻ ۾ نهايت تکڙا ۽ ملم هڻڻ ۾ نهايت ڪاهل آهن. جڏهن ته محبت جي مَلَمَ هڻندڙ هٿن ۾ حڪومت جي لٺ اها ڪنوڻ جي ڏنڊي آهي. جيڪا غمگينيءَ ۽ بربادي‎ءَ کي ويجهو اچڻ نه ٿي ڏئي.

پنهنجي هٿن کي غور سان ڏسو!

لعل جواهر ۽ معتين سان ٺهيل تاج. اهڙي مٿي تي جيڪو ڪوڙي ڏاڙ جهالت ۽ ماڻهن تي حڪومت جي هوس سان ڀريل هجي. گهڻو ڳرو ٿي وڃي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تو ۽ غمگيني ۽ بي چيني پيدا ڪري ٿو. ها! اهڙو ئي تاج ٽنب وانگر پلي چوڻ ڪوڙيو وڃي پر هڪ چيندڙ ٽنولي بنجي وڃي ٿو. جڏهن تہ عرفان ۽ پاڻ تي فتح منديءَ جي نور سان سينگاريل، مٽي تي رکيل، ناياب ۽ املهہ هيرن جو تاج بہ پنهنجي بي قيمتيءَ تي شرمسار ٿيندو.

ڇا توهان انسانن تي حڪومت ڪرڻ جا لائق آهيو. پهريون پنهنجو پاڻ تي حڪومت ڪرڻ سکو.

جيستائين توهان جي پنهنجو پاڻ تي حڪومت نہ ٿيندي، توهان ٻين تي ڪيئن حڪومت ڪري سگهندؤ! ڇا هوا جا تڦڙ ڪائيندڙ سان ٻريل ڇولي، سمنڊ کي راحت ڏيئي سگهي ٿي؟ ڇا لڙڪن سان ٻريل اک ڪنهن ڏکايل دل کي خوشي مرڪ جي ترغيب ڏيئي سگهي ٿي؟ ڇا ڪو خوف يا غصي جي ڪري ڏڪندڙ هٿ جهاز کي توازن ۾ رکي سگهي ٿو؟

عوام جي حڪمرانن تي خود عوام حڪومت ڪندو آهي ۽ ماڻهو گوڙ ۽ برائي، بدامني ۽ بدنظميءَ سان ٻريل هوندا آهن. جوتہ سمنڊ وانگر ئي اهي آسمان ڪان ايندڙ هر هوا جي رحم ۽ ڪرم تي جيئندا آهن ۽ سمنڊ وانگر ئي انهن ۾ ڇوليون اٿينديون آهن ۽ ڪنهن وقت اٿين لڳندو آهي تہ اهي ڪناري کي پنتي ڏڪي ڇڏيندا. پر سمنڊ وانگر ئي سندن اونهائيون پرسڪون هونديون آهن ۽ سطح تي لڳندڙ هوا جا تڦڙ انهن تي اثر انداز نہ ٿيندا آهن.

جيڪڏهن توهان حقيقي طور انسانن تي حڪومت ڪرڻ چاهيو ٿا تہ انهن جي آخري اونهائين تائين ٺپي هٿو. جوتہ ماڻهو جهڳ سان ٻريل ڇولين ڪانسواءِ ڪجهہ ٻيو بہ آهن، پر ان ڪان اڳ جو توهان ٻيون هٿي ماڻهن جي اونهائين تائين پهچي سگهو، توهان کي پنهنجي اندر جي آخري اونهائيءَ تائين ٺپي هٿي پوندي. ان ڪم کي ڪرڻ ڪان اڳ توهان کي حڪومت جي لٺ ۽ تاج ڇڏڻا پوندا تہ جيئن هٿ محسوس ڪرڻ لاءِ ۽ متا سوچڻ ۽ اندازو هڻڻ لاءِ آزاد هجن.

جيستائين توهان پنهنجي اندر جي ان سرڪش انسان تي حڪومت ڪرڻ نہ سگهندؤ، جنهن جو پسنديده شغل رڳو حڪومت ۽ تاجن سان ڪيڏڻ آهي تہ توهان جي سموري حڪومت بيڪار آهي ۽ توهان جا سمورا قانون بي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اصول آهن ۽ توهان جو امن امان بدنظمي آهي.

اگر سازيندڙ ۽ اپياس ڪندڙ لوڪو!

توهان اگر دان ۾ ڇا ٿا سازيو؟ توهان ديني ڪتاب ۾ ڇا ٿا پڙهو؟

ڇا توهان ان عنبر جي رس ڪي سازيو ٿا جيڪا ڪجهہ مخصوص ٻوٽن جي خوشبودار ولين مان ٺمي جمي وجي ٿو؟ پر اهو تہ عام بازار ۾ خريد ڪيو ۽ وڪيو وڃي ٿو. اهو ٻن ڪوڏين جي خريد ڪري ڪنهن بہ معبود کي تڪليف ڏيئي سگهجي ٿي.

ڇا توهان سمجهو ٿا تہ اگر جي خوشبوءِ نفرت. حسد ۽ حرص جي بدبوءِ کي ڍڪي سگهي ٿي؟ ڇا اها مڪار اکين ۽ ٿال مٿول ڪندڙ زبانن ۽ نفس پرست هٿن جي بدبوءِ تي اثر انداز ٿئي ٿي؟ ڇا اها يقين جو ڍونگ ڪندڙ غير يقيني ڪامل مسرت واري جنت جون ڏاڙون هٿندڙ بخيل ماديت جي بوءِ تي پردو وجهي سگهي ٿي؟

جيڪڏهن اهي سموريون شيون بڪن سان مارڻ ڪان پوءِ هڪ هڪ ڪري دل ۾ سازيون وڃن ۽ انهن جي ڇٽني ڪندن جي نڪ کي وڏيڪ خوشبوءِ لڳندي.

اگر دان ۾ توهان ڇا ٿا سازيو؟ نذر ۽ نياز. حمد ۽ التجا؟

اهو بهتر آهي تہ غضبناڪ معبود کي پنهنجي ئي غصي جي باهہ ۾ سڙڻ لاءِ ڇڏي ڏنو وڃي. تعريف جو بکيو معبود تعريف لاءِ تڙپندڙ ئي بهتر آهي. پٿر دل معبود جو پنهنجي سنگدليءَ جي ڪري مري وڃڻ ئي بهتر آهي.

پر خدا نہ تہ قهار آهي نہ تعريف جو بکيو ۽ نہ ئي سنگدل. بلڪہ قهر آلود. تعريف جا بکيا ۽ سنگدل تہ توهان پاڻ آهيو.

خدا نہ ٿو چاهي تہ توهان اگر سازيو. توهان کي پنهنجي غصي. تڪبر ۽ بي رحميءَ کي سازڻ گهرجي تہ جيئن توهان بہ ان وانگر آزاد ۽ قدر مطلق بنجي وڃو. هو چاهي ٿو تہ توهان جون دليون سيني شين کي سازڻ لاءِ اگر دان بنجي وڃن.

توهان ديني ڪتاب ۾ ڇا ٿا پڙهو؟

ڇا توهان ديني هدايتون ان لاءِ پڙهو ٿا تہ اهي عبادت گاهن جي ڀتين ۽ گنبذن تي سنهري اکرن سان لکيون وڃن؟ يا دلين ۾ اڪريل زنده


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي خواهشمندن کي وکرو يا عطا ڪري ڇڏي. نہ ئي ان وٽ بدڪاريءَ جي ڏک تي هلندڙن لاءِ ڏيڄارڻ واسطي دوزخ آهي.

جيستائين توهان جي نيڪي پنهنجو پاڻ جنت نہ ٿي بڻجي وڃي، اها هڪ ڏينهن لاءِ ڪلنديءَ بوءِ ڪومائجي ويندي.

جيستائين توهان جي بدڪاري پنهنجو پاڻ کي ڏيڄارڻ نہ لڳي. اها هڪ ڏينهن لاءِ سمهي پونديءَ ڦهرين ئي موافق رت ۾ پنهنجو رنگ ڏيکارڻ لڳندي.

ميرداد توهان کي پيش ڪرڻ لاءِ ڪو دوزخ يا جنت ڪٺي نہ آيو آهي. پر ان وٽ پاڪ عرفان آهي. جيڪو توهان کي ڪنهن بہ جهنم جي خوف ۽ ڪنهن بہ جنت جي عيش ۽ عشرت کان گهٽو متي ڪٺي ويندو آهي. اهو نذرانو توهان کي هٿن سان نہ پر دلين سان قبول ڪرڻو پوندو. ان لاءِ دل کي عرفان جي خواهش ۽ رضا کان سواءِ باقي هر گمراهہ خواهش ۽ رضا جي بوجهہ کان آجو ڪرڻو پوندو.

توهان زمين لاءِ ڪي ڌاريا نہ آهيو. نہ ئي زمين توهان لاءِ ماٽيلي ماءُ آهي. بلڪہ توهان ان جي دل جو روح ۽ ان جي ڪرنگهي جي هڏي جي جان آهيو. ان کي پنهنجي مضبوط، وسيع ۽ طاقتور چيلهہ تي توهان کي کڻي خوشي ٿيندي آهي.

توهان ان کي پنهنجي ڪمزور چيلهہ ۽ روڙيل سيني تي کڻڻ جي ڇو ٿا ڪيو ۽ آخرڪار رڙيون ڪرڻ، سهڪڻ ۽ ساهہ کڻڻ لاءِ تڙپندا آهيو.

زمين جي ٿڻن مان کير ۽ ماکي لارون ڪري وهي رهيو آهي. توهان پنهنجي ضروت کان وڌيڪ کير ۽ ماکي کڻي، پنهنجي لالچ کي انهن نعمتن جي سڙڻ جو سبب ڇوٿا بڻايو؟

زمين جو چهرو خوبصورت ۽ پرسڪون آهي. توهان ان کي ڪڙو ڇڪتاڻ ۽ خوف سان مڪروہ ۽ وڪريل بڻائڻ جو ٿا چاهيو.؟ زمين هڪ مڪمل ايڪو آهي توهان تلوارن ۽ حدبندين سان ان جا ٽڪرا ڪرڻ تي ضد ڇو ٿا ڪريو.

زمين فرمانبردار ۽ بي فڪر آهي. توهان ڇو انتهائي فڪر مند ۽ بي فرمان آهيو؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توهان زمين، سج ۽ آسمان جي سمورن سيارن کان بہ وڌيڪ پڪا آهيو. اهي سڀ فنا ٿي ويندا، پر توهان نہ. پوءِ توهان هوا ۾ ڏڪندڙ ٻن وانگر ڏڪو ڇو ٿا؟

جيڪڏهن ڪا ٻي شيءِ توهان کي "مخلوق" سان. توهان جي هڪ هئڻ جو احساس نہ ٿي ڪرائي سگهي تہ زمين ئي توهان کي اهڙو احساس ڏياري سگهي ٿي. تنهن هوندي بہ زمين هڪ آئيني وانگر آهي، جنهن ۾ توهان جا پنهنجا پاڇا ايرن ٿا. ڇا آئينو پنهنجو چهرو پسائڻ واري اوزار کان وڌيڪ اهميت رکي ٿو؟

پنهنجون اکيون کوليو ۽ جاڳو. جو تہ توهان مٽي کان وڌيڪ ڪجهہ پيو بہ آهيو. توهان جي تقدير رکو جيئڻ، مرڻ ۽ موت جي دائمي بکايل جاڙين لاءِ ڀرپور لقمو ٿيڻ نہ آهي. توهان جي مقدر ۾ حيات ۽ موت، جنت ۽ دوزخ ۽ پاڻ ۾ جنگ ۾ رذل انهن سمورين ڏرين کان آزاد ٿيڻ آهي، جن جو دارومدار پيائيءَ تي آهي. توهان جي تقدير ۾ رب جي لازوال ڊاک-واڙيءَ ۾ ميويدار ڊاک- ولپون ٿيڻ آهي.

جهڙيءَ ريت ڪنهن زندهہ ڊاک-ول جي زنده ٽاري جڏهن زمين ۾ پوري وڃي تہ پاڙ هٽي ويندي ۽ آخرڪار پنهنجي ماءُ جهڙي ٿي. جنهن سان اها ڳنڍيل آهي، ڏار هڪ ڊاک پيدا ڪندڙ ول بنجي ويندي آهي. ساڳيءَ ريت انسان جيڪو رباني ڊاک-ول جي هڪ جيئري ٽاري آهي، جڏهن پنهنجي ربانيت جي زمين ۾ پوريو ويندو تہ رب سان دائمي طور تي لاڳاپيل هڪ رب بنجي ويندو.

ڇا انسان کي جيئرو ٿيڻ لاءِ جيئرو ئي دفنايو ويندو؟

ها! ها! جيستائين توهان حيات ۽ موت جي ٻٽي پڻ لاءِ دفن نہ ڪيا ويندؤ، توهان هستيءَ جي هيڪڙائيءَ ۾ زندهہ نہ ٿي سگهندؤ.

جيستائين توهان جي پرورش محبت جي انگورن سان نہ ٿي ڪئي وڃي، تيستائين توهان عرفان سان ڀرپور نہ ٿيندؤ

۽ جيستائين توهان عرفان سان مدهوش نہ ٿيندؤ چوٽڪاري جي ڇمي توهان کي هوش ۾ نہ آڻيندي.

جيستائين توهان دنيوي ڊاک-ولين جو ميوو کائو ٿا توهان محبت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وٺي توهان کي بدمست ڪندڙ شراب جي شڪل ۾ واپس وڪرو ڪري ٿو. اهو توهان جي ئي هٿ جي پورهئي مان توهان جي ئي هٿن لاءِ هٿڪڙيون ٺاهي ٿو. هو توهان جي ئي نرڙ جي چمڪندڙ پگهر مان پرندڙ ٿانڊا ٺاهي ٿو ته جيئن انهن مان توهان جي پيشانين تي داغ ڏنا وڃن. "بيڙو" پنهنجي طئہ ٿيل رستي ڪان پري گهٽو پري پنڪي ويو آهي. پر هاڻي ان جي ويٺي کي صحيح رخ ڏنو ويو آهي. ان کي سموري بي جان بار کان آجو ڪيو ويندو ته جيئن اهو سولائيءَ ۽ سلامتيءَ سان پنهنجو سفر مڪمل ڪري سگهي.

ان لاءِ سمورا نذرانہ نذر ڪندڙن کي واپس ڪيا ويندا ۽ قرضدارن جا سمورا قرض معاف ڪيا ويندا. بيڙو سواءِ خدا جي ڪنهن بئي داتا کي تسليم نہ ٿو ڪري ۽ خدا نہ ٿو چاهي تہ ڪوبہ ماڻهو قرضدار هجي ايستائين جو خود خدا جو قرضدار بہ نہ.

اها تعليم مون نوح کي ڏني هئي، اها ئي تعليم مان توهان کي ڏيان ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب ستاويهون

# حقيقت جي تعليم جا حقدار

**(حقيقت جي تعليم مڙني ماڻهن کي ڏيڻ گهرجي يا ڪجهه چونڊيل ماڻهن کي؟ ميرداد ڊاڪ- ول جي تقريب کان هڪ ڏينهن اڳ شام جو غائب ٿيڻ جو راز کولي ٿو ۽ نقلي اقتدار جي ڳالهه ڪري ٿو.)**

نروندا: تقريب جي يادگار بنجي وڃڻ کان ڪافي دير بعد"ست ئي ساٿي" "جابلو اوتاري" ۽ "مرشد" وٽ گڏ ٿيا هئا. جڏهن ته ساٿي ان ڏينهن جي يادگاري واقعن تي ويچار ڪري رهيا هئا. مرشد خاموش ويٺو هو. ڪجهه ساٿي ان غير معمولي جوش تي حيران ٿي رهيا هئا، جنهن جو اظهار هجوم، مرشد جي واعظ تي ڪيو هو. ٻيا شمادم جي ان عجيب ۽ عقل جي خلاف سلوڪ تي نڪتچيني ڪري رهيا هئا، جنهن جو مظاهرو ان، هن وقت ڪيو هو جڏهن قرضين جا سوين دستاويز ٻيڙي جي خزاني مان ڪڍي سڀني جي اڳيان ڦاڙيا ويا هئا ۽ شراب جا سوين مٽ ۽ دٻا ڀانڊن مان ڪڍي بغير قيمت جي ماڻهن کي ڏنا ويا ۽ گهڻا ئي قيمتي تحفا نذر ڪندڙن کي واپس موٽائي ڏنا ويا. جيئن اسان کي اميد هئي ان ڪنهن به قسم جي مخالفت نه ڪئي پر گم سم ۽ بي حس ۽ حرڪت اهو سڀ ڪجهه ڏسندو رهيو ۽ اکين مان لڙڪن جون لارون وهائيندو رهيو.

بنون چيو ته واهه واهه جا نعرا بلند ڪندي، هجوم رڙيون ڪندي نڙيون ڦاڙي رهيو هو. انهن جو داد مرشد جي انهن لفظن لاءِ نه هو پر معاف ڪيل قرضن ۽ موٽايل سوکڙين لاءِ ئي هو. ايستائين جو هن مرشد کي اهڙن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڻهن جي آڏو، جيڪي ڪائڻ پيئڻ ۽ موج مستي کان مٿي ڪا بي خوشي نہ پيا چاهين، پنهنجو وقت ضايع ڪرڻ لاءِ مرشد کي نرميءَ سان چيو بہ هو. سندس خيال هو تہ حقيقت جي تبليغ بنا ڏسڻ جي هر ڪنهن جي اڳيان نہ ڪرڻ گهرجي، پر ڪجهہ مخصوص ماڻهن ۾ ڪرڻ گهرجي. اهو ٻڌي مرشد چيو:

ميرداد: هوا ۾ تحليل ڪيل توهان جو ساهہ ڪنهن نہ ڪنهن جي سيني ۾ وڃي ضرور اٽڪندو. اهو نہ پڇو تہ اهو سينو ڪنهن جو آهي، رڳو ايتري تسلي ڪيو تہ اهو لفظ "چوٽڪاري" جو سچو پيغمبر هجي.

توهان جو چپ چاپ سوچڻ ڪنهن نہ ڪنهن جي زبان ۾ ضرور حرڪت پيدا ڪندو. اهو نہ پڇو تہ اها زبان ڪنهن جي آهي. رڳو ايتري تسلي ڪيو تہ اهو خيال محبت واري عرفان سان روشن هجي.

ڪنهن بہ ڪوشش کي بيڪار نہ سمجهو. ڪيترائي ٻج سالن جا سال زمين ۾ پوريل هوندا آهن، پر جڏهن انهن کي ڀهرين موافق رُت جو ساهہ حرڪت ڏيندو آهي تہ اهي ترت ڦٽي پوندا آهن.

حقيقت جو ٻج سمورن انسانن ۾ شين ۾ موجود هوندو آهي. حقيقت کي پوکڻ توهان جو ڪم نہ آهي. توهان جو ڪم انهن جي ڦٽڻ لاءِ موافق موسم تيار ڪرڻ آهي.

ابديت ۾ سڀ ڪجهہ ممڪن آهي. ان لاءِ ڪنهن انسان جي چوٽڪاري بابت نااميد نہ ٿيو. قيد ۽ بند کان آزاد ٿيڻ جو پيغام هڪجهڙي شوق ۽ يقين سان هر هڪ تائين پهچايو، ڀلي اهي مشتاق هجن يا غير مشتاق. جوتہ غير مشتاق ضرور بيقرار ٿي اٿندا ۽ هاٿي جيڪي بنان ڪنين جي آهن، اهي ڪنهن ڏينهن "اُس" ۾ پنهنجا ڪنَ ڦڙڪائيندا ۽ پنهنجي ڪنين سان عرش برين جي ڏورانهن ۽ ناقابل رسائي جاين ۾ پنهنجو رستو ناهيندا.

ميڪاستر: اسان کي ان ڳالهہ جو ڏک آهي تہ هينئر تائين، اسان جي بار بار پڇڻ جي باوجود "مرشد" ڊاڪ- ول جي تقريب جي موقعي تي پنهنجي ڳجهي نموني تي غائب ٿيڻ جو راز اسان تي ظاهر نہ ڪيو. ڇا اسان ان اعتبار جي قابل نہ آهيون؟

ميرداد: جيڪو بہ ڪو منهنجي محبت جو حقدار آهي، اهو ضرور



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي اعتماد جو بہ حقدار آهي. ڇا اعتماد محبت کان مٿبري شيءِ آهي ميڪاستر؟ ڇا مون ڇاٽي وائي ٻنهنجي دل ۾ توهان کي جاءِ نہ ڏني؟

جي مان توهان سان ان بي مزه واقعي جو ذڪر نہ ڪيو تہ اهو ان لاءِ تہ مان شمادم کي پڇتاءَ جي مهلت ڏيڻ پئي چاهي. جوتہ هي اهو ئي هو جيڪو ان شام ٻن اٿجاتل ماڻهن جي مدد سان مون کي جابلو اوناري تان زبردستي وٺي ويو ۽ ڪاري ڪڏ ۾ اڇلائي جڏيو. بدقسمت شمادم! ان ڪڏهن خواب ۾ بہ نہ سوچيو هو تہ ڪاري ڪڏ بہ ان جي ريشمي هٿن سان آجيان ڪندي ۽ جوتيءَ تي حرڙهڻ لاءِ جادوئي ڏاڪڻ مهيا ڪندي.

نروندا: اهو ٻڌي اسان سڀ ڏجي وياسين ۽ اسان جا هوش گم ٿي ويا ۽ مرشد کان ٻڇڻ جي ڪنهن ۾ بہ همت نہ ٿي تہ جيڪي ڪجهہ هر ڪنهن کي موتمار نظر اچي رهيو هو ان مان مرشد صحيح سلامت ڪيئن نڪتو. ڪجهہ دير لاءِ تہ سڀ گونگا ٻيا پيا هئاسين.

همبال: جڏهن تہ اسان جو مرشد شمادم سان محبت ڪري ٿو تہ ٻوءِ هو مرشد کي ڇو ٿو ستائي؟

ميرداد: شمادم مون کي نہ ٿو ستائي، شمادم. شمادم کي عذاب رسائي ٿو. انڌن کي اقتدار جي توري جهلڪ ڏيکاريو تہ اهي سڀني اکين وارن جون اکيون ڪڍي ڇڏيندا. انهن جون اکيون بہ جيڪي انهن کي ڏسڻ جي قابل ٻڻائڻ لاءِ پريشان ٿي رهيا آهن. ڪنهن غلام کي هڪ ڏينهن لاءِ من ماني ڪرڻ ڏيو تہ هو دنيا کي غلامن جي دنيا ۾ بدلائي ڇڏيندو. سڀني کان اڳ ان جي هٿان مهريون ڪائڻ وارا ۽ سنگهرن ۾ جڪڙجڻ وارا اهي ئي هوندا، جيڪي ان کي آزاد ڪرائڻ جي لڳاتار ڪوشش ڪري رهيا آهن.

دنيا جو سمورو اقتدار، ان جو سرچشمو ٻلي ڪجهہ بہ هجي، جعلي آهي. ان لاءِ اهو ٻنهنجي ڪزيءَ جا نعل ڪڙڪائي ٿو. ٻنهنجي تلوار فيرائي ٿو ۽ هنگامو مچائيندڙ شان ۽ شوڪت ۽ چمڪ دمڪ سان سواري ڪري ٿو تہ جيئن ڪوبہ ان جي ٻر فريب دل ۾ جهاتي پائڻ جي همت نہ ڪري سگهي.

هو ٻنهنجي ڊانوانڊول تخت کي بندوقن ۽ نيزن جو سهارو ڏيئي ٿو. ٻنهنجي تڪبر ڀرئي روح کي خوف ۽ حراس ٻيدا ڪندڙ تعويذن ۽ جادوئي علامتن سان سجائي ٿو تہ جيئن تجسس ۾ ورتل ماڻهن جون اکيون سندس ڪراهت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻريل غريبيءَ کي ڏسي نہ ونن.

اهڙو اقتدار ان جي طلب ڪندڙ شخص لاءِ دوکي جي ڪرفتي بہ آهي ۽ لعنت بہ. هو هر قيمت تي پنهنجو ياڻ کي قائم رکندو. پلي ان جي خوفناڪ قيمت ان شخص کي ۽ انهن کي جيڪي ان جو اقتدار قبول ڪن ٿا ۽ انهن کي بہ جيڪي ان جي مخالفت ڪن ٿا. تباهہ ٿي ڪري بہ ادا ڇونہ ڪرڻي پوي.

ماڻهو پنهنجي اقتدار جي هوس جي ڪري سدائين بي چين رهن ٿا. بااقتدار ماڻهن کي. ان کي قائم رکڻ لاءِ هر وقت جنگ ۽ جدل ۾ رذل رهڻو پوي ٿو. اقتدار کان محروم ماڻهو ان کان اقتدار کسڻ جي جدوجهد ڪندا رهن ٿا. جڏهن تہ انسان جيڪو پنڌڻ ۾ ويڙهيل هڪ رب آهي. پيرن ۾ سنبن جي هيٺان جيپاتيو وڃي ٿو ۽ ميدان جنگ ۾ بنا سارسنڀال، بنا مرهم پٽيءَ جي ۽ محبت کان محروم پيو رهڻ لاءِ ڇڏيو وڃي ٿو.

اها جنگ ايڏي خوفناڪ آهي ۽ جنگ بازن جي سر تي اهڙو خون سوار آهي جو افسوس بناوتي ڪنوار جي منهن تان سنگين نقاب ڪٽڻ لاءِ ڪوبہ نہ ٿو بيهي تہ جيئن ان جي وحشت انگيز بدصورتيءَ جو بہ نظارو ڪري سگهن.

اي درويشو! يقين ڪيو تہ سواءِ عرفان جي طاقت جي. جيڪا انمول آهي. ڪوبہ اقتدار اک ڇنڀ جي مدت کان وڌيڪ پائيداري نہ ٿو رکي. ان لاءِ ڪابہ قرباني تج آهي. جيڪڏهن ان کي هڪ ڀيرو حاصل ڪري وٺندؤ تہ اها زمان جي آخر تائين توهان جي قبضي ۾ رهندي ۽ توهان جي لفظن ۾ ايتري طاقت ڀري ڇڏيندي. جيتري دنيا جي مڙني فوجن وٽ بہ نہ آهي ۽ اها توهان جي ڪارنامن کي ايتري قدر رحمت سان نوازي ڇڏيندي. جيتري دنيا جا سمورا اقتدار پرست گڏجي بہ دنيا جي جهوليءَ ۾ وجهڻ جو خواب بہ نہ ٿا ڏسي سگهن.

عرفان پنهنجي ڍال پاڻ آهي. محبت ان جي طاقتور ٻانهن آهي. اهو نہ تہ ڪنهن کي ڌڪ ڏيئي ٿو. نہ ڪنهن تي ڏاڍ ڪري ٿو. پر اهو تہ انسانن جي ٽيندڙ دلين تي ماڪ وانگر وسي ٿو ۽ ٻاڻ کي رد ڪندڙن جي حق ۾ بہ ٻاڻ کي جيئڻ وارن جي مقابلي گهٽ رحمت نہ ٿو بنجي. ڇوتہ ان کي پنهنجي اندروني طاقت تي پورو يقين آهي. هي ٻاهرين طاقت جو سهارو نہ ٿو وٺي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيئن تہ ھي پنھنجو پاڻ ۾ پوريءَ ريت بي خوف آھي. ان لاءِ اھو ڪنھن انسان تي پنھنجو اختيار ڄمائڻ لاءِ خوف کي ھٿيار جي طور تي استعمال نہ ٿو ڪري.

دنيا سچي آھي- افسوس عرفان جي نظر ۾ بي حد سَچي - ان ڪري اھا پنھنجي ناداريءَ کي جعلي اقتدار جي پردي پٺيان لڪائڻ چاھي ٿي. ۽ جعلي اقتدار، جعلي طاقت کان حملي ۽ بچاءَ لاءِ ناٽڪ ڪري ٿو ونئي ۽ اھي ٻئي ملي خوف کي طاقت ڏين ٿا ۽ خوف انھن ٻنھي کي تباھہ ڪري ڇڏي ٿو.

حا اھو سدائين کان نہ ٿيندو آيو آھي تہ ڪمزور پنھنجي ڪمزوريءَ جي حفاظت لاءِ ڪڏ تي ويندا آھن؟ اھڙيءَ ريت دنيا جا اقتدار دنيا جي وحشياتي طاقت ۽ خوف جي ڇھبڪ جي پاڇي ۾ ھٿ ھٿ ۾ ڏيئي ھلن ٿا ۽ جھالت کي، جنگين، رت ۽ لڙڪن جي شڪل ۾ پنھنجي روزاني جو ڏن ادا ڪن ٿا ۽ جھالت انھن سڀني ڏانھن مشڪي ڏسي ٿي ۽ چوي ٿي شاباس! سٺو ڪيو.

ميرداد کي ڪڏ ۾ اڇلائي شمادم. شمادم. کي چيو شاباس! پر شمادم اھو نہ سوچيو تہ مون کي ڪاھيءَ ۾ اڇلائي. ھن مون کي نہ پر پنھنجو پاڻ کي ڪاھيءَ ۾ اڇلايو ھو. ڇوتہ ڪاھي ڪنھن ميرداد کي روڪي نہ ٿي رکي سگھي. جڏھن تہ ڪنھن شمادم کي ان جي ڪارين ۽ ترڪندڙ پنين کي تپڻ لاءِ گھڻي ڊڪ ڊوڙ ڪرڻي پوندي.

دنيا جي سموري طاقت ھڪ گھٽ قيمت وارو اگھہ آھي. اھي جيڪي عرفان جي نظر ۾ اجان ٻارڙا آھن، انھن کي ان سان دل وندرائڻ ڏيو. مگر توھان پنھنجي رضا ڪنھن انسان تي لاڳو نہ ڪيو. ڇوتہ ڏاڍ سان جيڪي ڪجھہ بہ ڪنھن تي لاڳو ڪيو وڃي ٿو. ھڪ نہ ھڪ ڏينھن طاقت جي زور سان اقتدار کان محروم ڪيو وڃي ٿو.

انسانن جي زندگيءَ تي ڪڏھن حق رکڻ جي تمنا نہ ڪيو. انھن جي مالڪ الاھي رضا آھي. نہ ئي ماڻھن جي مال ۽ زر تي استحقاق جي خواھش ڪيو. ڇو تہ انسان پنھنجي مال ۽ زر سان بہ ائين ئي ٻڌل آھن، جيئن پنھنجي زندگين سان ۽ اھي انھن ماڻھن تي اعتبار نہ ٿا ڪن، پر، انھن سان نفرت ڪن ٿا، جيڪي سندن ٻنڌڻن ۾ دخل انداز ٿين ٿا. محبت ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عرفان وسيلي ماٺهن جي دلين ۾ داخل ٿيڻ جو دڳ ڳوليو. هڪ دفعو اتي ويهي توهان ماٺهن کي سندن ٻنڌڻن کان آزاد ڪرائڻ لاءِ بهتر ڪوشش ڪري سگهندؤ.

محبت توهان کي دڳ ڏيکاريندي، جڏهن عرفان جي هٿ ۾ بتي هوندي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تائين بہ وجي پهتي آهي.

ميرداد: شهرت پرڏيهہ ۾ باهہ جي رٿ تي سوار هوندي آهي. پنهنجي گهر ۾ اها ويساڪين جي سهاري منڊڪائي هلندي آهي. سردار منهنجي ان ڳالهہ جو شاهد آهي. سلطان! شهرت جي چلولاين جو ڪڏهن بہ اعتبار نہ ڪرڻ گهرجي.

سلطان: تنهن هوندي بہ شهرت جي راند ڏاڍي مٺي لڳندي آهي ۽ پنهنجو نالو ماڻهن جي چپن تي لکي وڏو لطف ايندو آهي.

ميرداد: ماڻهن جي چپن تي پنهنجو نالو لکڻ ائين آهي، جيئن سمنڊ جي واريءَ تي پنهنجو نالو لکڻ. هوائون ۽ پاڻيءَ جي جوارڀاٽا ان کي واريءَ تان ڊاهي ويندا آهن. هڪ ڇڪ ان کي چپن تان اڏاري ڇڏيندي آهي. جيڪڏهن توهان ماڻهن جي چڪن وسيلي ماڻهن جي چپن تان اڏامڻ نہ چاهيو ٿا تہ پنهنجو نالو انهن جي چپن تي نہ لکو پر گرمجوشيءَ سان پنهنجو نالو انهن جي دلين تي اڪيري ڇڏيو.

سلطان: پر ماڻهن پنهنجي دلين تي اڻ ڳڻيا ڪلف هڻي ڇڏيا آهن.

ميرداد: ڪلف ڪيترا بہ هجن پر چاٻي هڪ ئي آهي.

سلطان: ڇا اها چاٻي تو وٽ آهي؟ مون کي ان جي نهايت سخت ضرورت آهي.

ميرداد: اها چاٻي تو وٽ بہ آهي.

سلطان: افسوس! تون منهنجي قيمت منهنجي حيثيت کان وڌيڪ ڪٿي رهيو آهين. وڏي عرصي کان مان پنهنجي پاڙيسريءَ جي دل جي چاٻي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان. پر مون کي اها ڪٿي بہ نہ ملي. هو هڪ طاقتور سلطان آهي ۽ مون سان جنگ ڪرڻ چاهي ٿو. پر مان امن پسند هئڻ جي باوجود، ان جي خلاف هٿيار کڻڻ تي مجبور آهيان. مرشد! تون ڪڏهن بہ منهنجي تاج ۽ هيرن جواهرن سان سجايل لباس جي دوکي ۾ نہ اچجانءِ جنهن چاٻيءَ جي مون کي ڳولا آهي اها انهن شين ۾ نہ ٿي ملي سگهي.

ميرداد: اهي شيون چاٻيءَ کي پاڻ وٽ نہ رکنديون اهن، پر لڪائي ڇڏينديون آهن. اهي تنهنجي وکن کي تيزي ڇڏينديون آهن. تنهنجي هٿن کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيڪار بنائي ڇڏينديون آهن. تنهنجي اکين کي گمراهہ ڪري ڇڏينديون آهن ۽ اهڙيءَ ريت تنهنجي ڳولا ناڪام ٿي ويندي آهي.

سلطان: ان مان مرشد جي ڇا مراد ٿي سگهي ٿي؟ ڇا مون کي پنهنجي پاڙيسريءَ جي دل جي چاٻي لهڻ لاءِ پنهنجو تاج ۽ شاهي لباس لاهي اڇلائڻو پوندو؟

ميرداد: انهن شين کي رکڻ لاءِ توکي پنهنجي پاڙيسريءَ کي وڃائڻو پوندو ۽ پاڙيسريءَ کي رکڻ لاءِ توکي اهي سڀ وڃائڻا پوندا ۽ پنهنجي پاڙيسريءَ کي وڃائڻ پنهنجو پاڻ کي وڃائڻ آهي.

سلطان: مان پنهنجي پاڙيسريءَ جي دوستي ايڏي وڏي قيمت ڏيئي خريد ڪرڻ نہ چاهيندس.

ميرداد: ڇا تون ان حقير قيمت سان پنهنجو پاڻ کي خريد ڪرڻ نہ چاهيندين؟

سلطان: ڇا مان پنهنجو پاڻ کي خريد ڪيان؟ ڇا مان ڪو قيدي آهيان. جنهن کي آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ ڏنڊ ادا ڪرڻو پوندو؟ ان ڪان سواءِ مون پنهنجي حفاظت لاءِ معقول پگهار تي پوريءَ ريت هٿياربند فوج رکي آهي. منهنجو پاڙيسري ان ڪان بهتر فوج جي ڌاڙ نہ ٿو هڻي سگهي.

ميرداد: ڪنهن هڪ ماڻهو يا شيءِ جو قيدي هئڻ ايترو اڻ وڻندڙ آهي جو اهو برداشت نہ ٿو ڪري سگهجي ۽ انسانن جي ڪنهن لشڪر يا شين جي ڪنهن انبار جو قيدي هئڻ اهڙي جلاوطني آهي، جنهن کان آزادي ممڪن نہ آهي. جوتہ ڪنهن شيءِ تي دارومدار رکڻ. ان شيءِ جو محتاج هئڻ آهي. ان ڪري رڳو هڪ خدا تي ئي ڀروسو ڪيو. ڇوتہ خدا جو قيدي هجڻ اصل ۾ آزاد هجڻ آهي.

سلطان: ڇا مان پنهنجو پاڻ کي، پنهنجي تخت کي، پنهنجي رعيت کي غير محفوظ ڇڏي ڏيان؟

ميرداد: توکي پنهنجو پاڻ کي غير محفوظ نہ ڇڏڻ گهرجي.

سلطان: ان ڪري ئي تہ مون فوج رکي آهي.

ميرداد: ان ڪري ئي توکي پنهنجي فوج کي موڪل ڏيڻ گهرجي.

سلطان: تہ پوءِ منهنجو پاڙيسري ترت ئي منهنجي حڪومت کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊانواڊول ڪري ڇڏيندو.

ميرداد: تي سگهي ٿو تہ هو تنهنجي حڪومت تي قبضو ڪري وٺي. پرَ توکي ڪوبہ پنهنجي وات ۾ نہ ٿو وجهي سگهي. ٻن قيد خانن کي ملائي آزاد زندگيءَ لاءِ هڪ ننڍو گهر بہ نہ ٿو ٺهي سگهي. جيڪڏهن ڪو توکي تنهنجي قيدخاني کان ٻاهر ڪڍي ڇڏي تہ خوشي ڪر. پر جيڪڏهن ڪو تنهنجي قيدخاني ۾ قيدي ٿيڻ لاءِ اچي تہ ان کان حسد نہ ڪر.

سلطان: مان اهڙي خاندان جي اولاد آهيان. جيڪو جنگ جي ميدان ۾ بهادريءَ لاءِ مشهور آهي. اسان ٻين کي ڪڏهن بہ جنگ تي راضي نہ ڪندا آهيون. پر جيڪڏهن اسان کي جنگ لاءِ مجبور ڪيو ويجي نہ اسان ان کان پوئتي نہ ٿيندا سين. دشمن جي لاش تي مٿان جهوليندڙ جهنڊن سان ميدان ڇڏيندا آهيون. جناب توهان مون کي منهنجي پاڙيسريءَ کي پنهنجي مرضي هلائڻ جي راءِ ڏيئي مون کي گمراهہ ڪري رهيا آهيو.

ميرداد: ڇا تو اهو نہ چيو تہ توکي امن جي خواهش اهي.

سلطان: هائو مان امن ئي چاهيان ٿو.

ميرداد: تہ پوءِ وڙهہ نہ.

سلطان: پر منهنجو پاڙيسري مون سان جنگ لاءِ ضد ڪيو ويٺو آهي ۽ مون کي ان سان جنگ وڙهڻي ئي پوندي تہ جيئن اسان جي وچ ۾ امن امان جي حڪمراني قائم رهي.

ميرداد: تون پنهنجي پاڙيسريءَ کي ان ڪري قتل ڪندئين تہ جيئن تون انَ سان گڏ امن امان سان رهي سگهين. ڪيڏو نہ عجيب تماشو آهي! مري ويلن سان گڏ امن سان جيئڻ ۾ ڪابہ فضيلت نہ آهي. پر جيئرين سان گڏ امن سان رهڻ وڏي نيڪي اهي.

جي توهان کي ڪڏهن جيئري ماڻهوءَ يا شيءِ سان جنهن جي پسند ۽ رغبت ڪڏهن توهان جي پسند ۽ رغبت سان ٽڪرائجندي هجي. جنگ ڪرڻي ئي پوي تہ جنگہ‌خدا سان ڪجو. جنهن اها حالت پيدا ڪئي آهي ۽ ڪائنات سان جنگ ڪجو. چوتہ ان ۾ اهڙيون گهڻيون ئي شيون آهن. جيڪي توهان جي دماغ کي پريشان ڪن ٿيون ۽ توهان جي دل کي ڏکائين ٿيون. ۽ ارادي ۽ غير ارادي طور تي توهان جي زندگيءَ ۾ دخل اندازي ڪن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿيون.

سلطان: پر جڏهن مان پنهنجي پاڙيسريءَ کان امن جي خواهش ڪيان ۽ هو مون سان جنگ ڪرڻ چاهي ته مان ڇا ڪيان؟

ميرداد: جنگ ڪر!

سلطان: هاڻي تو مون کي صحيح راءِ ڏني آهي.

ميرداد: ها وڙهو! پر پنهنجي پاڙيسريءَ سان نه پر انهن شين سان وڙهو جيڪي توکي ۽ تنهنجي پاڙيسريءَ کي پاڻ ۾ ويڙهائڻ لاءِ مجبور ڪن ٿيون.

تنهنجو پاڙيسري توسان جنگ ڪرڻ ڇوٿو چاهي؟ ڇا ان لاءِ ته تنهنجون اکيون نيريون آهن ۽ ان جون ڀوريون؟ ڇا ان لاءِ ته توکي خواب ۾ فرشتا نظر اچن ٿا ۽ ان کي جن؟ يا رڳو ان ڪري ته تون ان سان ايتري ئي محبت ڪرين ٿو، جيتري پنهنجو پاڻ سان ۽ ان جي سمورين شين کي پنهنجون شيون مڃين ٿو.

سلطان جن جي خاطر تنهنجو پاڙيسري تو سان وڙهڻ چاهي ٿو، اهي آهن تنهنجو هي شاهي لباس، تنهنجو تخت، تنهنجي دولت، تنهنجو شان ۽ شوڪت ۽ اهي شيون جن جو تون قيدي آهين.

ڇا تون هڪ به نيزو کڻڻ کان سواءِ ان کي شڪست ڏيڻ چاهيندين؟ ته پوءِ اڳ جهلي پنهنجو پاڻ ئي انهن سمورين شين جي خلاف جنگ جو اعلان ڪري ڇڏ. جڏهن تون پنهنجي روح کي انهن جي چنبي مان ڇڏائي انهن تي فتح حاصل ڪندين، جڏهن تون انهن کي ٻاهر گند جي ڍير تي اڇلائي ڇڏيندين. تڏهن اٿين تي سگهين ٿو ته تنهنجو پاڙيسري اڳتي وڌڻ کان جهلجي وڃي. پنهنجي تلوار واپس مياڻ ۾ رکي ڇڏي ۽ پنهنجو پاڻ کي چوي ته جيڪڏهن اهي شيون ايڏيون قيمتي هجن ها جو انهن لاءِ جنگ ڪرڻ مناسب هجي ها ته منهنجو پاڙيسري انهن کي گند جي ڍير تي نه اڇلائي ها.

جيڪڏهن تنهنجو پاڙيسري اڃان به پنهنجي ڇريائپ تي قائم رهي، گند جي ڍير کي کٽي پيچي ته تون ان خطرناڪ بوجهه کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ تي خوشي ڪر. اڃان به پنهنجي پاڙيسريءَ جي بدقسمتيءَ تي افسوس ڪر.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سلطان: منهنجي وقار جو جيڪو منهنجي مڙني دولتن کان وڌيڪ قيمتي آهي، ان جو ڇا ٿيندو؟

ميرداد: انسان جو انسان ٿيڻ ئي ان جو وقار آهي، جيڪو خدا جو جيئرو عڪس ۽ ان جو هم شڪل آهي، ٻيا سمورا وقار ذلتون آهن.

انسانن وسيلي ڏنل عزت انهن وسيلي ئي وڏي سولائيءَ سان کسي سگهجي ٿي. تلوار وسيلي لکيل شان ۽ شوڪت، تلوار ذريعي وڏي آسانيءَ سان ميٽي ويندي آهي. سلطان! ڪوبہ شان مان زنگ لڳل تير جي حقيقت جي برابر نہ هوندو آهي، هڪ زندڙ لڙڪ کان بہ گهٽ. رت جي هڪ ڦڙي کان اجا بہ گهٽ.

سلطان: ۽ آزادي ـــــ منهنجي ۽ منهنجي رعيت جي آزاديءَ جو ڇا ٿيندو؟ ڇا اها وڏي کان وڏي قربانيءَ جي حقدار نہ آهي؟

ميرداد: سچي آزاديءَ جي قيمت خوديءَ جي قرباني آهي. تنهنجي ٻاڙيسريءَ جا هٿيار ان کي کسي نہ ٿا سگهن. تنهنجا پنهنجا هٿيار ان کي فتح نہ ٿا ڪري سگهن، نہ ئي ان جي حفاظت ڪري سگهن ٿا ۽ جنگ جو ميدان انهن لاءِ قبر جي برابر آهي.

سچي آزادي دل ۾ کٽي ۽ هاري ويندي آهي.

ڇا تون جنگ وڙهڻ چاهين ٿو؟ تون پنهنجي دل ۾ پنهنجي ئي دل سان جنگ ڪر. پنهنجي دل مان هر اميد، هر خوف ۽ هر فضول خواهش کي ڪڍي ڇڏ، جيڪي تنهنجي دنيا کي ساهہ منجهائيندڙ واڙو بڻائي رکن ٿا ۽ تون ڏسندين تہ اهو ڪائنات کان بہ وڏو آهي ۽ تون ان ڪائنات ۾ پنهنجي مرضيءَ موجب گهمي ڦري سگهندين ۽ ڪابہ شيءِ تنهنجي راهہ ۾ جهل نہ بڻجندي.

رڳو اها ئي هڪ شيءِ جنگ ڪرڻ جي قابل آهي. پنهنجو پاڻ کي اهڙي جنگ ۾ مصروف ڪندين تہ توکي ڪنهن ٻي جنگ لاءِ وقت نہ ملندو ۽ اهي جنگيون توکي نفرت لائق درندگي ۽ شيطاني فريب وانگر نظر اينديون، جن جو مقصد تنهنجي دل کي گمراهہ ڪرڻ. تنهنجي طاقت کي ختم ڪرڻ ۽ اهڙيءَ ريت توکي پنهنجي نفس سان وڙهڻ واري جنگ ۾، جيڪا اصل ۾ هڪ جهاد آهي، شڪست ڏيڻ آهي. اهڙي جنگ کي کٽڻ ڪڏهن بہ ختم نہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجي سيني تي ويهڻ ۾ خوشي محسوس ڪندا ۽ زمين تنهنجو منبر بنجڻ لاءِ تيار ٿي ويندي.

جڏهن تون پنهنجي دل تي حڪومت ڪري سگهندين توکي ان سان ڪهڙو مطلب تہ تنهنجي جسم تي نالي ماتر ڪو حڪومت ڪري ٿو؟ جڏهن سموري ڪائنات ئي تنهنجي ٿي ويندي تہ توکي ان سان ڪهڙو واسطو تہ زمين جي هن يا هن حصي تي ڪير حڪومت ڪري ٿو.

سلطان: تنهنجا لفظ ڏاڍا دلڪش آهن. تنهن هوندي بہ مون کي لڳي ٿو تہ جنگ قدرت جو قانون آهي. ڇا سمنڊ جون مڇيون بہ جنگ ۾ رڌل نہ آهن؟ ڇا ڪمزور زوراور جو شڪار نہ ٿو ٿئي؟ ۽ مان ڪنهن جو بہ شڪار نہ ٿيندس.

ميرداد: جيڪا توکي جنگ نظر اچي ٿي. اهو قدرت جو پنهنجو پيٽ پالڻ ۽ پنهنجي اولاد ۾ واڌاري جو طريقو آهي. زورآور کي ايتروئي ڪمزور جي خوراڪ بنايو ويو جيترو ڪمزور کي زوردار جي- تہ پوءِ قدرت جي حساب ۾ ڪير ڪمزور آهي ۽ ڪير زورآور؟

قدرت اڪيلي ئي زوراور آهي. باقي سڀ ڪمزور آهن. جيڪي قدرت جي رضا ۾ هلن ٿا ۽ چپ چاپ موت جي وهڪري ۾ وهندا وڃن ٿا.

رڳو لافاني روحن کي ئي زوراور چئي سگهجي ٿو ۽ اي سلطان! انسان لافاني آهي. انسان قدرت کان وڌيڪ طاقتور آهي. هو پنهنجو واڌارو ان ڪري ڪري ٿو جو هو پنهنجي وسعت کان مٿي اٿي سگهي.

جيڪي شخص پنهنجي غليظ خواهشن کي حيوانن جي صاف فطري لاڙن جي حوالي سان جائز قرار ڏين ٿا. اهي پيلي پنهنجو پاڻ کي جهنگلي جانور. بگهڙ. گدڙ يا ڪجهہ بيو بہ چون. پر انهن کي انسانن جي نيڪ نالي تي ٽِڪو نہ هڻڻ گهرجي. اي سلطان ميرداد تي ايمان آڻ ۽ پرسڪون ٿي وڃ.

سلطان: سردار مون کي ٻڌايو آهي تہ ميرداد جادوگريءَ جي ڪرتبن ۾ وڏو ماهر آهي ۽ مان چاهيندس تہ هو پنهنجي طاقتن جو ڪجهہ مظاهرو ڪري تہ جيئن مان ان تي ايمان آڻي سگهيان.

ميرداد: جيڪڏهن انسان جي اندروني رب کي ظاهر ڪرڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جادوگري آهي تہ ميرداد جادوگر آهي. ڇا تون منهنجي جادوگريءَ جو جلوو ۽ ثبوت ڏسڻ چاهيندين؟

ڏس! مان ٿي ان جو ثبوت ۽ ان جي هوبهو صورت آهيان هاڻي تون وچ ۽ اهو ڪم ڪر جيڪو تون ڪرڻ آيو آهين.

سلطان: تون صحيح سمجهي ورتو تہ مان تنهنجي چريائپ سان دل وندرائڻ نہ آيو آهيان. ڪنهن ٻئي ڪم سانگي آيو آهيان. ڇو تہ ٻنحار جو سلطان ڪنهن ٻئي قسم جو جادوگر آهي ۽ اهو هاڻي پنهنجي هنر جو مظاهرو ڪندو.

(پنهنجي ماڻهن کي) پنهنجون سنگهرون آڻيو ۽ هن رباني انسان يا انساني رب جا هٿ پير ٻڌو ۽ هن کي ۽ هتي موجود هن جي سائين کي ڏيکاريو تہ اسان جي جادوگري هن قسم جي آهي.

نروندا: چار سپاهي مرشد تي وحشي جانورن وانگر ڪڙڪيا ۽ ترت ئي ان جي هٿن ۽ پيرن کي زنجيرن سان ٻڌڻ شروع ڪيو. هڪ لمحي لاءِ ست ئي ساٿي بي حسيءَ جي حالت ۾ ويٺا رهياسين. اسين سمجهي نہ ٿي سگهياسين تہ جيڪي ڪجهہ اسان جي اکيان ٿي رهيو آهي، ان کي ڇا سمجهون. ڇا اهو ڪِلندي ٿي رهيو هو يا سنجيدگيءَ ۾. ميڪايون ۽ زمورا کي ان اڻ وٽندڙ حالت جي سنجيدگيءَ جو ٻين کان ٻهريان احساس ٿي ويو هو. اهي ٻئي ڳاڙها ٿي ويا ۽ ببر شينهن وانگر سپاهين تي ڪڙڪيا. جي مرشد جو انهن کي ائين ڪرڻ کان روڪيندڙ ۽ سهارو ڏيندڙ آواز ٻڌڻ ۾ نہ اچي ها تہ اهي انهن کي اتي ئي ليٽائي وجهن ها.

ميرداد: ميڪايون انهن کي پنهنجو هنر استعمال ڪرڻ ڏي. پيارا زمورا انهن کي پنهنجو طريقو ڪتب آڻڻ ڏي. ميرداد لاءِ انهن جون سنگهرون ڪاري ڪاهيءَ کان وڌيڪ خوفناڪ نہ آهن. شمادم کي پنهنجي طاقت ٻتحار جي سلطان سان جوڙڻ تي خوش ٿيڻ ڏيو. اهو اتحاد انهن ٻنهي کي قاڙي ڇڏيندو.

ميڪايون: جڏهن اسان جو مرشد ڪنهن ڏوهاريءَ وانگرو ڪوڙيو وڃي تہ اسان ڪيئن تا چپ رهي سگهون؟

ميرداد: منهنجو ڪوبہ فڪر نہ ڪيو. پرسڪون رهو. هي ڪنهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏينهن توهان سان بہ اهو سلوڪ ڪندا. پر ان ۾ نقصان انهن جو ئي ٿيندو توهان جو نہ.

سلطان: اهو ئي سلوڪ هر ان بدمعاش سان ڪيو ويندو، جيڪو مستقل طور قائم حڪومت جي نافرمانيءَ جي جرئت ڪندو. هي پاڪ شخص (شمادم ڏانهن اشارو ڪندي) هن قوم جو جائز سردار آهي. هن جو حڪم هر شخص لاءِ قانون جو درجو رکي ٿو. هيءَ پوڄا جوڳي ٻيڙي، جنهن جي برڪت مان توهان فيضياب ٿيو ٿا، منهنجي حفاظت ۾ آهي. منهنجي چوڪس نظر ان جي تقديري معاملن جو جائزو وٺندي رهي ٿي. منهنجي طاقتور ٻانهن انهن جي عمارت ۽ انهن جي ملڪيت تي پڪڙيل آهي، جيڪو ان کي برائيءَ جي خيال کان ڇهندو، منهنجي تلوار ان جي ٻانهن کي وڍي ڇڏيندي. اهو سڀ ٻڌي وٺن ۽ محتاط رهن.

(وري ماڻهن کي) ڪيو ٻاهر هن ڏوهيءَ کي. ان جي خطرناڪ تعليم ان کي تباهيءَ جي ڪنڌيءَ تي آڻي بيهاريو آهي ۽ ان کي پنهنجي بربادي جي راهہ تي هلڻ ڏنو ويو تہ اهو دگ ترت ئي اسان جي سلطنت ۽ زمين ٻنهي کي تباهہ ڪري ڇڏيندو. هاڻي هن ڪانپوءِ هي ان جي تبليغ بتحار جي تهہ خانن جي اونداهين ۾ٽين جي اڳيان ڪندو. وٺي وڃو هن کي هتان.

نروندا: سپاهي مرشد کي ٻاهر وٺي ويا ۽ سلطان ۽ شمادم خوشيءَ مان آڪڙجي ان جي پٺيان پٺيان هلڻ لڳا. ست ئي ساٿي ان منحوس جلوس جي پٺيان هلي رهيا هئا. سندن اکيون مرشد جي پٺيان لڳل هيون. سندن چپ غم جي ڪري سبيل هئا ۽ انهن جون دليون جوش مان روئي رهيون هيون.

مرشد ثابت قدميءَ ۽ اعتماد سان هلي رهيو هو ۽ سندس مٿو مٿيرو هو. ڪجهہ پرڀرو هلي هن اسان ڏانهن ڏٺو ۽ چيو:

ميرداد: ميرداد ۾ يقين رکو. جيستائين مان پنهنجي ٻيڙي کي دريا ۾ نہ وجهان ۽ ان جو مُهرو توهان جي هٿن ۾ نہ ڏيان مان توهان کي ڇڏي نہ ويندس.

نروندا: ۽ ان ڪانپوءِ سندس اهي لفظ اسان جي ڪنن ۾ ڪافي دير تائين بلند آواز ۾ وڄندا رهيا ۽ ان سان گڏوگڏ ئي ڳرين سنگهرن جي ڪڙڪڻ جو اواز بہ ايندو رهيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب اٺٽيهون

# شمادم جي پنهنجي ساٿين جي دل وٺڻ جي ناڪام ڪوشش

(شمادم پنهنجي ساٿين کي پاڻ ڏانهن متوجهه ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪري ٿو)

(ميرداد ڪراماتي طريقي سان واپس اچي ٿو ۽ شمادم کان سواءِ باقي سمورن ساٿين کي يقين جي چمي ڏيئي ٿو)

نروندا: اسان کي پربور برف سان سفيد ۽ چيريندڙ سياري اچي وڪوڙيو هو. برف سان ڍڪيل جبل چپ چاپ ساهه روڪي بيٺا هئا. رڳو هيٺاهين ماترين ۾ ئي ڪوماٺل ساوڪ واريون لڪيريون نظر پئي آيون ۽ ڪٿي ڪٿي پگهريل چانديءَ جي اچي تار سمنڊ ۾ وڪڙ کائيندي نظر پئي آئي.

ستن ساٿين جي چهري تي واري واري سان اميد ۽ رشڪ جون لهرون پئي اٿيون. ميڪايون، ميڪاستر ۽ زمورا پراميد هئا جو مرشد پنهنجي واعدي موجب واپس اچڻو هو. بنون، همبال ۽ ابيمار کي سندس واپسيءَ بابت شڪ هو. پر اهي سڀئي هڪ دهشت انگيز اڪيلائي ۽ ويچارپ جو شڪار هئا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويا؟ ۽ اسان هڪ ڏارڻي ماڻهوءَ کي اهو سڀ برباد ڇو ڪرڻ ڏيون. جيڪو اسان هڪ ڊگهي عرصي دوران حاصل ڪيو آهي؟ جتي اعتماد حڪمران هو اتي غير اعتمادي ۽ جتي سڪون جي بادشاهت هئي، اتي ڇڪتاڻ يا تڪرار کي ڇو پير کوڙڻ ڏيون؟ منهنجا ساٿيو! وڻ تي وينل ڏهن پکين جي اميد ۾ هٿ آيل هڪ پکيءَ کي ڇڏي ڏيڻ سراسر ڇريائپ آهي. ميرداد توهان کان هي ٻيڙي ڇڏائڻ چاهي ٿو. جيڪو هڪ وڏي عرصي تائين توهان کي پناهه ڏيندي رهي آهي، توهان کي خدا جي ويجهو رکندو رهيو آهي، توهان کي اهو سڀ ڪجهه ڏيندو رهيو آهي. جنهن جي فاني انسان خواهش ڪري سگهن ٿا. جنهن دنيا جي افراتفريءَ جو پاڇو به توهان تي پوڻ نه ڏنو. ان جي بدلي هو توهان کي ڇا ڏيڻ جو واعدو ڪري ٿو؟ دلي اذيتون ۽ مايوسيون، ناداري ۽ ڪڏهن به ختم نه ٿيندڙ حڪتاڻ. هو توهان سان انهن ۽ انهن کان به بدترين شين جو واعدو ڪري ٿو.

هو خلا ۾ تحس نيں ٻيري جو واعدو ڪري ٿو. جيڪو هڪ چريئي ماڻهوءَ جو خواب آهي. هڪ ٻاراڻو تصور..... هڪ مني ۽ غير ممڪن ڳالهه .... ڇا هو ماءُ ٻيڙي جي باني بابا نوح کان به وڌيڪ عقلمند ٿي سگهي ٿو؟ ان جي بيهودگيءَ ڏانهن توهان جو ڌيان ڇڪائيندي به مون کي ڏاڍو ڏک ٿئي ٿو.

ٿي سگهي ٿو ته مان ميرداد جي خلاف پنهنجي دوست بتحار جي سلطان جي مدد وٺڻ ۾ هن ٻيڙي ۽ ان جي پاڪ روايتن جي خلاف گناهه ڪيو هجي. پر مان نه توهان جي ڀلائي پئي چاهي ۽ منهنجي خطا جي جائز هئڻ جي ثبوت ۾ اها هڪ ئي ڳالهه ڪافي آهي. ان کان اڳ جو موقعو هٿان نڪري وڃي ها، مان توهان کي ۽ توهان جي ٻيڙي کي بچائڻ پئي گهريو. خدا مون سان گڏ هو ۽ مون توهان کي بچائي ورتو.

ساٿيو! مون سان گڏ جشن ملهايو ۽ مالڪ جو شڪر بجا آڻيو ته اسان پنهنجي گنهگار اکين سان پنهنجي ٻيڙي جي تباهيءَ جو نظارو ڪرڻ جي زبردست خواريءَ کان بچي وياسين. گهٽ ۾ گهٽ مان نه اها ذلت برداشت ڪندي جيئرو نه بچان ها.

منهنجا پيارا ساٿيو! هاڻي مان پنهنجو پاڻ کي "نوح جي خدا" ۽ ان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بتحار جي ڪال ڪوئڙيءَ ڏانهن.

جڏهن ان جا هٿ ڍرا ٿيا ۽ ان جو مٿو ان جي رباب تي جهڪيو تہ زمورا جي اکين مان هڪ لڙڪ ڪري پيو. ان لڙڪ اسان جي سينن ۾ ٿميل غم جي نيڪال جو رستو کولي ڇڏيو ۽ اسان جي اکين جي پاڻيءَ جا ڦاٽڪ کولي ڇڏيا.

ميڪايون پنهنجي پيرن پر ٽپو ڏيئي اٿي بيٺو ۽ وڏي واڪي چيو "منهنجو ساهہ ٿو منجهي ۽ هو در کان ٻاهر کليل هوا ڏانهن وڃڻ لڳو. زمورا، ميڪاسترِ ۽ مان ان جي پنيان پنيان اڳڻ مان ٿيندا ٻاهرين احاطي جي در تائين پهچي وياسين. جنهن کان ٻاهر سائين ڪي قدم رکڻ جي اجازت نہ هئي. ميڪايون زوردار جهٽڪي سان ڳري ڪنڊي کولي. ڦاٽڪ کلي ويو ۽ هو ٻاهر ائين ڀڳو جيئن شينهن پڃري مان نڪري ڀڄندو هجي. باقي ٽنهي بہ ائين ئي ڪيو.

اس گرم ۽ چمڪدار هئي ۽ ان جا ڪرڻا چميل برف تي ائين چمڪي رهيا هئا جڻ اکين کي ڪيرو ڪري ڇڏيندا. جيستائين نظر جي پهچ هئي، اسان جي اڳيان بنا وڻن جي برف سان ڍڪيل ڪاٻڙ ڪوٻڙ ٽڪريون پکڙيل هيون ۽ سمورو پرپاسو روشنيءَ جي عجيب ۽ غريب رنگن سان چمڪي رهيو هو. هر طرف ايڏي مڪمل خاموشي هئي جو ڪنن کي خراب پئي لڳي ۽ اسان جي پيرن جي هيٺان ايندڙ برف جي ڪڪراهٽ ئي ان خاموشيءَ جي طلسم کي ٽوڙي رهي هئي. هوا جيتوڻيڪ اسان جي بدن کي چيري رهي هئي، پر اسان جي ڦڦڙن کي تراوت بہ ڏيندي پئي ويئي ۽ اسان ائين پئي محسوس ڪيو، جڻ اها هوا اسان کي اڳتي اڳتي اڏائيندي ڪنيو پئي وڃي.

ايستائين جو ميڪايون جو مزاج بہ بدلجي ويو ۽ هن بيهي وڏي آواز ۾ چيو: "کليل ساهہ کڻڻ جي لائق ٿيڻ بہ ڪيڏو سنو ٿو لڳي. آه رڳو کليل ساهہ کڻڻ بہ" حقيقت ۾ ائين پئي لڳو جڻ اسان ٻهريون پيرو آزاداڻي نموني ساهہ کڻڻ جو لطف ماڻي رهيا هئاسين ۽ اسان کي ساهہ کڻڻ جي معنيٰ سمجهہ پئي آئي.

اسان ٿورو ئي اڳتي وڌياسين تہ ميڪايون کي پري مٿانهين تي ڪا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاري شيءِ نظر آئي. ڪجهہ ساٿين جو خيال هو تہ ڪو اڪيلو بگهڙ هو. ڪجهہ ساٿين جو خيال هو تہ ڪا اهڙي ٽڪري آهي، جنهن جي برف ڪي هوا پگهاري اگهاڙو ڪري ڇڏيو آهي. پر اها شيءِ اسان ڏانهن حرڪت ڪندي نظر پئي آئي ۽ اسان پاڻ بہ ان طرف وڃڻ جو ارادو ڪيو. جيئن جيئن اها اسان جي ويجهو ايندي ويئي. اها وڌيڪ انساني شڪل ۾ ڇٽي ٿيندي ويئي. اوچتو ميڪايون اڳتي وڌو ٽپو ڏنو ۽ زور سان چيو تہ هي تہ اهو ئي آهي، هي تہ اهوئي آهي.

۽ هي هئو بہ اهوئي —— ان جو دلڪش انداز. ان جو مٺي ڪنيل متو. آهستي آهستي هلندڙ هوا ان جي ڪپڙن سان هلڪي اڪپوٽ ڪري رهي هئي ۽ ان جي ڏڪهن ڪارن وارن سان ڪيڏي رهي هئي. اس سندس هلڪي بادامي چهري کي وڌيڪ روشن ڪري ڇڏيو هو ۽ ان مان پراعتماد سنجيدگي ۽ ڪامياب محبت جون ڇوليون اٿي رهيون هيون. ان جي پيرن کي برف گهرو گلابي ڪري ڇڏيو هو.

سيني ڪان اڳ ان وٽ ميڪايون پهتو ۽ سڏ ڪا پريندو ۽ مشڪندو ان جي پيرن ۾ ڪري پيو ۽ ان سان گڏوگڏ ئي هو بيهوشيءَ جي عالم ۾ ڇٽي رهيو هو. "هاڻي منهنجو روح مون کي واپس ملي ويو آهي."

باقي ٿنهي بہ ائين ئي ڪيو. مرشد اسان کي هڪ هڪ ڪري اٿاريو. هر هڪ کي نهايت اڪير مان ڀاڪر پاتو ۽ چيو:

ميرداد: مان توهان کي يقين جي چمي ڏيان ٿو. اڄ کانپوءِ توهان اعتماد ۾ سمهندؤ ۽ يقين ۾ جاڳندؤ. گمان يا وهم توهان جي سيرانديءَ کان نہ تہ آڪيرو ٿاهيندو ۽ نہ بي يقيني توهان کي ٿاپو ڏيندي.

نروندا: چار ساٿي جيڪي پيڙي ۾ پنيان رهجي ويا هئا. جڏهن انهن مرشد کي در تي بيٺل ڏٺو تہ پهريون تہ اهي اهو سوچي ڊڄي ويا تہ هو ڪو خيالي بيڪر آهي. پر پوءِ هن جڏهن منجهانئن هڪ هڪ جو نالو وٺي سڏ ڪيو ۽ هنن ان جو آواز ٻڌو تہ سندس قدمن ۾ ڪري پيا. سواءِ شمادم جي جيڪو پنهنجي جاءِ تي جميو بيٺو رهيو. مرشد انهن ڇٽني سان بہ پهرين ساٿين وانگر سلوڪ ڪيو ۽ پهريون وارا لفظ ئي چيا.

شمادم ڪڪو وڪو ٿي ويو ۽ مٿي کان پيرن تائين ڪنبي رهيو هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمنڊ بہ ٿوري دير لاءِ ٽڪرين تي اھڙيءَ ريت چپ چاپ ۽ مسحور ليٽي خوش آھي، پر ٿوري عرصي لاءِ ڇو تہ چيٽ جي منڊ بہ ايندي ۽ سمنڊ سياري ۾ بنا چرپر جي پيل نانگ وانگر پنھنجي ڪل لاھيندو ۽ عارضي طور تي گروي رکيل پنھنجي آزادي واپس گھرندو. پوءِ ھي ھڪ ڪناري کان ھٽي ٻئي ڪناري تائين ڊوڙندو ۽ پوءِ ھي ھوا تي سواري ڪندو، آسمان ۾ گھمندو ۽ جتي بہ سندس دل چاھيندي پنھنجو ڇٽڪار ڪندو.

پر، شمادم، ڪجھہ ماڻھو تہ وانگر بہ ھوندا جن جي زندگي لڳاتار سياري ۽ اٽڪٽ بي حسيءَ جي عالم ۾ ھوندي آھي. ھي اھي ماڻھو آھن، جن کي اڃا تائين چيٽ جي منڊ جي نيڪ گھڙيءَ جو احساس نہ ٿيو آھي. ڏسو! ميرداد ان چيٽ جو سنيھو آھي، ميرداد زندگيءَ جو پيغام آھي، موت جو پيغام نہ. تون اڃان ڪيتري دير بنا چرپر جي پيو ھوندين؟

يقين ڪر شمادم! زندگي جيڪا ماڻھو گھارين ٿا ۽ جيڪو اھي مرن ٿا، سياري ۾ بنا چرپر جي پيو ھجڻ جي برابر آھي ۽ مان ماڻھن کي ڏونڌاڙي ڪين ننڊ مان جاڳائڻ ۽ انھن کي انھن غارن ۽ ٻرن مان نڪري ابدي زندگيءَ جي آزاديءَ ۾ قدم رکڻ جو پيغام ڏيڻ آيو آھيان. منھنجي مفاد لاءِ نہ پنھنجي بھتريءَ لاءِ منھنجو يقين ڪر.

نروندا: شمادم چپ چاپ بيٺو رھيو ۽ ان پنھنجو وات نہ کوليو.

بنون منھنجي ڪن ۾ چيو تہ مرشد کان پڇ تہ بتحار جي قيد کان ٻاھر نڪرڻ لاءِ ھن کھڙي ترڪيب ڪتب آندي. پر اھو سوال پڇڻ لاءِ منھنجي زبان منھنجو ساٿ نہ ڏنو. پر پوءِ بہ مرشد ڪنھن طريقي سان ترت پاڻ ئي منھنجو اھو سوال سمجھي ورتو.

ميرداد: بتحار جو قيد خانو ھاڻي بتحار جو قيد خانو ناھي رھيو، اھا ھڪ درگاھہ بڻجي ويو آھي. بتحار جو سلطان بہ ھاڻي ڪو بتحار جو سلطان ناھي رھيو، اڄ ھو توھان وانگر ئي ھڪ مشتاق مسافر آھي.

بنون ڪنھن اونڌھي تھہ خاني کي بہ تيز ترين روشنيءَ ۾ بدلائي سگھجي ٿو. ڪنھن مغرور سلطان کي بہ راغب ڪري سگھجي ٿو تہ جيئن ھو حقيقت جي تاج جي مقابلي ۾ پنھنجي مٽي جو تاج اڇلائي ڇڏي. ايستائين جو ڇٽڪندڙ سنگھرن مان بہ آسماني نغمو پيدا ڪري سگھجي ٿو. اعليٰ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عارف لاءِ جيڪو پاڻ بہ هڪ معجزو آهي. ڪابہ شيءِ معجزو نہ آهي.

نروندا: "بتحار جي سلطان سلطنت ڇڏي ڏني آهي." مرشد جا اهي چيل لفظ شمادم تي وچ وانگر ڪريا ۽ اوچتو ان ڪي اهڙو عجيب ۽ زبردست دورو پيو جو اسان تي هيبت طاري ٿي ويئي ۽ اسان ڪي ان جي موت جو ڊپ ٿيڻ لڳو. دوري ڪان پوءِ مٿس بيهوشي طاري ٿي ويئي ۽ اسان هڪ ڏکي جدوجهد ڪان پوءِ ان کي هوش ۾ آندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب ٽيهون

# ميڪايون جو خواب

## (مرشد ميڪايون جو خواب ظاهر ڪري ٿو)

نروندا: مرشد جي بتحار ڪان موٽڻ ڪان ڪجهہ عرصو اڳ ۽ گهڻو عرصو پوء تائين ميڪايون جي ورتاء مان ائين پئي نظر آيو ڄڻ هو ڪنهن پريشانيء ۾ گهيريل هجي. گهڻي گهڻي دير هو اڪيلو اڪيلو رهندو هو. تمام گهٽ ڳالهائيندو هو. گهٽ کائيندو هو ۽ پنهنجي ڪوٺڙي مان ڪڏهن ڪڏهن ئي ٻاهر نڪرندو هو. ايستائين جو هو پنهنجي دل جو راز مون تي بہ ظاهر نہ ڪندو هو. جيتوڻيڪ مرشد ڪي سائنس ڏاڍي محبت هئي ۽ اسان سڀ حيران هئاسين تہ مرشد سندس اذيت ڪي گهٽائڻ لاء ڇونہ ٿو ڪجهہ چوي يا ڪري.

جڏهن هڪ ڀيرو ميڪايون ۽ ٻيا سڀ ماٿهو باهہ جي مچ جي چوڌاري ويٺا هئاسون باهہ جو مزو وٺي رهيا هئاسين تہ مرشد عظيم افسردگيء بابت فرمائڻ شروع ڪيو.

ميرداد: هڪ ڀيري هڪ شخص خواب لڌو ۽ اهو هن ريت هو. هن ڏٺو تہ هو هڪ وڏي ۽ خاموشيء سان وهندڙ درياء جي سائي ڪپ تي بيٺو آهي. ڪناري تي هر عمر ۽ هر زبان ڳالهائيندڙ مردن عورتن ۽ ٻارن جو هڪ وڏو هجوم آهي. انهن وٽ ڏار ڏار دائرن ۽ رنگن جا ڦيٿا (چڪر) آهن. جن کي اهي ڪناري جي مٿانهين ڪان هيٺاهين ڏانهن وهائي رهيا آهن. انهن مان ڪن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي جشن جي موقعي تي پائجندڙ رنگبرنگي ڪپڙا پاتل هئا ۽ موج مستي ۽ ماني ڪائڻ واسطي گهرن کان نڪتا هئا. هوا سندن گوڙ ۽ هنگامي سان ڀريل هئي. اهي ماڻهو بي چين سمنڊ وانگر هيٺ مٿي، اڀِتي پوئتي ٿي رهيا هئا.

رڳو هڪ شخص جشن جي شان موجب ڪپڙا نه پاتا هئا ڇوته ان کي جشن جو ڪوبه اطلاع نه هو ۽ رڳو ان وٽ ئي هلائڻ لاءِ ڦيٿو نه هو. هو پنهنجي ڪٺن تي ڪيترو به زور ڏيئي رهيو هو، پرَ ڪيس هجوم جو هڪ لفظ به ٻڌڻ ۾ نه پئي آيو. جيڪو ان جي پنهنجي زبان جو هجي. هو غور سان ڏسي رهيو هو. پر ڪيس هڪ به اهڙو چهرو نظر نه آيو. جيڪو سندس ڇاتل سڃاتل هجي ـــــ ان کان سواءِ هجوم ان ڏانهن اهڙين معنيٰ خيز نظرن سان ڏسي رهيو هو، ڄڻ اهو چئي رهيو هجي ته هي ڪلٺهار شخص ڪير آهي؟ پوءِ ان کي خيال آيو ته جشن سان سندس ڪوبه واسطو نه آهي ۽ هو بلڪل ڌاريو آهي. سندس دل ۾ سور ٿيڻ لڳو.

ان ئي لمحي کيس ڪناري جي مٿين حصي مان گوڙ ٻڌڻ ۾ آيو. هن ڏٺو ته هجوم گوڏن ڀر جهڪي ويو آهي. ماڻهن پنهنجون اکيون پنهنجي هٿن سان ڍڪي ڇڏيون آهن ۽ پنهنجا مٿا زمين طرف جهڪائي ڇڏيا آهن. ائين ڪندي اهي قطارن ۾ ورهائجي ويا ۽ انهن قطارن جي وچ ۾ ڪناري جي پوري ڊيگهه تائين سڌو ۽ سوڙهو رستو ٺهجي ويو آهي. اهو نه سمجهندي ته هو ڇا ڪري ۽ ڪهڙي پاسي منهن ڪري هو اڪيلو ئي رستي جي وچ تي بيهي رهيو. جڏهن هن اوڏانهن ڏٺو جتان شور پئي آيو ته کيس هڪ قداور سانُ نظر آيو، جنهن جي وات مان باهه جا الا نڪري رهيا هئا. سندس ناسن مان دونهون نڪري رهيو هو ۽ هو بجليءَ جي رفتار سان پاسي واري رستي سان ٻجندو پئي آيو. هن گهبرائي غضبناڪ جانور ڏانهن ڏٺو ۽ هن پئي پاسي ڀڄڻ چاهيو پر کيس ڪوبه رستو نظر نه آيو. کيس ايئن لڳو ته هو زمين سان جڪڙجي ويو آهي ۽ کيس پنهنجو موت يقيني نظر اچڻ لڳو.

سانُ جڏهن نيڪ ان جاءِ تي پهتو جتان ان شخص کي سانڍيندڙ باهه ۽ دونهين جو احساس ٿي رهيو ته ڪنهن غيبي طاقت ان کي ڪٺي هوا ۾ اڇلائي ڇڏيو. سانُ ان جي هيٺان بيٺو هو ۽ ان ڏانهن وڏيڪ باهه ۽ دونهون اوڳاڇي رهيو هو. پر اهو شخص مٿي ئي مٿي چڙهندو ويو. جيتوڻيڪ باهه ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دونهون ڪيس اڃا ٻہ لهسي رهيا هئا، پر ان کي پڪو يقين ٿي ويو هو تہ سانُ هاٿي سندس ڪجهہ بہ بگاڙي نہ سگهندو ۽ هن اهو درياءُ ٽپڻ شروع ڪيو.

هيٺ سائي ڪپ تي هن ڏٺو تہ هجوم اڳ وانگر گوڏن ڀر جهڪيل آهي ۽ سانُ هاٿي مٿن ٻاهہ ۽ دونهين جي بجاءِ تير وسائي رهيو آهي. ان کي پنهنجي هيٺان گذرندڙ تيرن جي سرسراهٽ ٻڌڻ ۾ پئي آئي. انهن مان ڪجهہ تيرن سندس ڪپڙن ۾ سوراخ ڪري ڇڏيا. پر ڪوبہ سندس جسم کي ڇهي نہ سگهيو. آخرڪار سانُ، هجوم ۽ درياءُ سندس نظرن کان اوجهل ٿي ويا ۽ هو اڳيان اڏامندو ويو.

هو هڪ اهڙي سنسان ۽ اس جي ڪري سڙندڙ زمين مٿان گذريو، جنهن تي زندگيءَ جو نانءُ نشان بہ ڪونہ هو. آخرڪار هو هڪ اوچي ناهموار جبل تي لٿو جيڪو ڪنهن گاهہ ٻوٽي کان ئي نہ پر ڪنهن ڪرڙي ۽ ڪِوِل کان بہ خالي هو ۽ ان محسوس ڪيو تہ سواءِ جبل تي چڙهڻ جي ان وٽ ڪوبہ چارو نہ هو.

هو ڳهڻي دير تائين مٿي چڙهڻ لاءِ ڪنهن محفوظ رستي جي ڳولا ڪندو رهيو. سمورين ڪوشش جي باوجود هن کي هڪ اهڙو پيچرو نظر آيو، جنهن تي رڳو ٻڪريون ۽ رڍون ئي هلي پئي سگهيون. هن اهو ئي رستو اختيار ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. هو اڃان ڪجهہ سئو فوٽ ئي مٿي چڙهيو هوندو تہ ڪيس پنهنجي ويجهو ئي ڪشادو ۽ هموار رستو نظر آيو. جيئن تي هو بيٺو ۽ پنهنجو پيچرو ڇڏڻ وارو ئي هو تہ اها انسانن جي هڪ ندي بڻجي ويئي، جنهن جو اڌ حصو نهايت ڏکيائيءَ سان مٿي چڙهي رهيو هو ۽ ٻيو حصو نهايت تيزيءَ سان جبل کان هيٺ لهي رهيو هو. ڳهڻيون عورتون ۽ مرد مٿي چڙهڻ لاءِ جدوجهد ڪري رهيا هئا ۽ ڳهڻا مٿي پر هيٺ سرڪي رهيا هئا. جڏهن اهي هيٺ ڏانهن لڙڪيا پئي تہ اهڙيون رڙيون ڪري رهيا هئا جو دل ڏڪي پئي وئي.

ان شخص ڪجهہ دير اهو عجيب ۽ غريب نظارو ڏٺو ۽ سوچيو تہ جبل تي مٿي ڪٿي وڏو چرين جو گهر آهي ۽ جيڪي ماڻهو هيٺ لڙهڪندا ٿا وڃن اهي اتان ڀڄي آيل ماڻهو آهن ء هو ان ور وڪڙ پيچري تي ئي هلندو رهيو. ٿرندو ٿاٻڙندو هو مٿي وڃي رهيو هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ خاص مٿانهينءَ تي پهچي انساني ندي خشڪ ٿي ويئي ۽ ان جو ترو بلڪل ئي غائب ٿي ويو. اهو شخص ان اداس ٽڪريءَ تي هڪ پيرو پيهر بلڪل اڪيلو رهجي ويو. اتي نہ رستي ڏانهن اشارو ڪندڙ ڪو هٿ هو ۽ نہ ئي ان جي هيٺاهين ۾ ڪرندڙ حوصلي کي بلند ڪندڙ ۽ تيزيءَ سان ختم ٿيندڙ طاقت کي سهارو ڏيندڙ ڪو آواز هو. سواءِ هڪ مبهم يقين جي تہ ان جو رستو چوٽيءَ ڏانهن مٿي آهي.

پير گهليندو، پنهنجي رت سان پيرن جا نشان ٺاهيندو هو اڳتي اڳتي وڌندو رهيو. هو نهايت سخت محنت ڪانپوءِ اهڙي هنڌ پهچي ويو جتي مٿي نرم ۽ پٿرن کان سواءِ هئي. هن کي جڏهن ڪٿي ڪٿي نرم گاهہ جا بوٽا نظر آيا تہ ان جي خوشيءَ جي ڪا انتها نہ رهي. اهو گاهہ ايترو نرم هو. زمين اهڙي مخملي هئي ۽ هوا اهڙي معطر ۽ لوليون ڏيئي سمهارڻ واري جو ان کي محسوس ٿيڻ لڳو جو ان جي طاقت آخري ڦڙي تائين نپوڙي ويئي آهي. هن هٿ پير ڍرا ڪري ڇڏيا ۽ هو سمهي پيو. ڪيس هڪ هٿ جي ڇهاءَ ۽ آواز جاڳايو. جيڪو چئي رهيو هو اٿ چوٽي نظر جي اڳيان اٿئي ۽ ڇيٽ جي منڊ تنهنجي نظر جي منتظر آهي.

اهو هٿ ۽ آواز نهايت خوبصورت نوجوان ڇوڪريءَ جا هئا. جنت جي هڪ حور جا — جيڪا انتهائي اڇي لباس ۾ هئي. هن آهستي آهستي ان شخص جو هٿ پڪڙيو ۽ هو ترو تازه ۽ طاقت سان ڀرپور اٿيو ۽ ان ماٿهوءَ کي سچ پچ اها چوٽي نظر ائي ۽ هن بهار جي خوشبوءِ سنگهي پر جيئن ئي هن ڀرين وڪ کنئي تہ هو خواب مان جاڳي پيو.

جيڪڏهن ميڪايون اهڙي خواب مان اٿي ۽ ڏسي تہ هو معمولي بستري تي ستو پيو آهي، جيڪو چئن سادين پٽين جي وچ ۾ آهي. پر جي ان جي نظرن جي پنيان ان خوبصورت نوجوان عورت جو جلوو هجي ۽ ان چوٽيءَ جو معطر چمڪو ان جي دل ۾ تازو هجي تہ هو ڇا ڪندو.

ميڪايون (جڻ ڪيس ڏنگ لڳو هجي) پر اهو خواب ڏسڻ وارو تہ مان ئي آهيان ۽ اهو منهنجو ئي خواب آهي. ان نوجوان خوبصورت عورت جو جلوو بہ مون کي نظر آيو ۽ اهو اڄان تائين منهنجي پنيان لڳل آهي ۽ مون کي چين سان ويهڻ نہ ٿو ڏئي. هن مون کي پنهنجو پاڻ کان ويڳاڻو ڪري ڇڏيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي، انگري هاٿي ميڪايون، ميڪايون کي نئو سڃاڻي.

جڏهن تو کي بتحار نيو ويو هو. ان کان ترت پوءِ ئي مون اهو خواب ڏٺو هو. تو ان کي ايتري پيرائتي نموني بيان ڪيئن ڪري ڇڏيو؟ تون کهڙو انسان آهين، جنهن لاءِ ٻين جا خواب بہ کليل ڪتاب وانگر آهن؟

آهہ! ان جوتيءَ جي آزادي! آهہ! ان دوشيزه جو حسن ۽ جمال! ان جي مقابلي ۾ سڀ ڪجهہ ڪيڏو نہ هيچ آهي. ان جي خاطر منهنجو روح ڇڻ مون کي ڇڏي ويو هو ۽ رڳو ان ڏينهن منهنجو روح مون وٽ واپس آيو. جڏهن مون توکي بتحار کان واپس ايندي ڏٺو ۽ تڏهن ئي مون کي راحت ۽ طاقت جو احساس ٿيو اهو احساس وري وڃائجي ويو ۽ هڪ ڀيرو ڀيهر اڻ ڏٺل تارون مون کي پنهنجو پاڻ کان پري ڇڪينديون ٿيون وڃن. منهنجا عظيم همسفر مون کي بچائي وٺ. مان ان جي هڪ جهلڪ ڏسڻ لاءِ بيقرار آهيان.

ميرداد: توکي خبر ناهي ميڪايون تہ تون ڇا نو گهرين. ڇا تون پاڻ کي جوتڪارو ڏيارڻ واري کان جوتڪارو گهرين ٿو؟

ميڪايون: مان هن دنيا ۾ جيڪو پنهنجي گهر ۾ ايتري آرام سان آهي، بي گهر ٿيڻ جي ناقابل برداشت درد کان بچڻ چاهيان ٿو. مان چاهيان ٿو تہ ان خوبصورت نوجوان عورت وٽ ان جوتي تي هليو وڃان.

ميرداد: تہ پوءِ خوش ٿيءُ تہ تنهنجي دل ۾ عظيم افسردگي Great Nostalgia بيدار ٿي چڪي آهي. جوتہ اهو منهنجو ناقابل ترديد واعدو آهي تہ توهان کي پنهنجو ملڪ ۽ پنهنجو گهر ملندو ۽ تون ان نازنين وٽ ان جوتيءَ تي پهچندين.

ابيمار: ربَ جي واسطي، اسان کي ان افسردگيءَ بابت تفصيل سان ٻڌاءِ. ان کي اسان کهڙين نشانين سان سڃاڻون؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب ايڪتيهون

# عظيم افسردگي
## Great Nostalgia

ميرداد: عظيم افسردگي ڪوهيڙي وانگر آهي، اهو ڪوهيڙو دل مان اٿي، دل کي چئني پاسي وڪوڙي وٺي ٿو، جيئن سمنڊ ۽ زمين تان اٿندڙ ڪوهيڙو سمنڊ ۽ زمين ٻنهي کي لڪائي ڇڏي ٿو ۽ ڪوهيڙو جيئن اک کي نظر ايندڙ اصليت کان محروم ڪري ڇڏي ٿو ۽ پنهنجو پاڻ کي ئي اڪيلي اصليت بنائي ڇڏي ٿو. ساڳيءَ ريت اها افسردگي دل جي احساسن کي دٻائي ڇڏي ٿي ۽ پنهنجو پاڻ کي نمايان احساس بنائي ڇڏي ٿي ۽ جيتوڻيڪ اها ڏسڻ ۾ بي صورت، بي مقصد ۽ ڪوهيڙي وانگر انڌي آهي. تنهن هوندي به ڪوهيڙي وانگر ان جون ڪيتريون نظر ايندڙ شڪليون آهن. جنهن جي نظر صاف ۽ جنهن جو مقصد بلڪل چٽو آهي.

عظيم افسردگي بخار وانگر به آهي، جهڙيءَ طرح جسم ۾ ٻرندڙ بخار، جسم جي زهرن کي ساڙيندو، انهن جي قوت کي به خشڪ ڪري ڇڏي ٿو. ساڳيءَ ريت اها افسردگي دل ۾ چڪتاڻ مان پيدا ٿي ان جي ڪثافت ۽ هر واڌو شيءِ کي ختم ڪرڻ سان گڏوگڏ دل کي به ڪمزور ڪري ڇڏي ٿي.

اها عظيم افسردگي ڪنهن چور وانگر آهي، جيئن لڪي داخل ٿيل چور جيتوڻيڪ پنهنجي شڪار جو بار هلڪو ڪري ٿو. پر ان کي دکي ڪري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محسوس ڪري سگهي ٿو. جنهن ڪي زبان ۽ نڪ چکي ۽ سنگهي سگهن ٿا. انهن مان ڪجهه ان جبل جي پيڊين ڪان متي نہ ٿا چڙهي سگهن. ڪجهه گوڏن تائين پهچن ٿا. ڪجهه سٿرن تائين ۽ تمام گهٽ چيلهه تائين، پر اهي سمورا پنهنجي رهبر سميت جبل ڪان هيٺ ترڪي وڃن ٿا ۽ انهن ڪي خوبصورت چوٽيءَ جي جهلڪ بہ نظر نہ ٿي اچي.

ڇا اک اهو سڀ ڪجهه ڏسي سگهي ٿي، جيڪو ڏسڻ جي لائق آهي ۽ ڪن اهو سڀ ڪجهه ٻڌي سگهي ٿو. جيڪو ٻڌڻ جي قابل آهي؟ ڇا هٿ اهو سڀ ڪجهه محسوس ڪري سگهي ٿو. جيڪو ڇهاءُ جي لائق آهي ۽ نڪ اهو سڀ ڪجهه سنگهي سگهي ٿو. جيڪو سنگهڻ جوڳو آهي؟ ڇا زبان اهو سڀ ڪجهه چکي سگهي ٿي. جيڪو چکڻ جي قابل آهي؟ جڏهن خدائي تصور وسيلي پيدا ٿيل "يقين" انهن جي مدد لاءِ پهچندو پنج ئي حواس رڳو ان ئي وقت ٺيڪ طور تي محسوس ڪري سگهندا ۽ اهڙي ريت چوٽيءَ تائين پهچڻ لاءِ ڏاڪڻيون بنجندا.

يقين ڪان بي خبر پنج ئي حواس نهايت ئي ناقابل اعتبار رهبر ٿين ٿا. جيتوڻيڪ انهن جو رستو ويڪرو ۽ سنئون سڌو معلوم ٿيندو آهي. پر ان ۾ ڳجها چار ڪڏا ٿين ٿا ۽ جيڪي ماڻهو چوٽڪاري جي چوٽيءَ تي چڙهڻ لاءِ اهو رستو اختيار ڪن ٿا اهي يا تہ رستي ۾ ئي سهڪي ڪري پون ٿا يا وري ترڪي واپس ان ئي جاءِ تي اچي ڪرن ٿا. جنان اهي هليا هئا ۽ اهي اتي پنهنجين بي شمار ٻيگل هڏين کي ڳنڍين ٿا ۽ اڻ ڳڻين ڪليل زخمن کي ٽاڪا هڻن ٿا.

حقير افسردگيءَ وارا اهي ماڻهو آهن. جن پنهنجن پنهنجن حواسن سان هڪ دنيا جي اڏاوت ڪئي هوندي آهي. جيڪا انهن کي تمام جلد سوڙهي ۽ ساهہ منجهائيندڙ محسوس ٿيڻ لڳندي آهي ۽ ان لاءِ اهي وڏي ۽ هوادار گهر لاءِ بي قرار ٿيڻ لڳندا آهن. پر اهي نئون سامان ۽ نئون رازو ڪاريگر ڳولڻ بجاءِ پراڻي سامان کي سهيڙي گڏ ڪري ونندا آهن ۽ اڳين رازي کي پنجن حواسن سان گهرائي فرمائيندا آهن تہ اسان لاءِ ٻيو ڪليل ۽ هوادار گهر ناهہ. نئين گهر جي مڪمل ٿيڻ سان ئي اهو بہ انهن کي اڳين گهر وانگر سوڙهو ۽ ساهہ ٻوساٽيندڙ محسوس ٿيڻ لڳندو آهي ۽ اهڙيءَ ريت اهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خوش ٿي ميڪايون، جو تنهنجو خواب ڪنهن پيغمبر جو خواب آهي. عظيم افسردگيءَ تنهنجي دنيا کي تمام ننڍو ڪري ڇڏيو آهي ۽ تون هن دنيا ۾ اجنبي ٿي رهجي ويو آهين. ان اداسيءَ تنهنجي تصور کي حواس جي زوريءَ واري گرفت کان ڇڏائي ورتو آهي ۽ تصور تنهنجي لاءِ يقين جو نذرانو کڻي آيو آهي.

"يقين" توکي بدبودار ۽ ساهه منجهائيندڙ دنيا کان مٿي کڻي ويندو ۽ توکي ويران خلائن مان اڻ سڌي جبل تي پهچائي ڇڏيندو. لازمي طور هر يقين کي پرکيو ويندو آهي ۽ ان مان شڪ جو آخري ڪينئون به ڪڍيو ويندو آهي.

اهڙيءَ ريت پاڪ ٿيل ۽ فتحياب يقين ابدي سرسبز چوٽيءَ جي حدن تائين پهچڻ ۾ تنهنجي رهنمائي ڪندو ۽ عرفان جي هٿن حوالي ڪندو ۽ عرفان تنهنجي قدمن کي چوٽيءَ جي "لابيان" ڪليل فضا جو رستو ڏيکاريندو، جيڪو خدا ۽ پاڻ تي فتحياب انسان جو حقيقي، لامحدود ۽ هر لحاظ کان مڪمل گهر آهي.

ميڪايون تون امتحان ۾ پورو لهجانءِ. توهان سڀ پورا لهجو ان چوٽيءَ تي هڪ گهڙي بيهڻ لاءِ هر طرح جو درد برداشت ڪرڻ واجب آهي. پر ان چوٽيءَ تي سدائين لاءِ رهڻ ابديت جي قيمت ادا ڪرڻ آهي.

همبال: ڇا تون اسان کي هڪ جهلڪ لاءِ پلي ان جي مدت ڪيتري به گهٽ هجي، پنهنجي چوٽيءَ تي کڻي نه هلندين؟

ميرداد: اتاولو نه ٿي همبال ۽ پنهنجي وقت جو انتظار ڪر. جتي مان آرام سان ساهه کڻان ٿو اتي توهان کي دم ڪشي ٿيندي، جتي مان تيز هلان ٿو اتي تون سهڪين ۽ ٿابو کائين ٿو. تون پنهنجي يقين ۾ ثابت قدم رهه ۽ يقين هڪ ڏو ڪم ڪري ڏيکاريندو.

اها تعليم مون نوح کي ڏني هئي اها ئي تعليم مان توهان کي ڏيان ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب ٻٽيهون

# گناهہ ۽ حجاب

## (گناهہ ۽ انجير جي پن جو حجاب ختم ڪرڻ بابت)

ميرداد: توهان کيْ گناهہ بابت ٻڌايو آهي ۽ هاڻي توهان سمجهڻ چاهيندؤ تہ انسان گنهگار ڪيئن ٿيو؟

جيئن توهان چئو ٿا ـــــ ۽ اهو بي بنياد بہ ناهي ـــــ تہ جيڪڏهن انسان خدا جو اولڙو ۽ هم شڪل هوندي بہ گنهگار آهي تہ يقيناً گناهہ جو سرچشمو خود خدائي هوندو. ان ۾ سادن ماڻهن لاءِ هڪ چار وچايل آهي. منهنجا ساٿيو مان توهان کي ان چار ۾ ڦاسڻ نہ ڏيندس. ان ڪري مان ان چار کي توهان جي رستي تان هٽائي ڇڏڻ ٿو چاهيان تہ جيئن توهان ان کي ٻين جي رستي کان هٽائي سگهو.

خدا ڪوبہ گناهہ نہ ٿو ڪري، جيستائين سچ جو ڏيئي کي پنهنجي روشني عطا ڪرڻ گناهہ نہ هجي. نہ ئي انسان گناهہ ڪري ٿو جيستائين ڏيئي جو سڙڻ پنهنجي هستيءَ کي ميساري ڇڏڻ ۽ سچ ۾ گم ٿي وڃڻ گناهہ نہ آهي.

ها ڏيئو تڏهن گناهہ ڪري ٿو، جڏهن اهو پنهنجي روشني پکيڙڻ کان ڪيبائي ٿو ۽ جڏهن ان جي ٻتي کي ماچيس جي تيلي ڏيکاري وڃي ٿي تہ اهو تيلي ۽ تيلي هٿندڙ هٿ، ٻنهي جي مذمت ڪري ٿو. ڏيئو ان وقت گناهہ ڪري ٿو، جڏهن اهو سچ جي روبرو ٻرڻ ۾ شرم محسوس ڪندو هجي ۽ ان لاءِ پنهنجو پاڻ کي سچ کان لڪائڻ چاهي ٿو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انسان خدائي قانون جي ڀڃڪڙي ڪري ڪوبہ گناهہ نہ ڪيو هو، بلڪ گناهہ تہ ڪيو هو خدائي قانون تي پنهنجي لاعلميءَ جو پردو وجهي.

هائو گناهہ انجير جي پن سان پنهنجي اگهاڙپ ڍڪڻ ۾ آهي. ڇا توهان انسان جي زوال جو داستان نہ پڙهيو آهي، جيڪا لفظن ۾ نهايت مختصر ۽ سادي آهي، پر معنيٰ جي لحاظ کان نهايت بلند ۽ لطيف ترين آهي.

ڇا توهان اهو نہ پڙهيو تہ جڏهن اهو نئون نئون خدا جي سيني مان نمودار ٿيو هو، ڪيئن نندڙو خدا وانگر هو ـــ هڪ جاءِ تي بيٺل، غير مؤثر ۽ ناقابل توليد. جوتہ جينوٽيڪ ان ۾ ربانيت جا سمورا جوهر موجود هئا. تنهن هوندي بہ سمورن معصوم ٻارن وانگر ان جي استعمال جي ڳالهہ تہ بري، هو پنهنجي لامحدود قوتن ۽ طاقتن جي باري ۾ ڄاڻڻ کان بہ نااهل هو.

انسان عدن جي باغ ۾ هڪ خوبصورت شيشيءَ ۾ بند ڪنهن ٻج وانگر هو. شيشيءَ ۾ بيل ٻج جيستائين ان کي ان جي فطرت جي سازگار مٽيءَ ۾ پوريو نہ وڃي ۽ ان جو ٻاهريون ڇلر ٽٽي نہ وڃي، تيستائين ٻج ٿي رهندو ۽ ان جي ڪل ۾ بند تيل عجوبا ڪڏهن بہ حرڪت ۾ اچي زندگيءَ سان همڪنار ۽ روشن نہ ٿيندا.

پر اتي انسان جي فطرت موجب، ڪابہ مٽي ڪانہ هئي، جنهن ۾ هو پنهنجو پاڻ کي پوکي وڌو ٿي سگهي ها.

ان جي چهري کي پاڻ سان مشابهت رکندڙ ڪنهن ٻئي چهري ۾ اولڙو نہ ٿي مليو. ان جي انساني ڪن ۾ ڪو ٻيو انساني آواز نہ پئي پيو. ان جو انساني آواز ڪنهن ٻيءَ انساني نڙيءَ مان پڙاڏو بنجي موٽيو نہ پئي. ان جي اڪيلي دل سان هم آواز ٿيڻ لاءِ ڪابہ ٻي دل ڪانہ هئي.

اهڙي جهان ۾ جيڪو نهايت موزون جوڙن جي صورت ۾ مسافريءَ تي روانو ڪيو ويو هو. ان ۾ انسان اڪيلو هو ـــ بلڪل اڪيلو ـــ هو پنهنجو پاڻ لاءِ بہ ڌاريو هو. ڪيس پنهنجي ڪرڻ لاءِ ڪوبہ ڪم نہ هو. نہ ونس طئہ ٿيل ڪو رستو هو. سندس لاءِ عدن جو باغ ايئن هو جيئن ٻار لاءِ آرام ڏيندڙ پينگهو هوندو آهي ـــ پر سڪون، سرور جي حالت، خوش اسلوبيءَ سان قائم ڪيل هنراڏو گرميءَ سان پڪين جي ٻچن ڪڍڻ جي مشين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نيڪي ۽ بديءَ جي علم جو وڻ ۽ حياتيءَ جو وڻ ٻئي سندس پهچ ۾ هئا. تنهن هوندي بہ هو انهن جو ميوو لاهڻ ۽ چکڻ لاءِ هٿ نہ وڌائيندو هو. ڇوتہ ان جو ذائقو، ان جي رضا، ان جا تصور ۽ ان جون خواهشون، ايستائين جو ان جي زندگي بہ، سڀ جي سڀ ان جي پنهنجي اندر ۾ تهہ در تهہ بند پيا هئا ۽ ان انتظار ۾ هئا تہ ڪو انهن کي آهستي آهستي کولي. هو پنهنجو پاڻ انهن کي کولي نہ پيئي سگهيو. ان ڪري ان کي مجبور ڪيو ويو هو تہ هو پنهنجي لاءِ پنهنجي ئي اندر مان پنهنجو همدرد خود پيدا ڪري ــــ اهو هٿ پيدا ڪري جيڪو ان جا اڻ ڳڻيا پردا لاهڻ ۾ ان جي مدد ڪري. ان کي جيڪو امداد سان مالامال هو، ڇوتہ هو غيبي طاقت سان ڀرپور هو. سواءِ پنهنجي، ان کي امداد ملي بہ ها تہ ڪٿان ڪان؟ ۽ اهو گهڻو اهم آهي.

بي بي حوا ڪنهن نئين مٽيءَ ۽ ساهن مان نہ ٺهي هئي. پر حضرت آدم عليہ السلام جي پنهنجي مٽيءَ ۽ ساهن جو پيڪر هئي ــــ ان جي پنهنجي هڏي مان هڏي، ان جي پنهنجي گوشت مان گوشت. ڪو ٻيو جاندار منظر تي نمودار نہ ٿيو هو بلڪ اهو اڪيلو آدم جوڙي ۾ تبديل ٿي ويو ــ "مرد-آدم ۽ عورت-آدم."

اهڙيءَ ريت هڪ اڪيلي، ٻي آئين ڇهري هڪ رفيق ۽ آئينو حاصل ڪري ورتو. اهو ٽالو جيڪو ڪنهن انساني آواز ۾ نہ ٻئي گونجيو. عدن جي گهٽين ۾ هيٺ مٿي هڪ سنو سُر ٻنجي سڏ-پڙاڏو ٿيڻ لڳو ۽ اها دل جنهن جون افسرده ڌڙڪنون هڪ ويران سيني ۾ دفن هيون، هم نفس سيني ۾ هڪ همدم دل ۾ پنهنجي نبض محسوس ڪرڻ ۽ پنهنجي ڌڙڪنون ٻڌڻ لڳو.

اهڙي طرح هڪ اڻ ٻرندڙ لوهہ جو چقمق سان مڪاميل ٿيو. جيڪو پاڻ سان گڏ گهٽا ٽاندا کڻي آيو. اهڙيءَ ريت اڻ ٻريل شمع ٻنهي پاسن کان روشن ڪئي وئي.

شمع هڪ هئي، ٻتي هڪ هئي، روشني هڪ هئي، ٻلي ڏسڻ ۾ اهاڏار ڏار جاين تان پيدا ٿي رهي هئي. اهڙيءَ ريت شيشيءَ ۾ ٻيل ٻج کي زمين ملي ويئي، جنهن ۾ اهو ڦٽي ٿي سگهيو ۽ پنهنجا راز ظاهر ڪري ٿي سگهيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ابدي سرور جي مستيءَ ۾ بدلائي ڇڏيندو.

جيڪڏهن پوءِ عرفان جي بي پردگيءَ ۾ توهان جو پنهنجو پاڻ سان مکا ميلو ٿي وڃي ۽ جيڪڏهن خدا توهان کي سڏي پڇي تہ توهان ڪٿي آهيو؟ تہ توهان شرم محسوس نہ ڪندؤ. نہ ئي ڊڄندؤ. نہ ئي توهان ان کان پري وڃي لڪندؤ. پر توهان ثابت قدم، آزاد ۽ خدائي سڪون سان ڀرپور بيٺا هوندؤ ۽ خدا کي موٽ ۾ جواب ڏيندؤ.

اسان کي ڏس، اي خدا وند! اسان جي روح، اسان جي هستي اسان جي اڪيلي خوديءَ کي ڏس! سرم، ڊپ ۽ اذيت ۾ اسان نيڪي ۽ بديءَ جي ڏکهي، اڻ سڏي ۽ ور وڪڙ رستي تي، جيڪو تو ازل کان اسان لاءِ طئہ ڪيو هو، هلندا رهيا آهيون.

عظيم افسردگي اسان کي ترغيب ڏيندي رهي آهي ۽ يقين اسان جي دلين کي سنڀالي رکيو آهي ۽ هاڻي عرفان اسان جا بوجهہ لاهي ڇڏيا آهن. اسان جا زخم سڀي ڇڏيا آهن ۽ اسان کي نيڪي ۽ بدي، زندگي ۽ موت کان بي نياز بڻائيءَ جي سمورن تهمتن کان پري تنهنجي همہ-گير ذات کان سواءِ هر خوديءَ کان بي نياز ڪري، تنهنجي بارگاهہ ۾ آڻي بيهاريو آهي. پنهنجي اگهاڙپ کي لڪائڻ لاءِ انجير جي پتن بائڻ کان سواءِ تنهنجي حضور بي حجاب، پرنور ۽ بي خوف بيٺا آهيون. ڏس اسان هڪ صورت ٿي ويا آهيون. ڏس اسان پاڻ تي فتح حاصل ڪري ورتي آهي.

۽ خدا، توهان کي لا انتها محبت سان پاڪرن ۾ آڻيندو ۽ توهان کي سڏو حياتيءَ جي وڻ ڏانهن وٺي ويندو.

اها ئي تعليم مون نوح کي ڏني هئي. اها ئي تعليم مان توهان کي ڏيان ٿو. نروندا: اها ئي ڳالهہ مرشد مچ جي پاهران وينل ماڻهن کي چئي هئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻڌو زمين کي.
هڪ ئي وقت ۾ ٻار ڄڻڻ جي درد کان ڪنجهندڙ ڪان.
کير پيارينڊڙ، پرورش ڪندڙ. شادي ڪرائيندڙ. قبر ۾ سمهاريندڙ.
جهنگ ۾ شڪار لاءِ رلندڙ جانورن کي ٻڌو.
گجندي، دانهون ڪندي، ٽڪرا ٽڪرا ڪندي
۽ ٽڪرا ٽڪرا ٿيندي،
پيٽ ير رڙهي، پنهنجا رستا ڳليندي، رڙهندڙ ڪيئين کي،
ٻڌو پراسرار گيت ڳائيندڙ پتنگن کي.
پنهنجي خوابن ۾ چراگاهن جا داستان،
دريائن جا گيت ورجائيندي پکين کي.

ٻڌو هر ساهه ۾ موت جي پيالن مان،
زندگيءَ جا جام پيئندڙ وڻن ۽ ٻوٽن کي-
جبل جي چوٽين ۽ ماٿرين کان،
واريءَ جي ڍڳن ۽ سمنڊ کان،
هوا ۽ گاهه جي تختي مان،
زمان جي پردي ۾ لڪل رب لاءِ،
اچي ٿي دانهن.

ٻڌو دنيا جي مائرن کي.
زار زار روئيندڙ ۽ ماتم ڪندڙ.
۽ دنيا جي پيئرن کي
بي حال دانهون ڪندي ۽ ڪنجهندي،
ٻڌو انهن جي ڀتن ۽ ڌيئرن کي،
بندوقن ڏانهن ڀڄندي ۽ بندوقن کان ڀڄندي،
خدا کي گهٽ وڌ ڳالهائيندي، قسمت کي پٽيندي،
هزاڏو محبت ۽ نفرت ۾ ساهه کڻندي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جوش جا ڊڪ پريندي ۽ خوف جا ٻگهر وهائيندي،
مسڪراهٽون پوکيندي ۽ لڙڪن جا لابارا ڪندي،
پنهنجي ڳاڙهي رت سان اڄ اجهائيندي،
ڪوڙ سان وهي ايندڙ ٻوڏ جي دانهن ٻڌو.

ٻڌو انهن جي ٻک ڪان سڪي ويل پيٽن ڪي،
۽ انهن جي سڃيل ڇيرن ڪي،
۽ انهن جي سڪي مرجهايل آڱرين ڪي،
پنهنجي اميد جي لاش کي ڪنهن انڌي وانگر ڏونڌاڙيندي،
۽ انهن جي ٽٽل دلين جو آواز انبار مٿان انبار ۽ ڍير مٿان ڍير ٽيندي.
ٻڌو انهن شيطاني انجڻين کي ڏڏندي،
۽ مغرور شهرن کي ٽڪاءَ سان ڪرندي.
۽ انهن مضبوط قلعن کي،
پنهنجي نئي موت جي گهنٽين کي زور زور سان وڄائيندي،
۽ انهن اڳلي وقتن جي يادگارن کي.
گپ ۽ وهي آيل ڇميل رت جي تلاءَ ۾ پريل.

ٻڌو انصاف ٻسندن جون دعائون.
گهنٽين جي آواز ۾ گڏيل سڏيل.
هوس جو ڇيخون.
۽ ٻارن جون معصوم ٻاتيون ٻوليون.
ٻڌو بدڪارن جي ٻک ٻک سان هم آواز
۽ ڪنهن نوجوان عورت جي شرم ڳاڏڙ مرڪ کي.
طوائف کي مڪاريءَ سان کلندي
۽ بهادر جي پرسرور مستيءَ کي،
بدمعاش جي رنائن کي جهونگاريندي.

هر گروهه ۽ قبيلي جي هر خيمي ۽ منهن ۾.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهي ڏينهن ۽ راتيون ۽ ماٺهو ۽ سيون جلد يا دير. توهان کي ڳوليندا ايندا ۽ عاجزيءَ سان توهان کي التجا ڪندا.

تہ اسان تي حڪومت ڪيو.

جو تہ توهان رات جو يقين حاصل ڪري ورتو آهي

۽ اهو جيڪو رات جو يقين حاصل ڪري وٺي ٿو.

ايندڙ ڏينهن تي وڏي آسانيءَ سان حڪمراني ڪري سگهي ٿو.

رات جي دل جي ڌڙڪن غور سان ٻڌو ڇوتہ ان جي اندر پاڻ تي سوپاري انسان جي دل ڌڙڪي ٿي.

جيڪڏهن مون وٽ لڙڪ هجن ها تہ اهي مان اجوڪي رات هر چمڪندڙ تاري ۽ مٽيءَ جي هر ذري کي، ۽ نغمو ڳائيندڙ هر تڏ کي، هوا ۾ معطر پنهنجي روح کي، تيز تيز هلندڙ هوا کي، هر جبل ۽ ماڙيءَ کي . هر هڪ وڻ ۽ گاهہ جي هر هڪ پن کي. هن رات جي ڪجهہ لمحن جي سموري سڪون ۽ سونهن کي پيش ڪيان ها. مان انهن جي اڳيان پنهنجا لڙڪ. انسانن جي احسان فراموشيءَ ۽ وحشياڻي جهالت لاءِ معافي نامي جي طور تي پيش ڪيان ها.

جوتہ انسان نفرت لائق "پئسي" جي عيوض خريد ڪيل غلام، پنهنجن مالڪن جي خدمت ۾ رذل آهن. ايتري قدر رذل جو پيسي جي آواز ۽ رضا کان سواءِ ڪنهن ٻئي آواز ۽ رضا کي ليکين ئي نہ ٿا.

۽ جيڪو ڪم انهن جو مالڪ انسانن کان وٺي ٿو، اهو ڏاڍو ڪريل آهي. اهو سندن دنيا کي ڪاسائڪي گهر ۾ بدلائي ڇڏي ٿو. جتي ڳجهيون ڪبيندڙ ۽ ڪپائيندڙ اهي پاڻ آهن. اڄ رت جي نشي ۾ چُور انسان. ٻين انسانن کي ان يقين سان قتل ڪن ٿا. جن ماڻهن کي اهي قتل ڪن ٿا. انهن ماڻهن جو دنيا جي نعمتن ۽ آسمان جي بخشش ۾ جيڪو حصو آهي. اهو انهن قاتلن کي ورثي ۾ ملي وڃي ٿو.

بدقسمت احمق کو بگهڙ ڪڏهن ڪنهن ٻئي بگهڙ جو پيٽ ڦاڙي گهنو (رڍ جو ٻچو) ٿيو آهي؟ ڇا ڪڏهن ڪو نانگ پنهنجي ٻين ڀائر نانگن کي ڳهي ڪڏهن ڳيرو ٿيو آهي؟ ڪو انسان ٻين انسانن کي ماري سواءِ انهن جي غمن جي رڳو انهن جي خوشين جو ڪڏهن وارث ٿيو آهي؟ ڪڏهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوڪن ٻين ڪنن کي بند ڪري زندگيءَ جي ميناج سان هم آواز ٿيو آهي؟ ڇا ڪڏهن ڪا اک ٻين اکين کي ڪڍي خوبصورتيءَ جي جلوي لاءِ وڌيڪ حساس ٿي آهي؟

ڇا ڪو انسان يا انسانن جي اهڙي جماعت آهي، جيڪا هڪ ڪلاڪ جون نعمتون، ٻلي اهي ڪائڻ پيئڻ جون هجن. ٻلي روشني ۽ سڪون جون هجن. ختم ڪري سگهي ٿي؟ زمين جيترن جاندارن جي پرورش ڪري سگهي ٿي ان کان وڌيڪ پيدا نه ٿي ڪري سگهي. آسمان پنهنجي ٻچن جي پرورش لاءِ نه ته ٻن ٽا ۽ نه ٽي جوري ڪن ٿا.

اهي ڪفر ٿا ڳالهائين. جيڪي انسانن کي چون ٿا ته جيڪڏهن مالدار ٿيڻ چاهيو ٿا ته ماريو ۽ جن کي ماريو ٿا انهن جون ملڪيون وراثت ۾ حاصل ڪيو.

جيڪڏهن ڪو انسان، انسانن جي محبت، زمين جي ٻج ۽ ماڪي ۽ آسمانن جي پرجوش رحمت حاصل ڪري به بامراد نه ٿيو، اهو انسانن جي لڙڪن، رت ۽ اذيتن تي ڪيئن وڌي سگهي ٿو؟

اهي ڪفر بڪن ٿا. جيڪي انسانن کي چون ٿا. "هر قوم کي پنهنجي لاءِ جيئڻو آهي." ڇا ڪا سئو-پيري: (هڪ اهڙو ڪينئون جنهن جون گهڻيون ٽنگون ٿينديون هجن. متس سئو-پيري نالو به سنڌس سئو پيرن جي ڪري پيو آهي.) هڪ انچ به اڳتي وڌي سگهي ٿي. جيڪڏهن ان جي هر هڪ ٽنگ ٻئي جي مخالفت ۾ هلندي هجي يا ٻين ٽنگن جي رفتار ۾ رڪاوٽ بڻجي. يا ٻين ٽنگن جي خلاف تباهيءَ جي سازش ڪري؟ ڇا انسان به، قومون جنهن جون اڻ ڳڻيون ٽنگون آهن، هڪ ڊگهي قد واري سئو پيري نه آهي؟

اهي ڪفر بڪن ٿا. جيڪي انسانن کي چون ٿا. "حڪومت ڪرڻ فخر جي ڳالهه آهي ۽ محڪوم ٿيڻ شرم جي."

ڇا گڏهه کي هڪليندڙ پنهنجي گڏهه جي پنيان ٻنيان نه ٿو هلي؟ ڇا قيدخاني جو داروغو قيدين سان گڏ ٻڌل نه هوندو آهي؟

اصل ۾ گڏهه پنهنجي رهنما کي اڳتي هڪلي ٿو ۽ دائمي ڏوهاري جيل جي داروغي کي جيل ۾ بند رکي ٿو.

اهي ڪفر بڪن ٿا، جيڪي انسانن کي جون ٿا "ڊوڙ تيز رفتار



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڻهن لاءِ آهي ۽ زوراور ئي سچو هوندو آهي."

جوته زندگي جسم جي عضون جي ڊوڙ نه آهي. جڏڙا ۽ منڊڙا گهڻا ئي ڀيرا صحت مند ماڻهن کان اڳ ڀهرين ماڙ تي پهچي وڃن ٿا. ڪڏهن ڪڏهن ته مچر به پيشيور تلوار بازيءَ جي ماهر کي پسپا ڪري ڇڏي ٿو.

اهي ڪفر بڪن ٿا. جيڪي ماڻهن کي چون ٿا ته برائيءَ کي برائيءَ سان سڌاري سگهجي ٿو. ناانصافيءَ تي ڪيل بي انصافي ڪڏهن به انصاف نه ٿي ٿي سگهي. جيڪڏهن برائيءَ جو سات نه ڏنو وڃي ته اها پاڻ ئي ختم ٿي وڃي ٿي.

پر ابوجهه ماڻهو پنهنجي آقا جي سموري فلسفي کي صحيح سمجهن ٿا. پئسي ۽ پئسي لاءِ حرص رکندڙن ماڻهن تي پختو يقين رکن ٿا ۽ اهي پنهنجي ذريعي ناهيل وهمن کي وفاداريءَ سان بورو ڪن ٿا. جڏهن ته رات تي. جيڪا چوڻڪاري جا ترانا ڳائي ٿي ۽ سندن عقيدي جي تبليغ ڪري ٿي ۽ ايستائين جو خدا جي هستيءَ تي اهي ماڻهو نه ته ايمان آڻين ٿا. نه انهن جي پرواهه ئي ڪن ٿا ۽ منهنجا ساٿيو! اهي توهان کي چريو چوندا يا ٺڳ سمجهندا.

انسانن جي ناشڪرائپ ۽ ڏنگيندڙ ٺٺولين تي نه ڪاوڙجو پر نه ختم ٿيندڙ محبت ۽ تحمل سان انهن کي پنهنجي ذات ۽ باهه ۽ رت جي ان طوفان کان چوڻڪارو ڏيارڻ لاءِ سرگرم رهو. جيڪو جلد نازل ٿيڻ وارو آهي.

ازل کان سچ. چنڊ ۽ تارا ان انتظار ۾ آهن ته ڪو انهن کي ڏسي، بڌي ۽ سمجهي. زمين جي الف-ب انتظار ڪري رهي آهي ته ڪو ان جي وضاحت ڪري. مڪان (Space) جا وڏا وڏا رستا منتظر آهن ته ڪو انهن تي سفر ڪري زمان (Time) جي ويڙهيل ڏور ان انتظار ۾ آهي ته ڪو ان کي اکيلي. ڪائنات جي خوشبوءِ منتظر آهي ته ڪو ان کي سنگهي. درد جو زمين ۾ دفن ٿيل قبرستان، انتظار ۾ آهي ته ڪو ان کي ڍير ڪري. عرفان جي ماني منتظر آهي ته ڪو ان کي چکي. انسان حجابن ۾ لڪل "خدا" ان انتظار ۾ آهي ته ڪو ان جا پردا پري ڪري.

وقت اچي ويو آهي ته انسان انسانن جي قتل غارت بند ڪن ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گڏجي گڏيل ڪم سرانجام ڏين. اهو ڪم گهڻو عظيم آهي. ان کي پورو ڪرڻ، ايترو ئي مٺو هوندو، ان ڪان اڳ سڀ ڪجهه خالي ۽ بيڪار آهي. اهو ئي وقت آهي، پر گهٽ ماڻهن جو ان طرف ڌيان ويندو ۽ انهن کيۡ ڪنهن ٻئي سڏ جو انتظار ڪرڻو پوندو، ڪنهن ٻئي صبح جي اڀرڻ جو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب چوٿيهون

# ماءُ-بيدي (زمين) بابت

ميرداد: هن رات جي خاموشيءَ ۾ ميرداد جي خواهش آهي تہ توهان ماءُ-بيدي (زمين) بابت غور ذڪر ڪيو.

مڪان، (Space) ۽ ان ۾ موجود سڀ ڪجهہ هڪ بيدو آهي. زمان (Time) جنهن جي ڪل آهي، اها ئي ماءُ-بيدو آهي.

ساڳيءَ ريت زمين ڪي هوا وڪوڙي ڇڏيو آهي.

ان بيدي کي پکڙيل خدا، "ڪبير خدا" (Macro God) لامحدود ۽ لابيان غير مجسم زندگيءَ پنهنجي وڪڙ ۾ آٿي ڇڏيو آهي.

ان بيدي ۾ لڪل آهي، پنهنجو پاڻ ۾ ويڙهيل خدا "صغير خدا" (Micro God) ۽ ساڳيءَ ريت لامحدود ۽ لابيان مجسم زندگي.

جيستائين انساني پڻماني جو تعلق آهي، پلي اهو بي انداز هجي، تنهن هوندي بہ ماءُ-بيدي جون حدون مقرر آهن. جيتوڻيڪ اها پاڻ لاءِ محدود نہ آهي، پر ان جون حدون هر طرف لامحدوديت سان وڃي ملن ٿيون.

ڪائنات ۾ موجود سموريون شيون ۽ جاندار زمان ۽ مڪان جي بيدي کان وڌيڪ ڪجهہ بہ نہ آهن. جن ۾ اهو ئي صغير خدا ويٺو آهي. پر ان جي ظاهر ٿيڻ جا درجا ڌار ڌار آهن. انسان جي اندر جو ننڍو خدا، حيوان جي اندر جي ننڍي خدا جي مقابلي ۾ زمان ۽ مڪان ۾ وڌيڪ وسعت رکي ٿو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ حيوان ۾ ٻوٽي جي بنسبت ان کان وڌيڪ پکيڙ ۾ آهي ۽ اهڙيءَ ريت درجي به درجي ان کان ننڍي مخلوق ۾ آهي.

ڌنل ۽ اڻ ڌنل سمورين شين ۽ جاندارن جي نمائندگي ڪندڙ بي شمار بيدن کي ماءُ-بيدي جي اندر، اهڙيءَ ريت ترتيب ڏني ويئي آهي، جو وسعت ۾ وڏي بيدي جي اندر ان کان ٿورو ننڍو بيدو آهي ۽ اها ئي ترتيب سڀني کان ننڍي بيدي تائين رکي ويئي آهي. انهن بيدن جي وچ ۾ مفاصلا رکيا ويا آهن. سڀني کان ننڍو بيدو مرڪزي نيوڪليس آهي. جيڪو بنهه ننڍڙي مڪان ۽ زمان ۾ ويڙهيل آهي. بيدي جي اندر ٻيدو ۽ ان جي اندر هڪ ٻيو ٻيدو سمورا انساني پَٽپ کان ٻاهر. اهي سڀ بيدا خدا جي وسيلي واڌ ويجهه جي عمل ۾ رڌل آهن ـــ منهنجا ساٿيو! اهائي ڪائنات آهي.

مان اجان تائين محسوس ڪيان ٿو ته منهنجا لفظ ايترا ته ترڪٿا آهن جو اهي توهان جي عقل جي گرفت ۾ نه ايندا ۽ جيڪڏهن لفظ ڪامل عرفان تائين ڪٿي ويندڙ ڏاڪڻ جا اعتماد جوڳا ۽ مضبوط ڏنڊا ثابت ٿيا ته مون کي پنهنجا لفظ معتبر ۽ مضبوط ڏنڊا بنائي خوشي ٿئي ها. جيڪڏهن توهان اهي بلنديون، گهرايون ۽ وسعتون حاصل ڪرڻ چاهيو ٿا جتي ميرداد توهان کي پهچائڻ چاهي ٿو ته توهان کي لفظن ۽ پنهنجي عقل کان ٻري ڪنهن ٻي شيءِ جو سهارو وٺڻو پوندو.

لفظ وڌ ۾ وڌ لمحا آهن. جيڪي آفاق کي ظاهر ڪن ٿا. اهي ان آفاق تائين رسائيءَ جو ذريعو نه آهن. ياڻ ته اهي قطعي افق نه آهن. ان ڪري مان جڏهن توهان سان ماءُ-بيدي ۽ ٻين بيدن ۽ ڪبير خدا ۽ صغير خدا جي ڳالهه ڪيان ٿو ته توهان منهنجي لفظن سان نه چنبڙو پر نور جو سهارو وٺو ۽ توهان ڏسندؤ ته منهنجا لفظ توهان جي ڏانوان ڏول سمجهه لاءِ مضبوط ڪنپ بنجي ويا آهن.

پنهنجي پرپاسي قدرت ڏانهن ڌيان ڏيو. ڇا توهان نه ٿا ڏسو ته اها بيدي جي اصول تي اڏائي ويئي آهي؟ هائو! بيدي ۾ توهان کي سموري مخلوق جي ڪنجي ملي ويندي.

توهان جو مٿو هڪ بيدو آهي. توهان جي دل هڪ بيدو آهي. توهان جي اک هڪ بيدو آهي. هر هڪ ميوو ۽ ان جو هر هڪ ٻج هڪ بيدو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر ٻاٽيءَ جو ڦڙو ۽ هر جيئري حيوان جو نطفو (Sperm) هڪ بيدو آهي ۽ اهي بي انتها تارا، جيڪي آسمان جي وسعتن ۾ پنهنجا پنهنجا پراسرار رستا ڳوليندا وتن ٿا، ڇا اهي پنهنجي اندر زندگيءَ جو اعليٰ جوهر نـديو خدا ڪٿي مختلف درجن تي ڦتندڙ بيدا نـ آهن؟ ڇا سموري زندگي بيدي مان لڳاتار خارج ٿي وري بيدي ۾ داخل نـ ٿي رهي آهي؟

پيدائش جو لڳاتار عمل دراصل هڪ ڪرشمو آهي. زندگيءَ جو وهڪرو ماءُ-بيدي جي سطح تان اندر ڏانهن ان جي مرڪز تائين ۽ پوءِ مرڪز کان سطح تائين بنا جهل جي جاري رهي ٿو. جڏهن اهو زمان ۽ مڪان ۾ پکڙجي ٿو تـ مرڪزي نيوڪليس (نقطو) جي اندر جو "لطيف خدا" زندگيءَ جي سيني کان ادنيٰ در جي کان اعليٰ درجي ۾ هڪ بيدي کان ٻئي بيدي ۾ منتقل ٿيندو رهي ٿو. سيني کان ادنيٰ درجو سيني کان گهٽ ۽ سيني کان اعليٰ درجو سيني کان وڌيڪ زمان ۽ مڪان ۾ پکڙيل آهي. هڪ بيدي کان ٻئي بيدي تائين وڃڻ جو وقفو بدلجندو رهي ٿو. ڪجهـ صورتن ۾ اک ڇنڀ جيترو، ٻين ۾ هڪ جُڳ - ۽ جيستائين ماءُ-بيدي جي ڪل پڄي نـ ٿي پوي ۽ نـديو خدا وڏي خدا جي شڪل ۾ ٻاهر نـ ٿو اچي، اهو عمل بدستور جاري رهي ٿو.

اهڙيءَ ريت زندگي ڪلڻ، وڌڻ ۽ ترقي ڪرڻ جو لڳاتار عمل آهي. پر اهو وڌڻ ۽ ترقي ڪرڻ ان قسم جو ناهي جهڙو ماڻهو خيال ڪن ٿا. جوتـ انهن موجب وڌڻ جسامت ۾ واڌارو ٿيڻ آهي ۽ ترقي ڪرڻ اڳتي وڃڻ آهي. جڏهن تـ وڌڻ دراصل زمان ۽ مڪان ۾ هر طرف پکڙجڻ آهي ۽ ترقي هڪ حرڪت آهي، جيڪا سيني پاسي هڪجهڙي ۽ هڪجيتري هوندي آهي. پنيان بـ اڳتي بـ، هيٺين طرف بـ، کٻي سڄي ۽ مٿي بـ. ان ڪري آخرڪار وڌڻ، وڏي مڪان (Space) کان اڳتي نڪري وڃڻ آهي ۽ اهڙيءَ ريت زمان کي پوٺتي ڇڏي وڃڻو آهي ۽ وڏي خدا ۾ جذب ٿي وڃڻ ۽ زمان ۽ مڪان جي قيد ۽ بند کان ان جي ڇوٽڪاري تائين رسائي ڪرڻ آهي. جيڪو هڪ نالي ماتر ڇوٽڪارو آهي. اهائي اها تقدير آهي، جيڪا انسان لاءِ مقرر ڪئي ويئي آهي. درويشو! انهن لفظن تي چڱي ريت ويچار ڪيو. جي توهان جي پنهنجي رت انهن کي خوشيءَ سان پنهنجي اندر جذب نـ ڪندي تـ عين ممڪن آهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ توهان پاڻ کي ۽ ٻين کي نجات ڏيارڻ جون ڪوششون توهان جي پنهنجي ۽ انهن جي زنجير ۾ وڌيڪ ڪڙيون جوڙي ڇڏين. ميرداد چاهي ٿو تہ توهان انهن کي چڱيءَ ريت سمجهي وٺو تہ جيئن توهان انهن کي سمجهڻ ۾ سمورن مشتاق ماڻهن جي مدد ڪري سگهو. ميرداد چاهي ٿو تہ توهان آزاد ٿي وڃو تہ جيئن توهان انهن مشتاقن جي نسل کي جيڪي پاڻ تي فتحمند ۽ آزاد ٿيڻ جا خواهشمند آهن، چوٽڪارو ڏياري سگهو. ان ڪري خاص طور جيستائين ان جو "انسان" سان تعلق آهي، اهو ان بيدي جي قانون تي وڌيڪ روشني وجهندو.

انسان کان هيٺ جاندار جا سمورا قسم گهٽ درجي جي بيدن ۾ بند آهن. ان ڪري پوئتن لاءِ ايترا ئي بيدا آهن. جيترا انهن جا قسم، جيڪي وڌيڪ ترقي ڪيل آهن، انهن پنهنجي اندر ۾ گهٽ ترقي ڪيلن کي بند ڪري رکيو آهي ۽ اها ئي ڳالهہ ڪيئنءَ، ماڪوڙن، مڇين ۽ ٿڻدار جانورن لاءِ آهي. هميشہ وڌيڪ ترقي ڪيل قسمن جي اندر زندگيءَ جا انهن کان گهٽ ترقي ڪيل قسم بند رهن ٿا ۽ اهو سلسلو مرڪزي نيوڪليس (نقطي) تائين جاري رهي ٿو.

جيئن عام بيدي جي اندر جي زردي ۽ سفيدي ان جي اندر جي چوزي جي واڌ ويجهہ ۾ مدد ڏين ٿيون، اهڙيءَ ريت ڪنهن بيدي ۾ بند ڪيل بيدا ان جي اندروني ننڍي خدا جي پرورش ۽ وسعت جو ڪم سرانجام ڏين ٿا.

هر اڳلي بيدي ۾ مڪان ۽ زمان جي جيڪا خوراڪ صغير خدا کي ملي ٿي اها پهرين بيدي ۾ ملندڙ خوراڪ کان ٿوري مختلف هوندي آهي. ان ڪري مڪان ۽ زمان ۾ ان جي پڪيڙ بہ مختلف هوندي آهي. جيڪو گيس ۾ وکريل ۽ بي صورت هوندو آهي. مايع پاڻيٺ ۾ وڌيڪ گڏ ٿيل ۽ صورت جي ويجهو اچي ويندو آهي. جڏهن تہ نوس ۾ اهو هڪ خاص شڪل ۽ پائيداري اختيار ڪري وٺي ٿو. پر هو زندگيءَ جي سمورين وصفن کان پري هوندو آهي. جيڪي اعليٰ صورتن ۾ نمايان هونديون آهن. ٻوٽن ۾ هو اهڙي شڪل اختيار ڪري ٿو. جنهن ۾ وڌڻ، اولاد پيدا ڪرڻ ۽ محسوس ڪرڻ جي قابليت هوندي آهي. حيوان جي صورت ۾ هو گهمندو ڦرندو محسوس ڪندو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ضايع نہ ٿا ڪن ۽ نہ ٿي مڪان کي پنهنجي وڪن سان ماپڻ لاءِ پنهنجون ڪڙيون ڳسائين ٿا. زندگيءَ جي ٿورڙي عرصي ۾ اهي ابديت کي ميڙي وٺن ٿا ۽ اهي حيرت انگريز مفاصلن کي نيست ۽ نابود ڪري ڇڏين ٿا. اهي ان ڳالهہ جو انتظار نہ ٿا ڪن تہ موت انهن کي سندن ٻئي بيدي ۾ وٺي وڃي. اهي يقين ڪن ٿا تہ زندگي بي شمار خوابن کي ٽوڙي انهن مان هڪدم ٻاهر نڪري وڃڻ ۾ سندن مدد ڪندي. ان لاءِ توهان کي هر شيءِ جي قبضي مان آزاد ٿيڻو پوندو تہ جيئن زمان ۽ مڪان توهان جي دلين کي ڪنهن بہ حالت ۾ بندشن ۾ نہ وجهي ڇڏي. توهان جيترو وڌيڪ قبضي ۾ رکندؤ اوترو ئي وڌيڪ توهان پاڻ قبضي ۾ رهندؤ. توهان جيترو گهٽ قبضي ۾ رکندؤ، اوترو ئي توهان پاڻ بہ گهٽ قبضي ۾ رهندؤ. ها! توهان هر شيءِ جي قبضي کان آزاد ٿي وڃو. سواءِ پنهنجي يقين، پنهنجي محبت ۽ مقدس عرفان جي ذريعي ڇوٽڪاري حاصل ڪرڻ جي پوري طلب جي —

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب پنجتيهون

# خدا جي راھ ۾ روشنيءَ جا ڪرڻا

ميرداد: هن سڪون جي رات ۾ ميرداد خدا ڏانهن ويندڙ توهان جي رستي ۾ روشني جا ڪجهه ڪرڻا وکيريندو.

جهيڙن جهٽن کان بچو، حقيقت هڪ جهڙي سچائي آهي. ان کي ڪنهن ثبوت جي ضرورت نه آهي، جنهن کي دليل ۽ ثبوت جو سهارو ڏيڻ لازمي هجي ان کي دير سوير ثبوت ۽ دليل سان ئي رد ڪيو ويندو آهي.

ڪنهن شيءِ کي ثابت ڪرڻ ان جي متضاد کي نامنظور ڪرڻ آهي. ان جي مخالف کي ثابت ڪرڻ ان شيءِ کي رد ڪرڻ آهي. خدا جو ضد ڪوبه نه آهي ته پوءِ توهان ان کي ثابت ۽ رد ڪيئن ڪندؤ؟

بي زبانن کي راحت پهچائڻ لاءِ زبان کوليو، پنهنجو پاڻ کي راحت ڏيڻ لاءِ چپ رهو.

لفظ جهاز آهن، جيڪي مڪان جي سمنڊ ۾ هلن ٿا ۽ ڪيترن ئي بندرن تي بيهن ٿا. ان ڳالهه کان خبردار رهو ته انهن ۾ ڇا وجهڻو آهي، ڇوته پنهنجو سفر ختم ڪرڻ کان پوءِ اهي پنهنجو بار آخرڪار توهان جي ئي در تي لاهيندا.

بهاري جيڪو ڪجهه گهر لاءِ ڪري ٿي پنهنجو پاڻ جي ڳولا ڪندڙ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اها ئي ڪار دل سان ڪري ٿو. پنهنجي دل ۾ ڀاري ڏيو، جنهن دل ۾ چڱيءَ ريت ڀاري ڏني ويئي هوندي. اهو اهڙو قلعو آهي، جيڪو حملي کان محفوظ آهي.

جهڙيءَ ريت توهان ماڻهن ۽ شين کي پنهنجي خوراڪ بنايو ٿا. ساڳيءَ ريت اهي توهان کي پنهنجي خوراڪ بنائين ٿيون. جيڪڏهن توهان چاهيو ٿا ته توهان تي زهر نه چڙهي ته پين لاءِ صحت بخش خوراڪ ٿيو.

جيڪڏهن ايندڙ قدم لاءِ بي يقيني هجي ته بنا چُرڻ پُرڻ جي بيٺا رهو.

جنهن کي توهان ناپسند ڪيو ٿا. اهو توهان کي ناپسند ڪري ٿو. ان کي پسند ڪيو ۽ ان کي پنهنجي مرضي ڪرڻ ڏيو. اهڙيءَ ريت توهان جي رستي جي بندش ختم ٿي ويندي.

سڀني کان وڏيڪ ناقابل برداشت ۽ وبال جان ڪنهن شيءِ کي تڪليف ده خيال ڪرڻ آهي.

پاڻ لاءِ چونڊ ڪيو. هر هڪ شيءِ جو مالڪ ٿيڻو آهي يا ڪنهن جوڀ نه. ڪو وچون رستو پنهنجائڻ ناممڪن نه آهي.

سڌو. وروڪڙ جو ساٿي آهي. هڪ ننڍو ڪيل ڀيو چڪردار رستو آهي. چڪردار رستي لاءِ صبر ۽ تحمل کان ڪم وٺو.

رستي جو هر پٿر هڪ چتاءُ آهي. ان چتاءَ کي غور سان پڙهو ته اهو رستي جو پٿر روشنيءَ جو ستارو بنجي ويندو.

جڏهن يقين جو سهارو هجي ته عمل روحاني صحت آهي. جڏهن يقين جو ساٿ نه هجي ته اهو اڌ رنگ بنجي وڃي ٿو.

هئڻ، محسوس ڪرڻ، سوچڻ ۽ تصور ڪرڻ، ڄاڻڻ ـــ ڏسو انساني زندگيءَ جي چڪر ۾ اهم منزلون ان ئي ترتيب سان اچن ٿيون.

واڪاڻ ڪرڻ ۽ ساراهه ٻڌڻ کان خبردار رهو. ان وقت به جڏهن اها نهايت خلوص واري ۽ برحق هجي. جيستائين خوشامد جو تعلق آهي. ان جي چالبازين ۽ چڪرين کان گونگا ٻوڙا بنجي وڃو.

جيستائين توهان جي اندر ۾ "ڏيڻ" جو احساس رهي ته جيڪي ڪجهه ڏيون ٿا ته سمجهو اهو قرض وٺو ٿا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سچ پچ تہ توهان کا اهڙي شيء جيڪا توهان جي پنهنجي آهي، توهان ڏيئي نہ ٿا سگهو. توهان ماڻهن کي اهو ئي ڪجهہ ڏيو ٿا، جيڪو توهان پاڻ وٽ امانت جي طور تي رکيو آهي. جيڪا شيء توهان جي پنهنجي آهي ـــ ۽ رڳو توهان جي ـــ توهان چاهيندي بہ انهن کي ڏيئي نہ ٿا سگهو.

پنهنجو توازن قائم رکو ۽ توهان انسان لاءِ پاڻ کي ماپڻ جو معيار ۽ تورڻ جي تارازي بنجي ويندؤ. نہ ڪا غربت آهي نہ اميري. فقط شين جي استعمال جو سليقو گهرجي.

اصل ۾ غريب اهو آهي، جيڪو پاڻ وٽ موجود شيء جو غلط استعمال ڪري ٿو. اصل ۾ امير اهو آهي، جيڪو ان شين جو جيڪي ان وٽ آهن، صحيح استعمال ڪري ٿو.

سُکل مانيءَ جو ٽڪرو اهڙي دولت ٿي سگهي ٿو، جنهن جي قيمت جو ڪاٿو نہ ٿو لڳائي سگهجي. سون سان ڀريل تهہ خانو بہ اهڙي مفلسي ٿي سگهي ٿي جيڪا راحت نہ ڏيئي سگهي.

جتي گهڻا ئي رستا هڪ نقطي تي وچي ملن ٿا، حيران نہ ٿيو تہ ڪهڙو رستو اختيار ڪرڻ گهرجي. خدا جي ڳوليندڙ دل لاءِ سمورا رستا خدا تائين وڃن ٿا.

زندگيءَ جي مڙني صورتن جو احترام ڪيو. سڀني کان گهٽ اهم صورت ۾ سڀني کان اهم صورت جي ڪنجي لڪل هوندي.

زندگيءَ جا سمورا ڪم اهم آهن ـــ ها، نادر، افضل ۽ بي مثال ـــ زندگي حقير شين ۾ پنهنجو پاڻ کي نہ ٿي منجهائي.

قدرت جي ڪارخاني مان ڪا شيء تڏهن ئي ٻاهر اچي ٿي جڏهن اها قدرت جي محبت ڀريل نگراني ۽ محنت واري هنر جي قابل ٿئي ٿي. ڇا اها گهٽ ۾ گهٽ توهان جي احترام جي قابل نہ هئڻ گهرجي؟

جيڪڏهن مچر ۽ ڪوليون عزت جي لائق آهن تہ توهان جا ٻائر

٭ انسان ڪيتري قدر عزت جي لائق هوندا؟ ڪنهن بہ انسان کان نفرت نہ ڪيو. ڪنهن بہ انسان کان نفرت ڪرڻ کان بهتر هي آهي تہ هر انسان توهان کان نفرت ڪري.

جوتہ ڪنهن انسان کان نفرت ڪرڻ ان جي لطيف خدا کان نفرت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرڻ آهي ۽ ڪنهن انسان جي اندر جي لطيف خدا کان نفرت ڪرڻ اُن (خدا) کان نفرت ڪرڻ آهي. اهو ماڻهو جيڪو ان کي بندر تي وٺي ويندڙ اڪيلي ڪپتان کان نفرت ڪندو هجي. پنهنجي بندر تي ڪيئن بهجندو؟

اهو ڏسڻ لاءِ ته هيٺ ڇا آهي؟ مٿي ڏسو. اهو ڄاڻڻ لاءِ ته مٿي ڇا آهي؟ هيٺ ڏسو.

توهان جيترو مٿي چڙهو ٿا، اوترو ئي هيٺ لهو. نه ته توهان پنهنجو توازن وڃائي ويهندؤ.

اڄ توهان مريد آهيو. سڀاڻي مرشد بڻجي ويندؤ. سٺو مرشد ٿيڻ لاءِ توهان جو نيڪ مريد ٿيڻ ضروري آهي.

دنيا کان بديءَ کي پاڙئون پٽڻ جي ڪوشش نه ڪيو. ڇوته ڪڏهن ڪڏهن گاهه پاڻ ئي پنهنجي لاءِ سٺو ڀاڻ ٿيندو آهي.

شوق ۽ تمنا جو غلط استعمال اڪثر شوقين ۽ مشتاق کي ماري وجهندو آهي.

رڳو ڏکڻ ۽ شاندار وڻن سان ئي ٻيلو نه ٿيندو آهي. ڪجهه ٻوٽن ۽ ولين جي به اڪثر ضرورت هوندي آهي.

مڪر ۽ فريب تي پردو وجهي سگهجي ٿو، پر ڪجهه دير لاءِ. ان کي سدائين لاءِ لڪائي نه ٿو رکي سگهجي. نه ئي ان کي مڇر وانگر دونهين سان اڏائي يا ماري سگهجي ٿو.

ڪارا جذبا، اونداهيءَ ۾ ئي پيدا ٿيندا آهن ۽ پرورش پائيندا آهن. جيڪڏهن توهان ان جي نسل کي ختم ڪرڻ چاهيو ٿا ته انهن کي ڪليل روشني ۾ اچڻ ڏيو.

جيڪڏهن توهان هڪ هزار مڪارن مان هڪ کي به ايمانداريءَ جي سڌي ڏگ تي آڻڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃو ته توهان جي ڪاميابي اصل ۾ عظيم سوڀ ٿيندي.

روشنيءَ جو منارو هڪ مٿانهين جاءِ تي قائم ڪريو. پر ان کي ڏسڻ لاءِ ماڻهن کي سڏائيندا نه وتو. جن کي روشنيءَ جي ضرورت آهي، انهن کي روشنيءَ جي دعوت ڏيڻ جي ضرورت نه پوندي آهي.

عقل، اڌ عاقل لاءِ ڳرو بار آهي، جهڙيءَ ريت بيوقوفي بيوقوف لاءِ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انسان جي پنهنجي ضبط تي منحصر آهي ۽ انسان سدائين سر سام ۾ مبتلا رهن ٿا. خوش نصيب اهي آهن، جيڪي مقدس چوٽڪاري جي نشي ۾ مدهوش رهن ٿا، جيڪو مقدس عرفان جو ثمر آهي.

انسانن جا بخار پنهنجون شڪليون بدلائيندا رهن ٿا. جنگ جو بخار امن جي بخار ۾ بہ بدلجي سگهي ٿو. دولت گڏ ڪرڻ جو بخار محبت گڏ ڪرڻ جي بخار جي شڪل اختيار ڪري وٺي ٿو. ذڪر (ڪلمي) جي ڪيمياگري اهڙي آهي، جنهن ڪي توهان پنهنجي لاءِ عمل ۾ آڻيو ۽ ٻين کي سيکاريو آهي.

مرندڙن کي زندگيءَ جي ۽ جيئندڙن کي موت جي تبليغ ڪيو. پر انهن کي جيڪي پاڻ تي فتح حاصل ڪرڻ جا مشتاق آهن، انهن ٻنهي کان چوٽڪارو حاصل ڪرڻ جي تعليم ڏيو.

قابض ٿيڻ ۽ مقبوض هئڻ ۾ وڏو فرق آهي. توهان ان کي پنهنجي قبضي ۾ رکو ٿا، جنهن سان توهان محبت ڪيو ٿا ۽ جنهن سان توهان نفرت ڪيو ٿا، اهو توهان کي پنهنجي قبضي ۾ رکي ٿو. مقبوض ٿيڻ کان بچو.

زمان ۽ مڪان جي خلائن ۾ هڪ کان وڌيڪ زمينون پنهنجي پنهنجي گردش ڪري رهيون آهن. توهان جي زمين ان خاندان مان سڀني کان ننڍي آهي، جيڪا هڪ ڪيچلي پارڙيءَ وانگر آهي. هڪ خاموش گردش —— ڪيڏي متضاد! خدا جي اندر مخلوقن جي گردش اهڙي ريت جي ٿي تہ آهي.

جيڪڏهن توهان چاڻڻ چاهيو تہ نابرابر شيون ڪيئن برابر ٿي سگهن ٿيون تہ پنهنجي آگرين کي ڏسو.

اتفاق ڏاهن جي هٿن جا رانديڪا آهن ۽ احمق اتفاق جي هٿن ۾ رانديڪا آهن.

ڪڏهن ڪنهن شيءِ جي باري ۾ شڪايت نہ ڪيو. ڪنهن شيءِ بابت شڪايت ڪرڻ، ان کي شڪايت ڪرڻ واري لاءِ چهبڪ بنائڻو آهي. ان شيءِ کي صحيح طور تي برداشت ڪرڻ ان کي بخوبي چهبڪ هڻڻ آهي پر ان کي چڱيءَ ريت سمجهي وٺڻ، ان کي پنهنجو فرمانبردار نوڪر بنائي وٺڻ آهي.

اڪثر ائين ٿيندو آهي جو هڪ شڪاري نشانو تہ وٺندو آهي، ڪنهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هرڻ جو، جيڪو گسي ويندو آهي، پر ان سان سيهڙ مري پوندو آهي، جنهن جي موجودگيءَ جو ان کي علم ئي ڪونہ هو. اهڙي حالت ۾ هڪ عقلمند شڪاري چوندو تہ مون تہ اصل ۾ سيهڙ جو نشانو ورتو هو ۽ نہ هرڻ جو — ۽ مون پنهنجي شڪار کي ماريو آهي.

نشانو صحيح وٺو پوءِ نتيجو جيڪو بہ هوندو سٺو هوندو. جيڪو توهان کي ملي ويو اهو توهان جو آهي، جيڪا شيءِ اچڻ ۾ دير ڪري ٿي، ان جو انتظار ڪرڻ مناسب نہ آهي. انتظار ان کي ڪرڻ ڏيو.

توهان جو نشانو ڪڏهن بہ خطا نہ ٿيندو. جي اهو جنهن کي توهان نشانو بنايو ٿا توهان کي نشانو بنائي.

خطا ٿيل نشانو سدائين حاصل ٿيل نشانو هوندو آهي. پنهنجي دلين کي نااميديءَ کان پاڪ ڪري ڇڏيو. نااميدي اها سرڻ آهي، جنهن کي نا مستقل مزاج وجود ۾ آڻين ٿا ۽ پوءِ هُن کي پنهنجي ناڪام اميدن جي لاشن تي پالين ٿا.

ساپيان ٿيل اميد بي شمار مرده پيدا ٿيل اميدن جو سرچشمو بنجي وڃي ٿي. جيڪڏهن توهان پنهنجي دلين کي قبرستان ۾ بدلائڻ نہ ٿا چاهيو تہ خبردار پنهنجي دلين کي نااميديءَ سان نہ ڳنڍجو.

ٿي سگهي ٿو تہ مڇيءَ جي ڏنل سؤ بيدن مان ڪو هڪ ئي ٻچو بنجڻ ۾ ڪامياب ٿئي، تنهن هوندي بہ نوانوي ضايع نہ ٿا ٿين. قدرت وڏي شاهہ خرچ آهي ۽ پنهنجي سخاوت ۾ ڪوبہ متيبد نہ ٿي رکي. توهان بہ پين ماڻهن جي دلين ۾ پنهنجون دليون ۽ دماغ پوکڻ جي معاملي ۾ ساڳيءَ ريت سخاوت ۾ ڪوبہ متيبد ۽ امتياز نہ ڪيو.

ڪيل ڪنهن بہ پورهئي جو صلو نہ گهرو، جيڪو پنهنجي محنت سان محبت ڪري ٿو، محنت ان پورهيت لاءِ پرپور عيوضو بنجي وڃي ٿي.

تخليقي ڪلمي (شبد) ۽ مڪمل توازن کي ياد رکو. جڏهن توهان مقدس عرفان وسيلي اهو توازن حاصل ڪري وٺندؤ تہ توهان صحيح معنيٰ ۾ پاڻ تي فتح مند بنجي سگهندو ۽ تڏهن ئي توهان جا هٿ خدا جي هٿن سان گڏجي ڪم ڪندا.

خدا ڪري توهان جو باطن هن رات جي امن ۽ خاموشيءَ سان گڏ ڌڙڪندو رهي، جيستائين توهان ان ڪي مقدس عرفان جي امن ۽ سڪون ۾ غرق نہ ٿا ڪري ڇڏيو.

اها تعليم مون نوح کي ڏني هئي: اهائي تعليم مان توهان کي ڏيان ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب ڇنيهون

# ٻيڙي جو ڏينهن

## (ٻيڙي جو ڏينهن ۽ ان جون رسمون ۽ روايتون زندگيءَ جي شمع بابت ٻتحار جي سلطان جو پيغام)

نروندا: جڏهن کان مرشد ٻتحار کان موٽيو هو تڏهن کان شمادم ڏار ڏار ۽ رنل رنل ٿي لڳو. پر جيئن ٻيڙي جو ڏينهن ويجهو ايندو ٿي ويو ته هو نهايت خوش ۽ زنده دل ٿيندو ٿي ويو ۽ هن معمولي کان معمولي تفصيل تائين منجهيل تيارين جي نگراني سنڀالي ورتي.

ڏاک ول واري ڏينهن وانگر ٻيڙي جو ڏينهن به هڪ ڏينهن مان وڌائي هفتي ڪن لاءِ زندگيءَ سان ڀرپور جشن ۾ بدلايو ويو هو ۽ اتي هر قسم جي مال متاع جو تيزيءَ سان واپار ٿيندو هو.

ان ڏينهن جي گهڻين عجيب ۽ غريب رسمن مان نهايت اهم هي هيون. قربانيءَ جي ڏاند کي ڪهڻ. صدقي جي باهه ٻارڻ ان باهه مان پوڄا جاءِ ۾ ڏيئي جي جاءِ تي رکجندڙ نئون ڏيئو روشن ڪرڻ. اهي سمورا ڪم سردار پاڻ ئي پوري رسم موجب انجام ڏيندو آهي. ان ڪم ۾ عوام ان جو هٿ ونڊائيندو آهي ۽ آخرڪار هر هڪ شخص نئين ڏيئي مان پنهنجي هڪ شمع روشن ڪندو آهي. ان کان پوءِ اهي ٻتيون وسايون ويندايون آهن ۽ بدروحن کان بچڻ لاءِ طلسم جي طور تي تعويذ نهايت خبرداريءَ سان سنڀالي رکيا ويندا آهن. رسمن جي مڪمل ٿيڻ کانپوءِ آخر ۾ دستور موجب



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهيان، توهان کي پنهنجي وقت جو انتظار ڪرڻو پوندو.

جيڪڏهن ميرداد سان منهنجي طرفان ڪا زيادتي ٿي آهي ته ان کي منهنجي خطا معاف ڪري ڇڏڻ گهرجي.

ميرداد: تو ميرداد سان زيادتي نه ڪئي آهي، پر تو شمادم سان انتهائي زيادتي ڪئي آهي.

شمادم: ڇا شمادم کي شمادم سان بي انصافي ڪرڻ جي آزادي نه آهي؟

ميرداد: بي انصافي ڪرڻ جي آزادي؟ اهي لفظ پاڻ ۾ ڪيڏا نه بي تڪا آهن. ڇوته پنهنجو پاڻ سان بي انصافي ڪرڻ پنهنجي ئي ان بي انصافيءَ جو غلام بڻجي وڃڻ آهي. جڏهن ته ٻين سان بي انصافي ڪرڻ غلام جو غلام بڻجي وڃڻ آهي. آه! بي انصافيءَ جو بوجهه کڻڻ ڪيڏو نه ڏکيو آهي.

شمادم: جيڪڏهن مان پنهنجي بي انصافيءَ جو بوجهه کڻڻ لاءِ راضي آهيان ته تنهنجو ان سان ڪهڙو واسطو آهي؟

ميرداد: ڇا ڪو بيمار ڏند وات کي چوندو ته جيڪڏهن مان پنهنجو سور برداشت ڪرڻ لاءِ تيار آهيان ته تنهنجو ان سان ڪهڙو واسطو؟

شمادم: اف! مون کي منهنجي حال تي ڇڏي ڏيو. بس مون کي منهنجي حال تي ڇڏي ڏيو. پنهنجو ڳرو هٿ مونکان پري رکو ۽ مون تي پنهنجي شاطر زبان جا چهبڪ نه هڻو. مون کي پنهنجا باقيءَ ڏينهن ائين ئي جيئڻ ڏيو. جيئن مان اڄ تائين جيئرو رهندو ۽ جدوجهد ڪندو آيو آهيان. وڃو پنهنجو اوتارو ڪنهن ٻي جاءِ تي وڃي اڏيو. پر هن ٻيڙي کي اڪيلو ڇڏي ڏيو. دنيا توهان ۽ توهان جي ٻيڙي ۽ منهنجي ۽ منهنجي ٻيڙي لاءِ تمام گهڻي ڪشادي آهي. سڀاڻي منهنجو ڏينهن آهي ۽ توهان پاسيرا رهو ۽ مون کي پنهنجو ڪم ڪرڻ ڏيو. مان توهان مان ڪنهن هڪ جي به دخل اندازي برداشت نه ڪندس.

خبردار شمادم جو پلاند به اوترو ئي خطرناڪ آهي، جيترو خدا جو. خبردار رهجو — خبردار —

نروندا: جڏهن اسان سردار جي حجري کان ٻاهر آياسين، مرشد آهستي سان ڪنڌ ڌوڻيو ۽ چيو:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"هي اهو ڏيئو آهي، جنهن کي هتن سان نه ڏاهيو ويو آهي، جنهن جي مان توهان کي دلي طور تي سفارش ڪيان ٿو. ان جي زيارت سان پنهنجي اکين کي روشن ڪيو ۽ ان مان پنهنجون شمعون روشن ڪيون. ڏسو اهو توهان جي پهچ ۾ آهي. ان جو نالو آهي ميرداد.

"ڪاش توهان ان جي روشنيءَ جي لائق بنجي وڃو."

پيغامبر اڃان پنهنجا آخري لفظ مس پورا ڪيا ته شمادم جيڪو ان جي پرسان ئي بيٺو هو، اوچتو ائين گم ٿي ويو، ڄڻ ڪو جن هجي. مرشد جو نالو وڏي هجوم ۾ جهنگ ۾ تيز هوا جي جهوٽي وانگر گونجي ويو. سڀئي ان جيئري ڏيئي کي ڏسڻ لاءِ بي قرار ٿي ويا. جنهن جو بتحار جي سلطان پنهنجي پيغام ۾ ايڏو دلڪش ذڪر ڪيو هو. تڏهن مرشد منبر جي ڏاڪڻ تي چڙهي هجوم کي مخاطب ٿيندي نظر آيو ۽ فوراً سامونڊي ڇولين جهڙو مائهن جو هجوم ائين پرسڪون ٿي ويو، ڄڻ ڪو هڪ ئي انسان هجي. پوري ڌيان سان ٻڌڻ لڳو. مشتاق ۽ خبردار بڻ.

تڏهن مرشد زبان کولي ۽ فرمايو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب سنتيهون

# مرشد جي ماڻهن کي تنبيهه

**(مرشد ماڻهن کي ٻاهه ۽ رت جي طوفان کان آگاهه ڪري ٿو. ٻچي نڪرڻ جي رستي ڏانهن اشارو ڪري ٿو ۽ ٻيڙي کي درياءَ ۾ وجهي ٿو.)**

ميرداد: توهان ميرداد کان ڇا ٿا چاهيو؟ پوڄا جي سونهن لاءِ هيرن سان جڙيل سونهري ڏيئا؟ پر ميرداد نه ته ڪو سونارو آهي ۽ نه ئي جوهري. جيتوڻيڪ هو هڪ روشنيءَ جو منارو ۽ هڪ بندر ضرور آهي.

يا توهان بد نظرن کان بچڻ لاءِ تعويذن جي ڳولا ۾ آهيو؟

هائو ميرداد وٽ تعويذ آهن، پر ڪنهن ٻئي قسم جا.

يا وري توهان روشنيءَ جي ڳولا ۾ آهيو ته جيئن توهان پنهنجي پنهنجي ڏئي نيل رستن تي سلامتيءَ سان هلي سگهو. دراصل اها ڳالهه ڏاڍي عجيب آهي. توهان وٽ سج آهي، چنڊ آهي، تارا آهن پوءِ به توهان کي ٿاٻو کائڻ جو خوف لاحق آهي؟ نه پوءِ توهان جون اکيون توهان جي رهبريءَ جي لائق نه آهن. يا وري روشني توهان جي اکين لاءِ ناڪافي آهي؟ توهان منجهان اهڙو ڪير آهي، جيڪو بنا اکين جي رهي سگهي؟ ڪير اهڙو آهي جيڪو سج تي بخيل (ڪنجوس) هئڻ جو الزام مڙهي سگهي؟

اها اک کهڙي ڪم جي جيڪا پير کي رستي تي هلندي ٿاٻو کائڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيستائين توهان ميرداد ڏانهن رجوع نہ ڪندؤ هيءَ زمين توهان لاءِ هڪ قبر ۽ آسمان ڪفن کان وڌيڪ ڪجهہ بہ نہ هوندا. جڏهن تہ هڪ ڪي توهان لاءِ پينگهو ۽ ٻئي کي هڪ تخت بنايو ويو آهي.

مان توهان کي وري چوان ٿو تہ توهان پاڻ ئي طوفان آهيو. توهان جي نفس جون خواهشون ئي طوفان آهن. توهان جو جسم ٻيڙي آهي ۽ توهان جو يقين ملاح آهي. پر انهن مڙني ۾ توهان جي ارادي جي قوت جو دخل آهي. توهان جي سمجهہ انهن مڙني تي ڦرندي رهي ٿي.

اها تسلي ڪري وٺو تہ توهان جي ٻيڙيءَ ۾ پاڻي تہ نہ ٿو اچي ۽ اها سمنڊ ۾ تارڻ جي لائق هجي. پر ان هڪ ئي ڪم ۾ سموري حياتي نہ گهاري ڇڏجو. نہ تہ توهان جي سفر جي شروعات جو وقت ئي نہ ايندو ۽ آخرڪار توهان ۽ توهان جي ٻيڙي ٻئي ان ئي جاءِ تي سڙي ڳري طوفان ۾ غرق ٿي ويندؤ. اهو يقين ڪري وٺو تہ توهان جو ملاح ڪامل ۽ پرسڪون هجي. پر ان کان بہ اهم ڳالهہ اها آهي تہ توهان "طوفان" جي سرچشمن جي ڳولا ڪرڻ سگهي وڃو ۽ پنهنجي ارادي جي قوت کي انهن کي هڪ هڪ ڪري سڪائڻ جي سگهيا ڏيو. اهيءَ ريت طوفان جو زور ٽٽي ويندو ۽ اهو آخرڪار ختم ٿي ويندو. ان کان اڳ جو خواهش توهان کي ساڙي وجهي. توهان ان کي ساڙي ڇڏيو.

خواهش جي وات ۾ اهو ڏسڻ لاءِ نہ نهاريو تہ ان ۾ زهريلا ڏند آهن يا ماکيءَ سان ڀريل ڄاڙيون. ماکيءَ جي جيڪا بہ مک گلن جو جوهر گڏ ڪري ٿي، انهن جو زهر بہ گڏ ڪري ٿي.

خواهش جي چهري ڪِي نہ ڏسو تہ اهو خوبصورتِ آهي يا بدصورت. حوا کي نانگ جو چهرو الله جي چهري کان وڌيڪ خوبصورت لڳو هو.

۽ نہ ئي خواهش کي ان جو وزن جاچڻ لاءِ ساهميءَ جي ٻن پڙن ۾ وجهو. وزن جي لحاظ کان ڇا هڪ تاج جو مقابلو هڪ جبل سان ڪري سگهجي ٿو؟ جڏهن تہ تاج اصل ۾ جبل کان وڌيڪ وزني هوندو آهي.

۽ ڪجهہ خواهشون اهڙيون بہ آهن، جيڪي ڏينهن جو پاڪ نغمو ڳائين ٿيون، پر رات جي پردي ۾ ڦوڪون ڏين ٿيون ۽ ڏنگ هڻن ٿيون ۽ اهي خواهشون جيڪي خوشيءَ سان ڀريل ۽ ڳريون هونديون آهن. جلد ئي غم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ڍانچن ۾ تبديل ٿي وڃن ٿيون ۽ اهي خواهشون جيڪي اڪين ۾ پرسڪون ۽ پنهنجي طبع ۾ پليون هونديون آهن، اوچتو بگهڙن ڪان وڌ بکيون ۽ لومڙ ڪان وڌيڪ چالاڪ بنجي وينديون آهن ۽ اهي خواهشون جن ۾ جيڪڏهن توهان دخل اندازي نہ ڪيو تہ گلاب ڪان وڌيڪ مٺي مهڪ ڇڏين ٿيون، پر انهن ڪي جيڪڏهن توهان ڇهو يا پيچي وٺو تہ انهن مان ڳريل لاشن جهڙي ڌپ ايندي آهي.

پنهنجي خواهشن جي سٺي يا خراب هئڻ جي جاچ پڙتال نہ ڪيو چوتہ سموري محنت ضايع ٿي ويندي. سٺيءَ جو خراب ڪان سواءِ ڪوبہ وجود نہ آهي ۽ خراب جي پاڙ رڳو سٺيءَ ۾ لڳي سگهي ٿي.

نيڪي ۽ بديءَ جو وڻ هڪ ئي آهي، ان ۾ ميوو بہ هڪ ئي ٿيندو آهي. بديءَ جو ذائقو چکڻ ڪان سواءِ توهان نيڪيءَ جو ذائقو نہ ٿا سڃائي سگهو.

جنهن ٿڻ مان توهان زندگيءَ جو کير چوسيو ٿا. اهو اهوئي آهي، جيڪو موت جو کير پيدا ڪندو آهي. جيڪو هٿ توهان کي پالڻ لاءِ لوڏي ٿو. اهو ئي هٿ توهان لاءِ قبر بہ کوٽي ٿو.

بيائيءَ جي اهائي فطرت آهي. منهنجا لاوارث ٻچڙؤ! ان کي بدلائڻ جي ڪوشش ۾ خودپسند ۽ ضدي نہ بنجي وڃو. بيوقوفيءَ ۾ ان کي ان خيال ڪان ٻن حصن ۾ نہ ورهائجو تہ جيڪو حصو توهان کي پسند آهي، اهو توهان رکي ڇڏيو ۽ ٻيو اڇلائي ڇڏيو. ڇا توهان ٻيائيءَ جا مالڪ بنجڻ چاهيو ٿا؟ ان کي نہ سٺو سمجهو نہ خراب.

ڇا "زندگي" ۽ "موت" جو کير توهان جي ڇپن ۾ ڪنو نہ ٿي ويو آهي؟ ڇا هاڻي اهو وقت نہ اچي ويو آهي. جڏهن توهان ڪنهن اهڙي شيءَ سان گرڙي ڪيو. جيڪا نہ سٺي هجي ۽ نہ خراب. پر ٻنهي ڪان مٿانهين هجي. ڇا هاڻي اهو وقت نہ اچي ويو آهي. جڏهن توهان ڪنهن اهڙي ميوي جي تمنا ڪرڻ لڳو، جيڪو نہ مٺو هجي نہ ڪوڙو، چوتہ اهو نيڪي ۽ بديءَ جي وڻ ۾ نہ ٿيو هوندو؟

ڇا توهان ٻيائيءَ جي جڪڙ ڪان آجا ٿيڻ چاهيو ٿا؟ تہ ٻوءِ ان جي وڻ کي — نيڪيءَ ۽ بديءَ جي وڻ کي — پنهنجي دلين مان ڪڍي اڇلايو —



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٥

هائو ان کي ان جي پاڙن ۾ تارين سميت ڪڍي اڇلايو ته جيئن ان جي جاء تي رباني زندگيءَ جو ٻج مقدس عرفان جو ٻج، جيڪو نيڪي ۽ بديءَ کان مٿاهون آهي، ڦٽي سگهي.

توهان چئو ٿا ته ميرداد جو پيغام افسردگيءَ وارو آهي. اهو اسان کي ايندڙ سپائي جي خوشيءَ کان محروم رکي ٿو. اهو اسان کي گونگو بنائي ٿو زندگي کان بي لوث بطور نظارگي محض ـــ جڏهن ته اسان جوشيلا مخالف ٿيڻ چاهيون ٿا. جوته داوَ تي پلي ڪجهه به لڳل هجي، پر مقابلي ۾ لهڻ جو پنهنجو ئي لطف آهي ۽ شڪار پلي ڪو فريب ڏيندڙ پاڇوئي ڇونه هجي، شڪار جي پٺيان ڊوڙڻ جو مزو ئي ڪجهه ٻيو آهي.

جڏهن توهان پنهنجي دلين ۾ ائين سوچيو ٿا ته اهو وساري ٿا ويهو ته جيستائين ان جو لغام سنين ۽ خراب خواهشن جي هٿ ۾ آهي، اهي دليون توهان جون پنهنجون دليون نه آهن. پنهنجي دلين جو مالڪ بنجڻ لاء پنهنجين سمورين نيڪ ۽ بدخواهشن کي محبت جي پاٺ ۾ ڳوهيو ته جيئن انهن کي توهان مقدس عرفان جي تنور ۾ پچائي سگهو. جتي سموري ٻيائي رب ۾ جذب ٿي ان سان ملي وڃي ٿي.

هاٺي ان دنيا کي جيڪا اڳي ئي گهٽي پريشان حال آهي، ان کي وڌيڪ پريشان نه ڪيو.

توهان ان کوهه مان صاف پاٺي ڪڍڻ جي ڪيئن ٿا اميد ڪري سگهو، جنهن ۾ هر طرح جو گند ڪچرو لڳاتار اڇلائيندا رهو ٿا؟ ڪنهن تلاءَ جو پاٺي ڪيئن صاف ۽ هڪ جاء تي بيٺل ٿي سگهي ٿو، جنهن ۾ توهان هر وقت گهمندا ڦرندا ۽ ان کي لڙاٿو ڪندا رهو؟

پريشان حال دنيا کان سڪون جي تمنا نه ڪريو. ڪٿي ائين نه ٿئي جو توهان جي جهولي پريشانيءَ سان ڀرجي نه وڃي.

نفرت سان ڀريل دنيا کان محبت جي گهر نه ڪيو. ڪٿي ائين نه ٿئي جو ان جو جواب نفرت ۾ اچي.

ساهه ڏيندڙ دنيا کان زندگي نه گهرو. ڪٿي ائين نه ٿئي جو اها طلب موت جي طلب سمجهي وڃي. دنيا توهان کي پنهنجي سڪي کان سواء جيڪو به طرفو سڪو آهي. ڪنهن ٻئي سڪي ۾ ادائيگي نه ٿي ڪري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سگهي.

پر هائو! جيڪو ڪجهہ بہ گهرٽو آهي. ٻنهنجي لامحدود خدائي ذات ڪان گهرو. جيڪو پر سڪون عرفان سان ڀرپور آهي.

جنهن شيء جي گهر توهان ٻنهنجو پاڻ ڪان نہ ٿا ڪيو. ان جي طلب دنيا ڪان بہ نہ ڪيو. نہ ئي ڪنهن انسان ڪان ڪا اهڙي گهر ڪيو. جيڪا توهان نہ ٿا چاهيو تہ ڪو توهان ڪان گهري. ۽ اها ڪهڙي شيء آهي. جيڪا جيڪڏهن توهان کي سموري دنيا ڪان ملي بہ وڃي تہ توهان جي طوفان تي فتح حاصل ڪرڻ ۽ ان زمين تي لهڻ ۾ توهان جي مددگار ٿيندي. جيڪا ڏک ۽ موت سان ٻنهنجو ناتو ڇني چڪي آهي ۽ جنهن ابدي محبت ۽ عرفان جي سڪون لاء عرش سان ناتو جوڙي ڇڏيو آهي. ڇا اهي جائدادون آهن؟ اقتدار آهي؟ شهرت آهي؟ ڇا اها حڪومت آهي؟ نالو ڪمائڻ آهي؟ عزت آهي؟ ڇا اها پوري ٿيل حسرت آهي ۽ پوري ٿيل اميد آهي؟ پر انهن مان هر هڪ اهو سرچشمو آهي. جيڪو توهان جي طوفان جي پرورش ڪري ٿو. انهن ڪان پري رهو منهنجا لاوارث ٻچڙؤ- پري گهڻو پري رهو.

خاموش رهو تہ جيئن صاف رهي سگهو.

صاف رهو تہ جيئن توهان دنيا جو صاف طور تي نظارو ڪري سگهو. جڏهن توهان دنيا مان هن پار صاف صاف ڏسندؤ تہ توهان کي معلوم ٿيندو تہ جيڪا نجات. سڪون ۽ زندگي توهان دنيا ڪان چاهيو ٿا. ان کي ڏيڻ ۾ اها ڪيتري قدر نادار ۽ توفيق ڪان خالي آهي.

دنيا توهان کي جيڪي ڪجهہ ڏيئي سگهي ٿي اهو آهي فقط هڪ جسم — هڪ ٻيڙي جنهن جي ذريعي ٻئي زندگيء جي سمنڊ کي پار ڪرڻو آهي. جنهن لاء توهان دنيا جي ڪنهن بہ انسان جا قرضدار نہ آهيو. هن جسم کي ڏيڻ ۽ ان جي پرورش ڪرڻ جي زميواري ڪائنات جي آهي. ان کي سٺي حالت ۾ ۽ طوفان جي ڇولين جا حملا برداشت ڪرڻ جي لائق بنائي رکجو. انهن اندروني خوفناڪ جانورن کي ائين ئي ڳٽ وجهي پوري ضبط ۾ رکجو. جهڙيء ريت حضرت نوح جانورن جي ڳچين ۾ ڳٽ وڌا هئا ۽ انهن کي پوري ضآبطي ۾ رکيو هو. اهو توهان جو فرض آهي صرف توهان جو.

روشن اکين وارو خبردار قسم جو اعتماد رکجو. جنهن اعتماد کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڻهن لاءِ روشنيءَ جو منارو هوندو جيڪي پاڻ تي سوڀ حاصل ڪرڻ جا مشتاق آهن. ان جو توازن شراب جي مٺن ۽ رس ڪيندڙ اوزارن جي وزن تي قائم نہ هوندو، پر هر هڪ شيءِ ۾ هر هڪ لاءِ محبت سان ڀريل دلين تي قائم هوندو ۽ نہ ئي ان ٻيڙيءَ ۾ ايراضين ۾ متحرڪ جائدادن يا سون ۽ چانديءَ ۽ جواهرن جو بوجهہ هوندو پر ان ۾ پنهنجي پاڇن کان آزاد ٿيل عرفان جي روشني ۽ نجات جي لباس ۾ ڍڪيل روح هوندا.

توهان منجهان جيڪي بہ "زمين" سان پنهنجو ناتو ڇنڻ چاهين ٿا ۽ جيڪي رب ۾ جذب ٿيڻ چاهين ٿا ۽ اهي جيڪي پاڻ تي فتح حاصل ڪرڻ جا مشتاق آهن، اچو هن ٻيڙي ۾ سوار ٿيو.

ٻيڙو تيار آهي.

هوا بہ موافق آهي.

سمنڊ پرسڪون آهي.

اها تعليم مون نوح کي ڏني هئي،

اهائي تعليم مان توهان کي ڏيان ٿو.

نروندا: جڏهن مرشد واعظ ختم ڪيو تہ هيل تائين خاموش ٿيل ميز ۾ هڪ سرسراهٽ پکڙجي ويئي، جڻ مرشد جي واعظ دوران انهن پنهنجا ساهہ روڪي ڇڏيا هئا.

پوءِ جاءِ جي ڏاکڻ تان لهڻ کان اڳ مرشد سڀني ساٿين کي سڏايو ۽ پنهنجو رباب گهرايو ۽ انهن سان گڏجي نئين ٻيڙي جو حمديہ گيت ڳائڻ شروع ڪيو. هجوم ان جي لئہ ۾ شامل ٿي ويو ۽ هڪ زبردست ڇوليءَ وانگر ان جي مٿي لئہ عرش کي ڇهڻ لڳي.

هل منهنجا ٻيڙا — رب تنهنجو ناکئو.

هتي ڪتاب جو اهم حصو ختم ٿيو جنهن جي دنيا جي لاءِ ڇپرائڻ جي مون کي اجازت ملي آهي. جيستائين رهيل جو تعلق آهي ان جو وقت اڃان نامي آيو. ميخائيل نعيمي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي سچڻ سيئي - ميخائيل نعيمي

ڪتاب جو خالق، ميخائيل نعيمي، جبران خليل جبران جو گهاٽو دوست ۽ سندس جيون - ڪٿا جو ليکڪ آهي. 'هي سچڻ سيئي' (ڪتابِ ميرداد) سندس روحانيت مائل بهترين تخليق، جيڪا 'پيغامبر' جي جوڙ جهڙي آهي. ميخائيل نعيمي ۳۱ ڪتابن جو ليکڪ آهي ۽ سندس مڙئي ڪتاب عرب ملڪن ۽ مغربي دنيا ۾ مڃتا ماڻي چڪا آهن. پر سندس ٻين ڪتابن کان وڌيڪ ٻولين ۾ ترجمو ٿيل هي ئي ڪتاب آهي. هُن شعر، ناٽڪ، تنقيد، ڪهاڻين ۽ جيون ڪٿا جي صنفن تي ڀرپور لکيو آهي.

هي سچڻ سيئي (ڪتاب ميرداد) جي مطالعي سان شڪ شبهي جي ڪابه گنجائش نه ٿي رهي ته ڪتاب زياده تر روحانيت جي ترغيب ڏيڻ واري واعظ سان ڀرپور آهي. ان ڪان سواءِ ان ۾ ڊرامائي مقالمه واقع قدرتي نظارن جي عڪاسي ۽ نظمن ڪي نهايت خوبيءَ سان ڪتب آندو ويو آهي. جنهن سان ڪتاب رنگ برنگي فن پارن جو هڪ هار ٻڻجي پيو آهي. ڪيترين جاين تي واعظ ۾ فلسفي ۽ روحانيت جي معاملن جي گهرائي ۽ باريڪي تيز فهم پڙهندڙن لاءِ به سمجهه کان ٻاهر ٿيو پوي.

۱۵

سنڌ ادبي اڪيڊمي، ڪراچي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پڙهندڙ نسُل . پ ن

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪ ”لُڙهندَڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندَڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نسل (پَڻَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَڻَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَڻَ بہ مختلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾پَڻَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَڻَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَڻَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَئَڻ پاران ڪتابن ڪي ڊِجيِٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن ڪي ڊِجيِٽائِيز ڪرڻ ڪان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَئَڻ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

**The Reading Generation پڙهندڙ نَسُل . پ نَ**

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکَڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو بوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄ ڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ جي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪچي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻجاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ بين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

**توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.**

وڻ وڻ کي مون ياکي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book